# انڌا اونڌا ويچ

## رسول بخش پليجو


پهريون ڇاپو: 1967ع

ٻيون ڇاپو: 1988ع

ٽيون ڇاپو: 1996ع



سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب

Sindhi Awami e-Books

انڌا اُونڌا ويڄَ! ڪَلَ ڪُڄاڙيا ڪانئِين؟
اسان ڏکي ڏِيل ۾، تون پيارِئين پيڄَ؟
سُوري جنِين سيڄَ، مرڻ تن مُشاهِدو.

# انتساب

**پنهنجي همسفر**

**۽ ساٿي**

**سڄاڻ اديب ۽ دانشور**

## محترم رشيد ڀٽيءَ جي نالي

**رسول بخش پليجو**

ٽيڪسٽ اِنٽري ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

# ٻه اکر

محترم رسول بخش پليجي جو هيءُ ڪتاب ”انڌا اونڌا ويچ“ سنڌي زبان ۾ تنقيدي ادب ۾ لکجندڙ ڪتابن ۾ اهم تحرير طور ڳڻيو وڃي ٿو. جڏهن اسان وٽ سنڌي ۽ سنڌي زبان ۾ ترقي پسنديءَ جو رجحان وڌڻ لڳو ۽ اسان جا نهايت ئي پيارا قلمڪار پنهنجي تحريرن ذريعي، ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ جي بنيادن تي تعمير ٿيل ڪوٽن تي پنهنجا قلمي وار ڪري، انهن کي ريزا ريزا ڪرڻ لڳا ۽ سمورين بدعتن، پراڻين ريتن ۽ رسمن خلاف، پنهنجي تحريرن ذريعي جهاد ڪرڻ لڳا ته ان سڄي جدوجهد، ان سچي قافلي جا رستا روڪڻ لاءِ هر طرح جون، هر طرف کان هلائون ٿيڻ لڳيون، ۽ ان سرجندڙ ادب تي ڪفر ۽ الحاد جا بهتان مڙهي، انهن جي لکندڙن کي توبهه تائب ٿيڻ لاءِ مجبور ڪرڻ جي هڪڙي چڻ تحريڪ اٿي پئي ۽ سمورا رجعت پسند، دقيانوس گڏجي متحد ٿي بيهي رهيا ۽ پنهنجن سمورن قلمي ڪاتن کي نئين طرح سراڻ چاڙهائي، نڪري پيا ۽ سنڌي زبان ۾ تخليق ٿيندڙ سموري ترقي پسندي ۽ نواڻ پسند ادب کي روڪڻ ۽ ان جون راهون رد ڪرڻ لاءِ هر طرح جا حيلا هلائڻ لڳا ته اهو ادب عام تائين نه پهچي، ڇو ته عام ماڻهو ته انهن جي قلمي جادوگريءَ ۽ سحر جي اثر هيٺ ننڊ ڪري رهيو هو ۽ ترقي پسند قلمڪار ته جاڳ جو نياپو کڻي نڪتا هئا، ۽ هر تحرير ۾ رڙيون ۽ واڪا ڪري ڪين ڇئي رهيا هئا ته ننڊ ۾ نهوڙيل آدميو! جاڳو! هيءُ زمانو اوهان جي جاڳ جو آهي ۽ انهن جي جاڳ سان، انهن ۾ ايندڙ سجاڳيءَ سان، سڄي سلسلي ۾ رخنو پئي پيو، جيڪو هنن ٺيڪسات ٺاهيو هو، اهو ٿي ريزا ريزا ٿيو، ان ڪري اسان وٽ اسان جي ادب ۾، هڪڙي وڏي ويڙهه، هڪڙي وڏي جنگاڻ ڇڙي پئي، هر ڌر جو وڪيل پنهنجا پنهنجا دليل ڏئي، پنهنجي پنهنجي ڌر جي نه رڳو وڪالت ڪرڻ لڳو پر ان جي بچاءَ ۽ واڌاري لاءِ به جستجو ۾ رهيو، ”انڌا اونڌا ويچ“ به اسان جي ان وقت جي پنهنجي ڌر جي بچاءَ ۾ لکيل اها تحرير آهي، جيڪا اسان جي ادب ۾ هميشه يادگار حيثيت طور رهندي. ڇو ته ان ۾ هڪڙي وڪيل، پنهنجي ڌر جي بچاءَ لاءِ جيڪي وزنائتا ۽ بهترين دليل ڏئي هي ڪتاب لکيو، ان ڪتاب ان زماني

۾ ان ڏر جو ڳاٽ اوچو ڪري ڇڏيو ۽ ترقي پسند ادب سرجڻ ۾ جيڪي رڪاوٽون وڌيون ويون هيون، اهي هٽائڻ لاءِ ڇڻ سڀ نڪري پيا، پر ان سلسلي ۾ مولانا غلام محمد گراميءَ جو شاهڪار مقالو مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات ۽ انڌا اونڌا ويچ جهڙيون ٿيل ڪوششون امر رهنديون.

ان معرڪي ۾ اسان جي ڌر کي فتح نصيب ٿي يا شڪست؟ ترقي پسند اديب جنهن جي وڪالت ۾ هي ڪتاب لکيا ويا، اهي پنهنجي نظريي ۽ فڪر تي ڪاربند رهيا يا نه اهو فيصلو به وقت ڪري چڪو آهي ۽ هماليه سڌجڻ وارا ريزا ريزا ٿي پيا آهن. خود اسان جو محترم رسول بخش پليجو صاحب به هن وقت ان ماڻهوءَ جو مخالف آهي، جنهن جي حمايت ۾ هن هي ڪتاب لکيو هو ۽ اها ڪيڏي نه ستم ظريفي آهي جو اياز کي ڪالهه جنهن مورچي مان تير هنيا ويندا هئا ۽ گرامي، پليجي جهڙا ماڻهو ان جا محافظ هئا، اڄ ان مورچي جو سرواڻ خود اسان جو اياز آهي ۽ ان جا ڪتاب به اها ڌر ڇپائي رهي آهي. جن جو هو ڪڏهن وڏي ۾ وڏو مخالف هوندو هو.

ان صورتحال ۾ به هن ڪتاب جي اهميت ۽ حيثيت اهائي رهندي جو ته ان ۾ اياز جي ترقي پسندي ۽ شروعاتي زماني جي شاعري (جڏهن هن تي هلائون ٿينديون هيون) جي وڪالت ٿيل آهي ۽ سمورن ترقي پسند لاڙن، مثبت سوچن ۽ خيالن جي بچاءَ جي ڳالهه ڪيل آهي. ۽ ان لاءِ هن دليل بازيءَ ۾ دنيا جي ادب کي آندو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته اسان جو ادب، سڄي دنيا جي ادب جيان، سمورن ماڻهن جي دلين جو ترجمان آهي ۽ اها ڳالهه سدائين امر رهڻي آهي، سچي ۽ سٺي ڳالهه هر ماڻهوءَ کي پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪرائي متوجه ڪري ٿي ۽ ماڻهو ان جي صداقت ۾ ايمان ٿا آڻين، جيتوڻيڪ ڳالهه ڪندڙ ڏانهن به ڌيان وڃي ٿو ۽ ان سان خود چوندڙ کي جڏهن سهمت ۽ ڪاربند ڏسجي ٿو ته ان ڳالهه جو وزن اجان به ٿئي ٿو. پر جي ائين ناهي ته اهڙي بدقسمتيءَ تي روئڻو به پوي ٿو!

هي ڪتاب ان سچي معرڪي جي ڇڻ ياد ڏياري ٿو. اها ويڙهه اجان هلي ٿي پئي. اجان به ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي موقف جي تائيد ۾ پنهنجي پنهنجي قافلي ۾ نوان ۽ تازه دم ماڻهو پرتي ڪري رهيون آهن ۽ اها

ويڙھ هلندي رهندي. سچ جون راهون روڪڻ لاءِ ڪوڙ اڳي ڪان ٻہ وڏيڪ پنهنجي جاھ و جلال سان جرڪي ۽ مرڪي رهيو آهي ۽ ويچارو سچ ڪنڊ جهُڪايو اسان ڏانهن پيو نهاري!

ڪڏهن ڪڏهن اسان وڏيون وڏيون ڪوڙيون ۽ بي بنياد ڳالهيون ٻڌي ٻہ انهن کي سچ سمجهڻ لڳندا آهيون ۽ ڪنڊ ۾ ڪنڊ لاڙي ويٺل سچ کي ڏسي نہ سگهندا آهيون، ۽ اڄ بہ ائين پيو ٿئي ۽ اسان سمورن کي للڪاري ۽ پڪاري پيو چوي تہ ڪوڙ تہ مون کان وڏيڪ چلڪٹو ۽ چمڪٹو ٿي پيو آهي، ماڻهو مونکي ڪيئن سڃاڻيندا؟ او ڏاها اٿو، ماڻهن کي سچ ۽ ڪوڙ ۾ تميز سيکاريو.

آءٌ ٿورائتو آهيان مسٽر رسول بخش پليجي جو، جنهن هي ڪتاب اشاعت لاءِ ڏنو، جنهن جي هن تازي ايڊيشن مان، اسان جا ڪيترائي پڙهندڙ چڱو لاڀ حاصل ڪري چاڻ وٺي سگهندا.

**ناز سنائي**

سن، ضلع دادو سنڌ

10 مئي 1996ع

# بئي ڇاپي جو مهاڳ

غنڊاگرديءَ لاءِ نفرت قدرتي ڳالهه آهي. پاڻ ئي غنڊاگردي ٿيندي ڏسي ان کي قدرتي ڳالهه سمجهي چپ چاپ برداشت ڪري وڃڻ، ان سان ويڙهه ڪرڻ جي ڪوشش ئي نه ڪرڻ وارو به گهٽ ڏکار جوڳو ڪونهي. پر زندگيءَ ۾ جيڪا شيءِ مون کي سڀ کان وڌيڪ ڏکار جوڳي لڳندي آهي سا آهي اهو معزز ۽ شريف ماڻهو جيڪو اکين اڳيان غنڊاگردي ٿيندي ڏسي ٿو ۽ جيڪڏهن ٿورو ذاتي خطرو کڻي ته غنڊن کي روڪي سگهي ٿو يا گهٽ ۾ گهٽ سندس رنگ ۾ ڀنگ وجهي سگهي ٿو. پر هو اهڙي لا تعلقيءَ ۽ شان بي نيازيءَ سان اتان پاسو ڏيئي لنگهي وڃي ٿو ڄڻ ته نه ڪجهه ٻڌائين ۽ نه ڪجهه ڏٺائين. ڄڻ ته ڪجهه به نه پئي ٿيو! مونکي ماضيءَ جي ڪوهيڙي وچان اڄ به ڪڏهن ڪڏهن اهو ائنترو ننڍو ڇوڪرو ڪٿان پري کان نظر اچڻ لڳندو آهي جيڪو مٽي ڦريل هئڻ ڪري پاڻ کان گهڻو گهڻو وڏن ڇوڪرن يا مردن کي ڀارن، ماين، گابن يا ڪتن کي بي درديءَ سان ماريندو ڏسي يا پاڙي جي ڪنهن غريب عورت کي ذليل ڪندو ڏسي بگڙي پوندو هو، ۽ "نالائق ۽ بي حيا" بنجي پاڻ وڏن کي سامهون ٿي پوندو هو. سندن گارين، چماٽن ۽ ڏکن جي وسڪاري ڪانپوءِ اٿي پڇندو هو ۽ گاريون ڏيندو، پٿر اڇلائيندو، هي اڳيان هو پويان، ("اجهو پهتو! اجهو پهتو! ۽ جي هي پهچي ويو ته پوءِ؟ پيٽسان مري وياسين! يڃ ته ڀڄون!")، ڪنڊن ۽ ڪرڙن تان، ٻڌن، چال، گهتون ۽ گوهيون ڏيندو، ڪپڙا ليڙون ليڙون ڪرائيندو، ڪڏن ڪوڻن ۽ ڪنڊن ۾ ڪرندو، گوڏا رهڙائيندو، سڄي بدن تي ڪنڊا لڳرائيندو، سوسٽ ڪندو پيو ويندو هو ۽ نيٺ پنهنجي دنير جيڏن وڏن پيڇو ڪندڙن کان جند ڇڏائي، ساه مان پرجي، ڦاڻ ٿي، ڪنهن پٽ جي پاسي ۾ ڪري پوندو هو ۽ بدن جي رهڙن پيل ۽ ڪنڊن لڳل حصن کي هٿ لائي ڏسڻ ۽ سهڪڻ لڳندو هو. اڄ ڏينهن تائين آءٌ پنهنجي اها ٻالپڻ جي عادت ڇڏي نه سگهيو آهيان ۽ نه ڪڏهن ڇڏڻ جو ڪو خيال آيو اٿم. البت "دخل در معقولات" جي سطح ڪجهه بدلجي وئي آهي.

پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ هن ملڪ جي ماڻهن ۽ خاص ڪري سنڌي ماڻهن سماجي، سياسي ۽ اقتصادي غنده گرديءَ جي ماحول ۾ گذاريو آهي. چي، "توهان ماڻهن انگريزن مان جند ڇڏائي آهي! سٺو ٿيو. شاباس! هاڻ حڪومت انگريز بدران اسين انگريز جا پراڻا تابعدار ۽ نمڪ خوار مڪاني صاحبلوڪ ڪنداسين. اوهين پنهنجا شهر خالي ڪريو، پنهنجي ٻولين ۽ زمينن تان هٿ کڻو، ڳالهائڻ بند ڪريو، رڳو ٻڌو ۽ تعميل ڪريو. سيئي ٿيڙ پنهنجي "محب وطن" ڀائرن جي حوالي ڪري، اوهين وڃي تغاريون کڻو ۽ گڏهن تي ڪاٺيون لڏيو ۽ بهشت جا حقدار بنجو. فوج جي غازين جا لانگ بوٽ پنهنجين ڇين سان چٽي صاف، لسا ۽ چلڪٽا بنايو. پنهنجي ملڪ سان وفاداريءَ جو ثبوت ڏيو، شاباس! جلدي ڪريو! جلدي جلدي صحيح پاڪستاني ۽ سچا مومن بنجي وڃو! نه ته . . . ." "اسلام دوستيءَ"، "محب وطنيءَ" ۽ "نظريه پاڪستان" وڻ گهوڙو ٻڌڻ تٿي ڏنو ۽ ڪڪڙ ڪاٺ پئجي ويا. گهڻن ماڻهن کي اها خبر ئي ڪانه پئي ته ملڪ مان انگريزن سان گڏ ٻيا ڪيترا ماڻهو ۽ ڪيتريون ڳالهيون به لڏي ويون هيون. اصل به انهن ۾ هو. ان ڪري بازار مان هر اهو ماڻهو، شيءِ ۽ ڳالهه غائب ٿي ويئي جيڪا اصل هئي ان جي جاءِ تي هندستان مان آيل انساني ٻوڏ جي پاٽيءَ مٿان ترندو نقل اچي پهتو ۽ سڄو ملڪ نقلي ماڻهن، نقلي شين ۽ نقلي ڳالهين سان سٽجي ويو. ٻين ڳالهين سان گڏ ماڻهن جا نالا به ڦري ويا ۽ نالا وٺڻ جو ڍنگ به بدلجي ويو. هاڻي جنت سمي يا سومري ڦري سمو جنت ۽ سومرو جنت ٿي پيئي. نقل جو نالو سندس سلڇٽين ۽ سدورين ڏين جي نالن اڳيان لکجڻ لڳو – نقلي فلاڻي، نقلي ٽيرڙي.

اهي هئا گهر جا چاڳ جا نالا – وڏي پسندي، ننڍي پسندي ۽ پرستي، پر هو سدائين پنهنجو نالو وڏو ڪري وٺنديون هيون. ڪو گهر جي نالي سان سڏيندو هون ته سڏ ئي ڪونه ڏينديون هيون – چي، سچا نالا وٺو –– اسلام پسندي، ترقي پسندي، قوم پرستي.

سندن نالن ۾ دستور موجب پيءُ جي نالي گڏڻ کان به الائي چو سخت لهرائينديون هيون. پر ماڻهو دستور موجب سندن پيءُ سميت سڄو نالو وٺندا هئا. سو هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن نقل خان جي نياڻين نقلي

اسلام پسندي ۽ نقلي ترقي پسندي جي پل پلان هئي، نقلي قوم پرستي اڃا ويچاري ڦنڊا ۽ سرڪڻ ڦاهيون ٺاهڻ پئي سکي.

سنڌ ۾ ٿن ڏينهن خاص ڪري نقلي اسلام پسنديءَ جون رڙيون هيون. اصل ملڪ ٺاپيو ٿي مارپائين ـــ جيڪو پاسي تان لنگهندو هو تنهن کي جهلي خاص تيار ڪيل ڪفر جي فتوا چنبڙائڻ جي مشين (اهڙي مشين اڄڪلهه نقلي قوم پرستي به پئي هلائي) مان ڪا نه ڪا فتوا ڪيس چنبڙائي ڇڏيندي هئي. ماڻهو سندن پٺن تي چنبڙايل فتوا جون ليبلون پڙهي، پري کان چوندا هئا ”او اهو پيو وڃي ڪافر پارٽي ايجنٽ! اڄهو روس جو ايجنٽ اچي ويو اڙي هو ڏسو! هو ڏسو! ملحد ۽ دهريو پيو وڃي!“ اصل رڙيون ۽ ڪوڪرا هوندا هئا. ماڻهو ويچارا ڊپ کان منهن ويڙهيو لڪندا گهمندا هئا.

آءٌ ٿن ڏينهن (1964 ـــ 1963ع ڌاري) ٺٽي ۾ تنقيدي خط ۽ مضمون لکندو هوس ۽ وڪالت ڪندو هوس. هيءَ قلمي غنڊاگردي ڏسي، پڌي ۽ پڙهي منهنجي اندر ۾ لڪل متي ڦريل، ائنٽرو نديو ڇوڪرو ٽپ ڏيئي اچي اڳيان بيهندو هو ۽ سندس هٿ غنڊن کي هٽڻ لاءِ بي اختيار ڪو پٿر ڳولڻ لڳندا هئا.

هڪڙي ڏينهن شمشير ڪاهيندو پوريندو اچي ٺٽي نڪتو. ”ابا، خير؟“ چي مڙيئي خير آهي. هيترا ڏينهن پيو چوندو آهين ته هنن بدمعاشن کي ڪفر جي الزامن جو هيئن جواب ڏيڻ کپي، هونئن ڏيڻ کپي، سو دوستن موڪليو آهي ته اهو توکان ئي لکائي ڪٺي اچان ـــ سو لکي ڏي.“ مون کي ڪيس هئا. واندڪائي ڪانه هئي ـ پر ٿن ڏينهن وارو شمشير پيو هوندو هو. جن ڇڏي پوت ڇڏي شمشير نه ڇڏي.

ڪا اخبار مضمون ڇپڻ لاءِ تيار نه هئي. سو ويچاري ”خادم وطن“ کي ڏورڻ ڏيٺو پيو. ويچاريءَ جون ڪاپيون ڇپبيون هيون ڪي ڳاڻ ڳٽيون، بس رڳو رڪارڊ جي پورائي لاءِ. قسطون ڇپيون ته ماڻهو پڙهڻ لڳا. دوست ٿورا، مخالف گهڻا.

گهڻي وقت ڪانپوءِ ڪيس مس مس ڪتابي صورت نصيب ٿي. پهريون ڇاپو هٿو هٿ کپي ويو. ٻيو ڇاپو ڪن سببن ڪري ڇاپائڻ جي

موڪل نٿي ڏنيم. هينئر دوست وري آيا ته موڪل ڏي ته ڇاپيون. ڇيم پڙهي ڏسان ـــ زماني ڪانپوءِ پنهنجي پراڻي لکت پڙهي ماڻهوءَ تي عجيب ڪيفيتون طاري ٿين ٿيون ـ ڪئين وسريل ڳالهيون، ماڻهو، حالتون ۽ زمانا ياد اچي وڃن ٿا. مون سان به ائين ٿيو. جي پڙهندڙن کي ڪتاب پڙهي اهو احساس ٿيو ته جسماني، ذهني ۽ روحاني غندہ گردي گندي شيءِ آهي ۽ ان کي جتي ڏسجي ان سان مقابلو ڪرڻ کپي ته پوءِ ڪتاب ٻيهر ڇاپڻ سجايو ٿيندو.

18 فيبروري 1988ع

**رسول بخش پليجو**

# ڀرين ڇاپي جو مهاڳ

اديب جي قلم جو مکيه ڪم آهي ادب تخليق ڪرڻ. پر ڪڏهن ڪڏهن اهڙو به وقت ايندو آهي جو رڳو ادب تخليق ڪندو رهڻ ئي ڪافي نٿو رهي. بلڪ اهو ضروري ٿيو پوي ته اهو ڪم ڇڏي ڀريائين کو پيو ڪم ڪجي. اهڙا وقت تڏهن ايندا آهن جڏهن قلم کان لکڻ جو حق کسڻ لاءِ ڪوششون ٿينديون آهن. جڏهن اهڙو منحوس وقت اچي، تڏهن اديب جي قلم جو سڀ کان وڏو، سڀ کان ڀريون ۽ سڀ کان مقدس فرض اهو آهي ته هو پنهنجي پيدائشي حق جو بچاءُ ڪري، ان لاءِ لڙي ۽ حملو ڪندڙ جي هٿيارن کي مُڏو ڪري.

جيڪڏهن ڪو اديب ائين نٿو ڪري ته اُن جو مثال ان هاريءَ وانگر ٿيندو، جيڪو پنهنجي اکين سان پوکيل قيمتي فصل کي جانورن هٿان ڀيلجندو پيو ڏسي، پر چپ ڪيو رونبي ۾ لڳو پيو آهي، ۽ چوي ٿو، "منهنجو اصل ڪم آهي فصل پوکڻ ۽ لڻڻ، تنهن ۾ لڳو پيو آهيان، باقي جانورن کي تڙڻ ڪيڻ سان منهنجو ڪهڙو واسطو!"

ڪن جو خيال آهي ته هرڪو پنهنجي جزا سزا لوڙيندو. ڪو اڳرائي ڪري، ته ان سان ان جهڙو نه ٿجي. جيڪڏهن ذاتي معاملن ۾ ائين ڪري سگهجي ته اهو چڱو. پر جتي سڄيءَ قوم جو نقصان ٿئي، جڏهن اعليٰ مقصدن کي صدمو رسي، تڏهن "هو چونئي، تون مَ چئو" واري هلت نه رڳو نامناسب آهي، پر نهايت قوم دشمن به آهي. اها فراخدلي نه، پر قوم سان، وطن سان، پنهنجي اعليٰ انساني مقصد سان بي وفائي بلڪ غداري ٿيندي، جو اهڙي حالت ۾ چپن کي چنو لائي ويهي رهجي.

اديب کي پيار ۽ محبت جو علمبردار ٿيڻ کپي. پر خود ان محبت جي تقاضا آهي ته جن شين سان هو پيار ۽ محبت رکي ٿو، تن سان وير رکندڙ سان نفرت ڪئي وڃي. جنهن کي سونهن، سچ ۽ حق جي ويرين لاءِ نفرت ۽ ڌڪار ناهي، سو چئبو ته سچو پچو پيار نٿو ڪري. اهڙي قسم جي نفرت ۽ ڌڪار کي مقدس سڏيو ويو آهي.

ڪجھ سال اڳ، جديد سنڌي ادب خلاف هڪ نهايت خطرناڪ ۽ گمراه ڪندڙ مهم شروع ڪئي ويئي. سنڌي عوام کي جاهل رکڻ، کين پنهنجي سجاڳ ۽ هڏڏوکي اديبن کان بدظن رکڻ لاءِ مڪر، فريب، بهتان طرازي، ۽ چغلخوريءَ جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ويا.

ان صورتحال جي سنگين نتيجن کي محسوس ڪري، محترم رسول بخش پليجي روزانه "خادم وطن" ۾ انهن حملن جا جواب ڏنا. اهي معمولي ڦيرگهير سان اوهان جي اڳيان موجود آهن.

بحث مباحثو برو به آهي ته سٺو به، گهٽ ۾ گهٽ هن بحث مان ايترو فائدو ٿيو جو "انڌا اونڌا ويڄ" جهڙي بي مثال شيءِ پيدا ٿي.

هي ڪتاب سنڌي جي هڪ هڏڏوڪيءَ، وطن دوست ۽ دلير اديب جي وسيع مطالعي، انهيءَ ادبي سوچ ۽ شوخ قلم جو شاهڪار آهي. هيءَ هڪ پنهنجي ليکي نرالي ادبي صنف آهي، جنهن تي في الحال ڪو به نالو رکڻ ممڪن ڪونهي. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته جڏهن پڙهندڙ انکي پڙهي ختم ڪندو، تڏهن هو ذهني طور پاڻ کي بلڪل نئون ماڻهو محسوس ڪندو.

حيدرآباد سنڌ **ابن حيات پنهور**

8 جولاءِ 1967ع

# (1)

متو آهين مڇ، ٿلهو تيــو ٿونا هٽين،
تو جا پانئي اڇ، تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا.
(لطيف)

ڪجهه ڏينهن کان سنڌ ۾ پاڻ هرتڙن نقادن جي هڪڙي ٽوليءَ موسمي مچرن وانگر اوچتو وني منهن ڪڍيو آهي، جي پاڻ کان وڏيون قلمي بٽچيون ڪٽي، ملڪ ۾ ڪاهي پيا آهن، ۽ هنبوڇيون هڻندا، رنيون ڪندا، ٺاڏون ڏيندا، جيڪو ڪو سامهون ٿو اچين، تنهن کي سٽيندا، ڪٽيندا، ڏاڙهيندا وڃن. وڏا پهتل، وڏا ادبي اولياءَ، ڪانيءَ ڪرامت جا ڌڻي، ٿئي ٿيندي جي خبر، اکيون ڇڻ ته ٽاندا، منهن تي مصنوعي جلال، "اسلام! اسلام!" "مذهب! مذهب!" "اخلاق! اخلاق!" جا نعرا، "بچايو! بچايو!"، "جهليو! پڪڙيو!" جا واڪا ــ ايڏو ته ڌمچر مچايو اٿن، جو ماڻهن جا ساهه سڪي ويا آهن. ڪير آهي، جو هنن خدائي فوجدارن، مذهبي ٺيڪيدارن، ليسن بردار اديبن، اُڦٽ مار عالمن، ڪڪڙ ڪاٺ ۾ وجهندڙ تيس مارن جي سامهون ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي سگهي! چؤطرف "الامان" ۽ "نفسي! نفسي!" جي پڪار آهي. هرڪو پيو ڪنبي ته ڪڏهن ٿي اها ڇٽ پوليس مون تي اچي ڪڙڪي. خدا جي پناهه! هڪ هٿ ۾ نونٺ جيڏا ادبي پروانا ۽ راهداريون، ٻئي ۾ جهالت ۽ تنگ نظريءَ جا شاهي ڏنڊا، شيطان جي آنڊي جيڏن لقبن جون گردن ٽوڙ پريون مٿن تي، تعصب ۽ حسد جون چريون بغلن ۾، سڙيل ڳريل پاروٽن ۽ زهريلن خيالن جا ڪوترا پنن تي، مڪر ۽ ريا جا وڏا ڊگها جاما لوڏيندا، خدا جي خلق ۾ ڪاهي پيا آهن. ڪو شاعريءَ جو بابو آدم ۽ فردوسي، ڪاليداس ۽ شيڪسپيئر جي استادن جو استاد ٻٽيو بينو آهي، ته ڪنهن کي ڏسو ته ڪاليج جي ليڪچراريءَ مان هڪدم اٿندي وجي افلاطون ۽ سقراط سان ڪلهي گس ڪئي اٿس، ته ڪو وري رات وچ ۾ گمنام شاعرڙي مان قري "نقاد آخر زمان" بنجي ويو آهي. هيءَ مخلوق اوچتو ڪٿان پيدا ٿي آهي؟ ڇو پيدا ٿي آهي؟ سندن شان نزول ڪهڙو آهي؟ سندس انهيءَ هاءِ گهوڙا، جنون ۽ واويلا ۽ وٺ وٺان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟

سرزمين سنڌ تهذيب ۽ تمدن، علم ۽ فن جو قديم ترين مرڪز آهي. هن ڪاڻ هزارين اهڙا بي بها لعل ۽ گوهر پيدا ڪيا آهن، جي تاريخ جي پيشانيءَ تي جاوداني آب ۽ تاب سان چمڪندا رهندا. دودي ۽ دريا خان جهڙا دلاور ۽ سرفروش محب وطن، علي شير ”قانع“ جهڙو مورخ ۽ دانشور، ابوالفضل ۽ فيضي جهڙا يگانا ۽ بيمثال عالم، دانا ۽ مدبر، شاهه عنايت ۽ شاهه بلال جهڙا دلير ۽ بيباڪ حق پرست ۽ حق گو، لطيف ۽ سچل جهڙا لازوال شيرين ڪلام شاعر هن خاڪ جا ئي ڪرشما هئا. هر دور ۽ هر زماني ۾ هيءَ سرزمين پنهنجو بي بها انساني فصل اپائيندي رهي آهي. سندس واديون ۽ جبل هميشه منڙن ۽ رسيلن نغمن ۽ عظيم ۽ اعليٰ ڪارنامن جي پڙاڏي سان گونجندا رهيا آهن.

شعر ۽ سخن جون منيون زندگي بخشيندڙ نهرون ته هتي ڪڏهن به خشڪ نه ٿيون آهن. قاضي قاضن، شاهه ڪريم، لطيف، سچل، بيدل، سامي، سانگي، روحل، دلپت، مسافر، گل، قليچ، مخلص، بلبل، بيوس، حافظ شاهه حيات ــ هزارين خوشنما بلبلن جا منڙا، رسيلا نغما، قسمين قسمين دلنواز لاتيون. هرڪنهن جي پنهنجي طرز، پنهنجي رس ۽ پنهنجو سر. ڪو پنهنجي دور ۽ زماني جو محبوب، ته ڪو ازلي ۽ ابدي ذات جو ڏٺي، جنهن جا آلاپ سالن ۽ صدين جون حدون اورانگهي امر ۽ لافاني بڻجي ويا.

تهذيب ۽ تمدن جا وهڪرا هميشه پيا هڪٻئي سان ملن. سنڌي تهذيب ۽ تمدن به ڪيترن چشمن جو پاڻي پيتو آهي. سندس شعر ۽ سخن به هندي، فارسي ۽ ٻين ٻولين جي گنج مان حصو ورتو آهي. پر ان سدائين پنهنجي هڪ خاص لئي ۽ نرالو مزاج قائم رکيو آهي. سنڌي شاعريءَ ڪنهن به دور ۾ عربي، فارسي يا هنديءَ جي ٻانهپ قبول نه ڪئي آهي. جن ڏينهن ۾ فارسي سنڌ ۾ راڄ ڏجاڻي ۽ سنڌ جي درٻار جي پٽ راڻي ٿي ويني هئي، تڏهن به سنڌي شاعري، پنهنجو ڳاٽ اوچو رکيو، ۽ پنهنجيءَ راهه تي اڏول مزاجيءَ سان رمندي رهي.

جيڪڏهن ڪنهن سنڌيءَ، فارسيءَ جي آب تاب تي هرڪجي، پنهنجي فارسي دانيءَ جي رعب ويهارڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، ته ماڻهن ڪانئس نفرت ٿي ڪئي.

جي فارسي سکيو، گولو توءِ غلام،
جو ٻڌو ٻن ڳالهين، سو ڪيئن چائي چام،
اُجيو ته آب گهري، بکيو تان طعام،
اي عامن سندو عام، خاصن منجهان نه ٿيو. (لطيف)

ليڪن اڄ ڪان هڪ نسل اڳي ڌاري، سنڌ ۾ هڪ عجيب مرض منهن ڪڍيو.

انگريزن جي قوت ۽ تفرقي واريءَ پاليسيءَ سبب، سنڌ ۾ هندوءَ ۽ مسلمان جي وچ ۾ وڌندڙ دشمني ادبي ميدان ۾ ڪاهي پيئي. هندو اڇي سنڌي ٻوليءَ کي شڌ بنائي، تلڪ لڳائي، ڌوتي ٻڌائڻ جي پويان پيو، ته مسلمان چوي آءٌ ڪيس ان ڪان اڳ ۾ چوغو پهرائي، ايراني ۽ عرب بنائي ونان. اچي جو چتاپيٽي لڳي، سو سنڌ جي ”پر“ ڦري ”ليڪن“ ۽ ”پرنتو“، ”پاڻي“ ڦري ”جل“ ۽ ” آب “، ۽ سنگتي، هڪ طرف ”متر“ تي پيا، ته ٻئي پاسي ”احباب“! سنڌ جي منڙيءَ پياريءَ ۽ سهڻي ٻوليءَ کي هنن ظالمن انڌي تعصب وچان اهڙو ته بگاڙي خراب ڪري ڇڏيو، جو سڃاڻڻ ڪان پري ٿي ويئي. ان دور جون سنڌي لکيتون پڙهي، ماڻهوءَ کي خبر نٿي پوي ته لکندڙ سنڌيءَ ۾ لکيو آهي، يا هنديءَ ۾ يا عربيءَ ۾: جملن ۾ فقط ” آهي“ ۽ ”ناهي“ جهڙا سنڌي اکر ٽنبيا تي ويا ـ ٻيو ٿيو پلو!

اها وبا شاعريءَ ۾ ته خاص ڪري گهر ڪري ويئي. شاعرن جا ٻه ٽولا پيدا ٿي ويا، جن سنڌي شاعريءَ تي هندي، فارسي ۽ عربيءَ سان آپريشن ڪرڻ شروع ڪيو. هندن ٻه خوب جوهر ڏيکاريا ته مسلمانن ٻه. تان جو سنڌي شاعري موڪلائي ويئي. باقي وڃي هندي ۽ فارسي بچيون. مسلمان شاعرن ته خاص ڪري ڪمال ڪري ڏيکاريو. شاهه لطيف وارن ترن برن، ڏوٿين، جهانگين، پنوهارن، اوٺين، ڌٽن ڏؤنرن جي ملڪ ۾ هڪدم ”لاله“، ”نرگس“، ”سنبل“، ”سوسن“ پوکجي ويا؛ ڦرڙا چاريندڙ، پلر پيئندڙ، برسات ۾ مينڌيا پسائيندڙ سنڌي عورتون هڪدم ”گلبدن“ ۽ ”گلفام“ بنجي ويون. سندن چيلهيون غائب ٿي ويون. سندن قد سرو جيڏا ٿي ويا. سندن اکين مان نماڻائي، قرب ۽ محبت نڪري ويئي: ڪٽاريون هٿن ۾، عاشقن جي چانگ پويان، قيامت جي چال هلنديون، سيني کي آسرا ڏينديون، تڙپائينديون، ”صحن چمن“ ۾ سير ڪنديون نظر اچڻ لڳيون. عاشقن جي صورت ٻه بدلجي ويئي. قميصن ۽ پهراڻن بدران هنن شاعرن ڪٽي ايراني چوغا پهراين. هاڻي هرڪو ” آتش سوزان“، ”جگر برين“، ”شعله تپان“ ڪٽيو، ”دامن کي تار تار ڪرڻ“ يا ”اخترشماري“ ڪرڻ کي لڳي ويو! هرڪو ڏسو ته ”نيم بسمل“، ”دم بلب“، ”دم واپسين“ تي. ”نزع جي عالم“ ۾، يعني سدائين سڪرات ۾. جي اتان چڙهيا ته ”ڪوءِ بتان“ ۾ نوڪرون پيا ڪائيندا يا ”وحشت صحرا“ سان دل پيا وندرائيندا. هر ڪنهن جي پويان ”روسياه رقيبن“ جو ٽولو. ماڻهو پائيندو ته سنڌي چوڪريون

آزاد چڙواڳ پيون عاشق نهاريندڙيون وتن. رڳو ايتري پُل ڪن ٿيون، جو هنن سچن عاشقن بدران وجيو سندن رقيبن سان عشق پچائين. سنڌ جي مظلوم، ڪوٺن ۾ قيد، رسمن ۽ ريتن ۾ جڪڙيل عورت سان هن ڪان وڏيڪ چٽر ٻي ڪهڙي ٿيندي؟

پر هتي تہ سوال هو "شاعري" جي وزن، بحر ۽ قافيي جو! سو، هنن شاعرن ان ۾ گهٽتائي ڪانہ ڪئي. باقي حقيقت سان سندن ڪهڙو واسطو؟

اهي "اصل تي وڏا" شاعر جڏهن سنڌي سخن جي سلطنت تي جلوه افروز ٿيا، تڏهن سندن بخت ۽ اقبال جو ڏؤنڪو چوطرف وڄي ويو. ماڻهو فردوسي، شاهہ لطيف، حافظ، سعدي، خسرو، غالب ۽ مير جو نالو پلجي ويا ۽ سندن شاعريءَ کي ٻاراڻي ڪيچل سمجهڻ لڳا. "سنڌي شاعري" کي معراج تي پهچائڻ لاءِ، "سنڌيءَ" جو اکر هٽائي فقط "نج ۽ خالص" شاعريءَ کي رائج ڪيو ويو، جيڪا هڪ اهڙي پاڪ آسماني ٻوليءَ ۾ چيل هوندي هئي، جا پوتر شاسترن وانگر فقط ڪي وڏا جغادري ادبي برهمڻ ۽ مهاراج ئي سمجهي سگهندا هئا. "ڪي رند پروڙين راز" وارو مثال اکين اڳيان هو. هن دربار طرفان ايڏي تہ شاهانہ فياضيءَ سان خلعتون، لقب ۽ ادبي جاگيرون ورهائيون ويون، جو هر "شاعر" جي دروازي تي نوبت وڄڻ لڳي. هرڪو جهنڊي ۽ خلعت جو ڌڻي! ڪو "استاد الشعرا" تہ ڪو "تاج الشعراء" تہ ڪو "ملڪ الشعراء". هنن "شاعرن" سنڌي شاعريءَ جي جيڪا ٻيڙي ٻوڙي ۽ مٽي پليد ڪئي، تنهن جا اثر چؤطرف ڦهلجي ويا. سمورو نسل جو نسل بگڙي ويو ـ ڳالهائڻ، لکڻ، ٻولي سڀ جو ٻيڙو غرق. سنڌيءَ جا موتين جهڙا آبدار لفظ ۽ صدين جي محنت سان سينگاريل سمورا جملا، فقرا، چوڻيون، پهاڪا ۽ محاورا هنن "شاعرن" جي اٿاريل ڌوڙ جي طوفان هيٺ دٻجي ويا.

اچو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگن،
ايندا لڄ مرن، تنهن سر مٿي هنجڙا.
(شاهہ)

# (2)

هي جي آيا هير،
سي مون اڳ نہ ڏٺا ڪڏهن.
(شاهہ)

دنيا جي ٻين ٻولين جي تاريخ تي نظر وجهبي، تہ ڏسبو تہ اهي بہ زواليت جي اهڙن دورن مان لنگهيون آهن.

اردو شاعري جڏهن امير خسرو، سلطان قلي قطب شاهہ ۽ ولي دکني جي دور واري ٻاراڻيءَ ۽ سودا ۽ ذوق جي دؤر واري جوانيءَ جي ڪيفيت مان لنگهي، لکنو جي ”جرات“ ۽ ”مصحفي“ جهڙن پٽن ۽ مسخرن جي هٿان طوائفن جي ڪوٺي جي زينت بنجي ويئي، ۽

لگ جاگلے سے، تاب اب اے نازنیں نہیں
ہے ہے، خدا کے واسطے مت کر نہیں نہیں
(انشاء)

آنکھیں دکھلاتے ہو، جوبن تو دکھاؤ صاحب
وہ الگ باندھ کے رکھا ہے، جو مال اچھا ہے
(امیرمینائی)

صنم سنتے ہیں تیری بھی کمر ہے،
کہاں ہے کیسی ہے کدھر ہے؟

— انهيءَ قسم جي شعرن تائين محدود ٿي ويئي، تڏهن هندستان جي باشعور طبقي هن ادبي زوال جي خلاف آواز اٿاريو ۽ اردو شاعريءَ جي سمورين واهيات روايتن خلاف بغاوت جو جهنڊو کڙو ڪيو. سر سيد، حالي ۽ محمد حسن ”آزاد“

اردوءَ کي سندس روايتي تصنع، تڪلف ۽ فارسيءَ جي انڌي تقليد کان آزاد ڪرائڻ لاءِ جهاد شروع ڪيو. انهن ڪوششن رنگ لاتو، ۽ اردو شاعري، جا رڳو ٺلهن اکرن، پراڻين ۽ پاروتين تشبيهن ۽ استعارن جو اٽوٽندڙ بيجان بت بڻجي ويئي هئي، تنهن جي جسم ۾ حالي، اسماعيل پاني پتي ۽ ٻين نئون روح ۽ نئون ساهه وڌو. اردو کي درٻارين، محلن ۽ طوائفن جي ڪوٺن جي مصنوعي ۽ گهٽيل ماحول مان نجات ڏياري، عوامي ماحول جي زندگي بخش فضا ۾ آندو ويو. اهڙيءَ ريت اردو هڪ نئين عوامي دور ۾ داخل ٿي، ۽ اقبال، جوش ۽ فيض جهڙا باڪمال شاعر پيدا ڪري ڏيکاريائين.

سنڌي ٻوليءَ کي ٻہ ساڳيءَ پيڙا مان لنگهڻو پيو. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ فارسيءَ جي جاءِ تي انگريزي ٻولي سنڌ ۾ رائج ٿي. سنڌ ۾ هيءَ هڪ زبردست علمي ۽ ادبي انقلاب جي شروعات هئي. جيئن عباسي خليفن، هارون الرشيد ۽ مامون الرشيد جي دور ۾ يوناني، لاطيني ۽ سنسڪرت علم ادب سرزمين عرب ۾ ڦهليو، ۽ شڪ، ڳولا، آزمائش ۽ ڇنڊڇاڻ جو اهو سلسلو شروع ٿيو، جنهن اڳتي هلي دنيا اڳيان المعري جهڙا شاعر ۽ ابن خلدون، ابن العربي، ابن رشد، غزالي، بوعلي سينا ۽ الفارابي جهڙا پنهنجي زماني جا عظيم ترين ۽ يگانا دانشور ۽ عالم پيدا ڪيا، ۽ عربن کي روءِ زمين جو علمي ۽ ادبي امام تسليم ڪرايو؛ ۽ جيئن عربيءَ جي علمي شاهڪارن، اسپين ذريعي يورپ ۾ داخل ٿي، يورپ جي مدي خارج ۽ ٻوساٽيل علمي ادبي ماحول ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو ۽ ان جي ادبي ۽ علمي تاريخ ۾ زبردست انقلاب آڻي ڇڏيو؛ تيئن سنڌ ۾ انگريزيءَ جو اچڻ هڪ زبردست انقلاب هو. جيئن اسپين ۽ پورچوگال ۾ عربيءَ جي داخل ٿيڻ تي عيسائي عالمن وٽي هاءِ گهوڙا ڪئي هئي ۽ منهن مٿو پٽيو هو تہ ”عيسائي دين ٿو وڃي!“ ”جيڪي عربي پڙهن سي ڪافر ۽ دوزخي آهن“ تيئن سنڌ ۾ ان وقت جي بزرگن وٽي رڙ مچائي: ”ناصاري جي ٻولي جيڪو پڙهي سو ناصارو ٿيندو، وغيره، وغيره،“ ”فرنگيءَ ملڪ تہ ورتو پر هاڻي دين بہ ٿو کسي!“ ”انگريزي ست درجا جيڪو پڙهندو سو ست دوزخ پريندو!“ پر وقت جي وهڪري کي ڪير بدلائي؟ انگريزي ٻوليءَ جي ذريعي سنڌ ۾ ادب جا اهي املهہ خزانا ڪڄي آيا، جيڪي سنڌ کان هزارين ڪوهہ پري گذريل ٻن ٽن صدين ۾ يورپ ۾ گڏ ٿيا هئا.

حقيقت ۾ مغربي دنيا جي هيءَ انگريزي ٻولي ۽ ان جو ادب اهو فرض پورو ڪري رهيا هئا ۽ اهو حق ادا ڪري رهيا هئا، جيڪو مشرقي ٻولين ۽ ادبن جهڙوڪ سنسڪرت، عربي ۽ فارسيءَ جو مٿن چڙهيل هو. مغربي علم ۽ ادب جا متوالا ڪاليداس، جئديو، ميران ٻائي، فردوسي، حافظ، خيام، سعدي، معري، بوعلي سينا، ابن خلدون، ابن رشد، فارابي ۽ غزالي جهڙن مفڪرن جي ئي مئخانن مان سرڪيون پيتل هئا. هو ساڳئي اوچي شراب کي نئين زماني جي نون تجربن ۽ احساسن جي ڀٺين ۾ چڪائي، صاف ڪري، نين ٻوتلن ۾ ڀري، مشرق کي پيارڻ لاءِ ڪٺي آيا هئا. هاڻي شراب جو نشو تيز هو.

سنڌ ۾ انگريزيءَ جو پهريون ڦل قليچ جا ترجما آهن. قليچ شيڪسپيئر کي لطيف جي وطن ۾ وٺي آيو. وڪٽر هيوگو ۽ بيڪن کي ميرن جو ملڪ ڏيکاريائين. يورپ جي ادبي باغن مان مٺا ۽ تازا ميوا پٽي آڻي، سنڌين جي اڳيان رکيائين. افسوس جو سنڌس نظر رئبلاس، بالزاڪ، ڪروانتيس، ٽالسٽائي، ايبسن، ٿامس پين، روسو، چيخوف، گوگول ۽ خاص ڪري ڊڪنس جي ڦلواڙين ڏانهن نه ويئي، پر هڪڙو ماڻهو نيٺ به ته ڇا ڇا ڪري سگهي؟

ساڳئي وقت انگريزن جو سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو ادبي ڪارنامو شاهه جي رسالي جي ترتيب آهي. سورلي لطيف کي گوئٽي، شلر، ٽٽشي ۽ مارڪس جي وطن وٺي ويو. انگريزن جي آندل پريس ۽ ڇاپخانن، علم جا موتي بازارين ۾ ڍير ڪري ڇڏيا.

هوڏانهن ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ عملدار بڻجڻ جا اميدوار ـــ سنڌي نوجوان ـــ پائرن، شيلي، هارڊي، شيڪسپيئر ۽ ملٽن پڙهڻ لڳا. ڏنائون ته مومل راڻي، سهڻي ميهار، عمر مارئي کان سواءِ ٻيا به ڪي عاشق ٿي گذريا آهن؛ ڪافين، ڏوهيڙن، غزلن، بيتن ۽ ڳجهارتن کان سواءِ سانيٽ ۽ ترائيل نالي به ڪي شيون آهن. امير حمزي، گل بڪاولي، ممتاز دمساز، ”عروس ڪربلا“، ۽ ”حورعجم“ کان سواءِ ٻيون به ڪي آکاڻيون آهن، جن کي افسانو ۽ ناول چئبو آهي. اهڙي به ڪا مخلوق دنيا ۾ پيئي آهي، جتي پيار ڪرڻ ڏوهه ڪونهي، جتي ڪنوار پنهنجو گهوٽ پاڻ چونڊيندي آهي، جتي زندگيءَ جي هر ميدان ۾ زالون مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلن ٿيون، جتي شاعر وڻن، پکين، جبلن، ندين ۽ ساموندي نظارن بابت به نظم لکن ٿا، جتي قلم تلوار کي ڪاٽي ٿو؛ جتي ادب ۽ شاعر درٻارين يا مشاعرن جو سينگار نه، پر انقلابن جو علمبردار آهي؛ جتي

عقل، وهمن ۽ تعصب ۾ جڪڙيل نہ آهي؛ جتي شڪ ۽ ’بي ويساهي‘ ڪفر نٿا ليکجن؛ جتي تلاش ۽ ڳولا بدعت نہ آهي، جتي آزمائش ۽ تجربي جو راڄ آهي؛ جتي زندگيءَ ۾ گرمي، تيزي ۽ تڙپ آهي، جتي تمنائون ۽ اميدون مايوسيءَ تي غالب آهن، جتي ’صبر ۽ شڪر‘ جو نالو سستي ۽ بي همتي آهي؛ جتي طبقي، قوم، مذهب ۽ نسل جي نالي ۾ رچايل ڊونگن جي قلعي ڪولڻ وارا سوريءَ تي نٿا چاڙهيا وڃن؛ جتي ماڻهو حاڪمن جي رعيت نہ بلڪ ملڪ جا مالڪ ليکيا وڃن ٿا؛ جتي جي حاڪمن مٿان ”عام راءِ“، ”شهري آزاديون“، ”آزاد پريس“ ۽ ”آزاد چوندون“ جي نالن واريون تلواريون لٽڪيل آهن؛ جتي ڏاڏي آدم جي واريءَ واريون رسمون رواج ختم ٿي چڪا آهن؛ جتي عيسائي عالم ۽ اديب ٻين مذهبن جي اڳواڻن، حضرت محمد ﷺ، گوتم ٻڌ، زرتشت وغيره جي ساراهہ ۾ ڪتاب لکن ٿا، تہ ڪين سنگسار نٿو ڪيو وڃي، ۽ اٽلو ڪين فراخدل ۽ روشن خيال ليکيو وڃي ٿو؛ جتي اديب نہ صرف پنهنجيءَ ذات ۽ محبوب سان، بلڪ سموريءَ انسانذات سان محبت رکن ٿا. ڪشچند ”بيوس“ جو نظم ”الله جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي“، حيدر بخش جتوئي جو ”پلي آئين جيءُ آئين درياءَ شاهہ“، فتح محمد سيوهاڻي جو ”دنيا جو دور“، حافظ شاهہ حيات جو نظم ”دلاسو“، وغيره، مغربي ادب جي اثر هيٺ، نئين دور جي سنڌي شاعريءَ جي پرھ ڦٽڻ جا آثار هئا. هنن شعرن جا شاعر پراڻا نالي چڙهيل عاشق نہ آهن، جن جو ڪعبو قبلو سندن ليلىٰ آهي، جن جي سموري ڪائنات يار جي گهٽيءَ تائين محدود آهي، جي رڳو پنهنجي مطلب جا يار آهن ۽ جن کي پنهنجو يار ملي تہ پوءِ سڄي دنيا پلي وڃي ڦاهو ڪائي مري!

هنن شاعرن جو محبوب سندن وطن ۽ عوام آهي. ڪين ان جي نظارن، ان جي ماڻهن لاءِ اٿاهہ قرب آهي. سندن محبت وڏيڪ وسيع ۽ وڏيڪ اونهي آهي. وٽن تصوف جي پيچيده مسئلن ۽ بي معنىٰ تشبيهن، استعارن ۽ صنعتن جي سڪٽي رڃ يا پراڻو نصيحت جو انداز ڪونهي. هنن جو شعر سادو، صاف، حسين، ۽ اعلىٰ جذبو پيدا ڪندڙ آهي. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، سيد ميران محمد شاهہ، ڊاڪٽر دائود پوٽي، ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر گربخشاڻي جهڙن مضمون نگارن ۽ انشاپردازن مغربي مضمون نگاريءَ ۽ تحقيق جي ڊول تي سنڌ جي ماحول کي ادب ۾ پيش ڪيو. سندن ٻولي اڳئين دور جي تصنع، لفظن جي پرمار ۽ معنىٰ جي پيچيدگين کان آزاد آهي. سندن مضمون بلڪل نوان آهن. هو ڪڏهن گنجي

ٺڪر جهڙن مڪاني نظارن جي سهڻي نموني پيش ڪن ٿا، تہ ڪڏهن گرهوڙي، مبين عنايت، جلال فقير جهڙن وساريل شاعرن جي ناليءَ ڪي وري زنده ڪن ٿا، ۽ ڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لکي اسان جي ادبي ورثي کي عوام آڏو پيش ڪن ٿا. ساڳيءَ ريت پروفيسر شهاڻي، ديوان ڪوڙي مل، پرمانند ميوا رام، لعل چند، امر ڏني مل، ڄيٺمل پرسرام ۽ ٻين اهڙا مضمون لکيا، جي درحقيقت سنڌ جا اوائلي مختصر افسانا هئا. هنن جا موضوع سادا ۽ عام هئا، پر ٻوليءَ جي قدرتي حسن ۽ بيان جي بي پناه دلڪشي ۽ واقعات نگاريءَ جي سچائيءَ جي خيال کان انهيءَ دور جا ڪيترا مختصر افسانا اهڙا آهن، جن جو جواب اڄ تائين پيدا نہ ٿيو آهي. ”هيڻا هرڪنهين وهيڻا“ ۽ ”موڳو مئجسٽريٽ“ جهڙن افسانن جي ٻوليءَ ۽ انداز کي ڊڪنس، اسٽينبڪ ۽ گورڪيءَ جهڙن عظيم ترين لکندڙن جي ڀيٽ ۾ فخر سان پيش ڪري سگهجي ٿو.

سنڌي نثر کي هنن لکندڙن سادگي، حسن ۽ ادائگيءَ جي سچائيءَ جي جنهن معراج تي پهچايو، تنهن کان اسان جا اڄوڪا لکندڙ اڃان ورلي ڪو مٿي چڙهي سگهيا آهن. غالب جي مشهور خطن وانگر، هو لکن ٿا مگر ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ گويا هو ڪنهن گهري دوست سان رهاڻ پيا ڪن. هو سنڌيءَ ٻوليءَ جي فطرتي سونهن جا پارکو ۽ قلم جا ڌڻي هئا.

انهن شاعرن، اديبن ۽ نثرنويسن نئين دور جي ادب جي پيڙهه وڌي. هنن مشرقي زبان جي ادب سان گڏ مغربي نثرنويسيءَ ۽ شاعريءَ جو مطالعو ڪري، ان جي بهترين خوبين کي پنهنجو ڪرڻ جي شروعات ڪئي، ۽ ائين ڪرڻ سان انهن سنڌي ادب جي اوساري ڪئي.

ساڳئي وقت هنن بنگالي، هندي، انگريزي ۽ ٻين ٻولين جي شاهڪارن کي ترجمو ڪري، سنڌي ادب جي دنيا ۾ آندو. ان ڪري سنڌي نوجوان تعليم يافتہ طبقو، خاص ڪري سنڌي اديب، ويهين صديءَ اندر دنيا ۾ آيل نون خيالن کان واقف ٿيا.

جاسوسي ناولن اسڪولي شاگردن جي دنيا بدلائي ڇڏي. جان عالم، حاتم طائي، امير حمزي جي جاءِ تي بليڪ، شرلاڪ هومز ۽ ڊاڪٽر واٽسن اچي ويا، ويچارو بوقلمون جادوگر وسري ويو ۽ آرسن لوپن جو سڪو ڄمي ويو. انهن ناولن نئين ٽهيءَ جي نسل ۾ پنهنجي ماحول جي سستيءَ ۽ بيڪاريءَ لاءِ بيزاري پيدا ڪئي، ڪين سائنس جي ترقيءَ کان واقف ڪيو، ۽ جادوءَ جو جادو

سندن دلين تان لهي ويو. انهن وهمن جي جاءِ سائنس جي ايجادن والاري. هو لنڊن ۽ پئرس جي گهٽيءَ گليءَ جا واقف ٿي ويا. سندن خيالن ۾ اٿل پٿل آئي، ۽ يورپ جي حيرت انگيز ۽ پراسرار دنيا کي نئين جنت سمجهڻ لڳا.

ڊيپلائيءَ جي اسلامي ناولن وري وچولي زماني جي عربي سلطنت واري دور کي رومانوي انداز ۾ پيش ڪيو. جنگ برموڪ ۾ سٺ مسلمان مجاهد سٺ هزار ڪافرن کي ماري مڃائين ٿا. عيسائي نينگريون اسلام ۽ اسلامي جانبازن تي فدا ٿيو پون. توحيد سان روشن دليون سلطنت کي زير زير ڪريو ڇڏين. دشمن، اسلامي تلوار جو تاب نہ جهلي، طمع ۽ لالچ جا اوزار استعمال ڪن ٿا، پر سيف الله خالد جي فوج جا بااخلاق سپاهي ڪنهن بہ اهڙي پڪڙيل ڄار ڏانهن اک بہ کڻي نٿا نهارين. هنن ناولن وارو مسلمان بهادر، بي خوف، شريف، بلند اخلاق ۽ پنهنجي دور جي لحاظ کان روشن خيال آهي. هن اسلام کي وسيع خيال، فطري ۽ اعليٰ مذهب ڪري پيش ڪيو، ۽ سنڌي نوجوانن ۾ برادري ۽ انسانيت جو روح ڦوڪيو. هنن ناولن ۾ جابجا اردو، فارسي ۽ سنڌيءَ جا دلچسپ ۽ جاندار شعر ڏنل هئا، جن پڙهندڙن ۾ زندگيءَ جو ولولو ۽ امنگ پيدا ڪيو ۽ منجهن اقبال، غالب، مولانا ظفر علي خان ۽ ٻين شاعرن جي بهتر شعرن لاءِ چاهہ پيدا ڪيو. ڊيپلائي انهيءَ کان سواءِ وهم پرستيءَ جي خلاف مضمون ۽ افسانا لکيا، جن ۾ پير پرستي، قبر پرستي، ٽوٽڻ ڦيٽڻ خلاف جهاد ڪيائين. ٻوليءَ جي سادگي ۽ تاثير، ۽ عبارت جي شوخيءَ جي خيال کان هنن لکڻين سنڌي ادب ۾ نيون روايتون پيدا ڪيون.

دستور موجب ڪفر جون فتوائون نڪتيون، ”اسلام خطري ۾“ پيو، ”ايماني غيرت“ کي چئلينج مليو، پر هو ۽ ٻيا سپيئي لکندا رهيا ۽ لکندا رهندا.

# (3)

نئــون نياپــو آيــو، راڻــي مــلا رات،
لڏيسون لطيف چئي، ڪنان ڏاتر ڏات،
ڪانہ پڇي تو ذات، جي آئيا سي اگھيا.
(شاھ)

گذريل ٻن عظيم جنگين، پاءُ صديءَ جي ٿورڙي عرصي ۾، دنيا اندر ايڏا اٿاھ ۽ بي پناھ انقلاب آندا، جن جو مثال انسان ذات جي ٿي سؤ صديون لمبي تاريخ ۾ ڪٿي بہ نٿو ملي سگھي. اٽڪل 30 هزار ورهيہ اڳ جڏهين نيم انسانن جا وحشي ٽولا ٽندرا جي برفاني علائقن مان يا وچ ايشيا جي صحرائي ۽ جابلو ميدانن مان پڇندا، بحر ۽ بر جي جانورن ۽ آفتن تـوڙي هڪٻئي سان لڙندا، مارڻندا ۽ مرندا، انهن کي ۽ هڪٻئي کي ڪچو ڪائيندا، نيل فرات، دجلہ، سنڌو، وولگا ۽ ڊئنيوب ندين جي ماٿرين ۾ اچي لٿا، ۽ انسان جي خوني تاريخ جي شروعات ڪيائون، تڏهن ڪان وٺي اڄ تائين انساني نسل تي جيڪي وهيو واپريو آهي، سو ويهين صديءَ جي ٻيءَ چوٿائيءَ واري عرصي جي تيز ۽ طوفاني واقعن جي پيٽ ۾ جڻ تہ ڪجھ بہ ڪونہ هو.

قديم روم جون ڪارٿيج، ايران ۽ يونان سان مشهور جنگيون، ايران ۽ يونان جا تاريخي ٽڪر، صليبي لڙاين جا زبردست ڪوس، تاتارين جون وحشي يلغارون، يورپ جون ٽيهن سالن واريون مذهبي جنگيون ۽ نيپولين جون طوفاني ڪاهون ـ هنن پيانڪ قيامتن جي مقابلي ۾ جڻ تہ ٻاراڻا کيل هئا.

ليڪن انهن قيامت خيز تباهين جي پيٽ مان زندگيءَ جون اهي بي پناھ نراليون قوتون پيدا ٿيون، جن جڻ تہ اک ڇنڀ ۾ انسان جي تقدير ۾ زبردست انقلاب آڻي ڇڏيو. سائنس جي عقل چرخ ڪندڙ ايجادن، موٽرن، ريلن، ۽ هوائي جهازن مفاصلن ۽ دورين کي نيست و نابود ڪري، عام انسانن کي ابن بطوطہ ۽ مارڪو پولو جو همعصر بنائي ڇڏيو. پريس، ريڊئي، ٽيليفون ۽ ٽيليويزن هر انسان کي جام جمشيد جو مالڪ بنائي ڇڏيو، جنهن جي آئيني ۾ هو روز زمينن

توڙي آسمانن جا اسرار ڏسڻ لڳا. عام تباهيءَ سڄي دنيا جي انسانن کي گڏيل خطري کان خبردار ڪيو، ۽ آهستي آهستي اها ڳالهه هرڪنهن جي دل ۾ گهر ڪري ويئي تہ بني آدم سچ پچ هڪٻئي جا عضوا آهن. سيني کي گڏ مرڻو ۽ جيئڻو آهي، سيني جا مسئلا ساڳيا آهن. سموري انسان ذات مظلوم آهي. جنگ ۽ جهيڙا انسانيت جي نابالغيءَ واري دور جون خطرناڪ حرڪتون آهن. جنگ بهادرن ۽ دلاورن جو نہ، پر ڦورن ۽ ڌاڙيلن جو شيوو آهي. ٻين ملڪن کي غلام رکڻ ۾ عظمت ۽ ناموس ناهي، بلڪ انسانيت خلاف جرم ۽ بين الاقوامي بداخلاقي آهي.

انسانيت جي انهيءَ تاريخي بيداريءَ لاءِ ميدان تيار ڪرڻ ۾ دنيا جي روشن خيال اديبن ۽ شاعرن زبردست پارٽ ادا ڪيو. گذريل ٻن ادائي صدين ۾ فرانس ۾ ڊڊرو، والٽيئر، روسو، اناتول فرانس، بالزاڪ، وڪٽر هيوگو، ايمل زولا، سارتري، استاندال، رومين رولان وغيره؛ انگلنڊ ۾ رابرٽ برنس، بائرن، شيلي، ڪارلائل، برنارڊشا، ايچ. جي. ويلس، ڊڪنس، ٿئڪري، هارڊي؛ جرمنيءَ ۾ ٿامس مئن؛ روس ۾ ٽالسٽاءِ، گورڪي، شولوخوف، گوگول، چيخوف، داستووسڪي، ماياڪاوسڪي، نيڪراسوو، ايليا اهرنبرگ؛ آمريڪا ۾ ٿامس پين، مارڪ ٽوئن، والٽ ويٽمن، سمرسٽ ماهم، ٿيوڊور ڊريسر، هاورڊ فاسٽ، جان اسٽينبڪ، هيمنگ وي، وغيره؛ هندستان ۾ منشي پريمچند، رابندرا ناٿ ٽئگور، لطيف، غالب، اڪبر الله آبادي، نظير اڪبر آبادي، علامہ اقبال، جوش وغيره؛ ناروي ۾ ابسين؛ چين ۾ لوهسون، مائوتون ــ جهڙن اديبن، شاعرن ۽ دانشورن دنيا جي انسانن کي نئون نياپو ڏنو. جتي اڳئين زماني ۾ هاڪاري هومر صرف يونان جي عظمت جا ترانا ڳايا آهن، عظيم فردوسي صرف ايران جي ناموس جو ڏونڪو وڄايو آهي، ڪپلنگ فقط انگلنڊ جي شان ۾ قصيدا پڙهيا آهن، نٽشي جرمن قوم کي آسمان تي ڪنيو آهي، لوئي ڪئميونس پورچوگيز سلطنت جي مدح سرائي ڪئي آهي، ۽ امراء القيس عربستان جي پٽن، عورتن، تلوارن ۽ شراب جي ساراهہ جا ڍڪ ڀريا آهن؛ اتي هنن نئين زماني جي شاعرن، اديبن ۽ دانشورن سڄي انسان ذات جي دکن دردن، آسن ۽ اميدن، احساسن ۽ جذبن جا داستان لکيا. هنن اڳئين زماني جي اديبن ۽ شاعرن جي خيالي ڪاڪ محلن کي ترڪ ڪري، عام انسانن جي عملي جدوجهد ۾ شريڪ ٿي، سموري انسانيت جي روشن مستقبل واسطي جهاد ڪيو. هنن جو اعلان هو ــ

خدا کے بندے تو ہیں ہزاروں بنوں میں پھرتے ہیں مارے مارے
میں اس کا بندہ بنوں گا جس کو خدا کے بندوں سے پیار ہوگا
(اقبال)

ادب ۽ شاعري هنن لاءِ دماغي عيش جو سامان يا بادشاهن ۽ اميرن کان انعام حاصل ڪرڻ جو وسيلو نہ هو. قارون جا سمورا خزانا بہ هنن کان سندن ضمير خلاف هڪ سٽ بہ لکائي نٿي سگهيا. هنن جو قلم صرف ڪنهن سهڻي جي قد بت، هار ۽ سينگار، ناز ۽ ادا، ستم ۽ بيوفائيءَ جي داستانن لاءِ وقف ٿيل ڪونہ هو، بلڪ هنن پنهنجن قلمن سان ساريءَ دنيا کي حسين جنت بڻائڻ تي گهريو. هنن انسانن جي برف جيان جميل خيالن جي دنيا ۾ بارود جون سرنگهون هنيون، جن جي ڌماڪن بادشاهن ۽ سلطنتن ۾ زلزلا وجهي ڇڏيا. هنن ڪئين چٽ پٽن سان هٽي ڇڏيا، ڪئين ظلم ۽ ستم جا جوناڳڙهہ جلائي خاڪ ڪري ڇڏيا. هنن جي قلمن ۾ ڪنوڻ جي شوخي، طوفانن جي مستي ۽ قيامتن جي سچائي هئي. آمريڪي، فرينچ، روسي ۽ چيني انقلابن جا پنيٽ هنن جي ئي دڪايل چڻنگن مان بريا هئا.

گذريل جنگ عظيم بعد دنيا جي سمورن ملڪن جا ادبي وهڪرا پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويا، ۽ قبائلي، قومي ۽ ملڪي ادب بدران هڪ اهڙو وسيع ۽ اعلىٰ ادب ۽ شعر وجود ۾ اچڻ لڳو، جو رڳو ٻوليءَ ۽ بناوت جي خيال کان قومي ۽ ملڪي هو. منجهس عشق، محبت، درد، فراق، حادثن، روزمره جي واقعن، خانداني جهيڙن جهٽن، دشمنين، نفرتن، سماجي ريتن رسمن، انساني مايوسين، نااميدين، ڪاميابين ۽ ڪامرانين جا اهي ذڪر هئا، جي اصل کان وٺي اديبن ۽ شاعرن جا موضوع هئا. هنن جون لکٽيون پنهنجين ٻولين جا شاهڪار آهن. سندن تخليقون سندن وطن جي ماڻهن جون جيئريون جاڳنديون تصويرون پيش ڪن ٿيون. مگر هنن جي نظر نرالي هئي. ڳالهہ ساڳي، حقيقتون ذري گهٽ ساڳيون، پر انهن کي ڏسڻ واري اک ٻي هئي. هي اکيون رونشو ڏسندڙ تماشاين جون نہ هيون، واٽهڙو مسافرن جون نہ هيون، جو جيڪو بہ ٿئي سو ڏسي، ڪن پل لاءِ مزو وٺي يا خفي ۽ ناراض ٿي، پنهنجي راهہ وٺي رمنديون رهن: هي اکيون انهن جون هيون، جي نہ رڳو تماشائي پر خود تماشو هئا، جيڪي ٿئي پيو سو ساڻن ٿو ٿئي، مٿن ٿو ٿئي. هنن جي قلم جو گهوڙو ميڙي ۾ ”پڙ پچڻ“ وارو گهوڙو ناهي، جو صرف انهيءَ ڪري پچائجي ٿو تہ ماڻهو سندس ٽور ۽ پند ڏسي داد ڏين، سندس

چال ۽ شان، سندس وک ۽ ڊول، سندس سنج ۽ سينگار ڏسي واه واه ڪن. هنن اديبن جو قلم فقط انهيءَ ڪري جولان ڪائي ٿو، ڇاڪاڻ ته هنن کي تمام ضروري پيغام ڏيڻو آهي، ڇاڪاڻ ته هو محسوس ٿا ڪن ته جيڪي هنن ڏٺو سو ٻين کي ٻڌائڻ بنهه ضروري آهي. سيڪجهه ڏسي وائسي چپ ڪري ويهي رهڻ هنن وٽ بداخلاقي آهي، جرم آهي، انسانيت جي وقار ۽ شان جي خلاف آهي. هو ٻي زبان ۽ مظلوم انسانيت جي زبان آهن. هو صدين جي گونگيءَ پڪار جو پڙاڏو آهن، هنن جي اک زمانن ۽ مڪانن جي سرحدن کي چيري، انسان جي ازلي بلنديءَ ۽ پستيءَ جي داستان کي ڏسي ٿي ۽ انهيءَ کي پڙهي ٿي. هنن لاءِ عام انسان آدم آهي، هر عورت حوا آهي، هي اديب، شاعر ۽ دانشور سموري انسان ذات جي ساٿ سان هلندڙ ۽ ان جا حامي ۽ علمبردار آهن. سندن ادب انسانيت جو گڏيل ورثو آهي.

ٻي جنگ عظيم نه رڳو انسان ذات تي عظيم ترين تباهي آندي، پر ان تباهيءَ خلاف انسانن جي دلين ۾ عظيم ترين احتجاج جو طوفان پڻ برپا ڪيو. جيئن نيپولين جي جنگين سبب ٽالسٽاءِ جو عظيم شاهڪار ”جنگ ۽ صلح“ ناول پيدا ٿيو، ۽ پهرينءَ جنگ عظيم لارمارڪ جي ناول ”مغربي جنگي ميدان خاموش آهي“، ۽ جان گالزورديءَ جي افسانن ”ٽئنٽرڊ ملين“ جهڙن انسان دوستيءَ سان ٽمٽار ادبي ڪارنامن کي جنم ڏنو، تيئن ٻي جنگ عظيم ايليا اهرنبرگ جي ناول ”طوفان“ ۽ ”پئرس تي قبضو“، تاجيڪ شاعر بابر جميول جي نظم ”مادر وطن“، ازبيڪ شاعر مرزا ترسون راده جي نظم ”مشرق“، مخدوم محي الدين جي نظم ”جنگ آزادي“، ۽ سردار جعفري جي نظم ”صلح جو ستارو“ جهڙن لافاني امن پرور ادبي تخليقن کي وجود ۾ آندو. انگريز ديوَ کي هٽلري آفت جي چنبي ۾ ڦاٿل ڏسي، هندستان جي مظلوم ۽ محڪوم عوام ۾ آزاديءَ جي آس ۽ همت پيدا ٿي. ڪرشنچندر، خواجه احمد عباس، مجاز دهلوي، نياز حيدر، ڪيفي اعظمي، ساغر نظامي، ساحر لڌيانوي، اختر الايمان، فيض احمد فيض، سردار جعفري، مخدوم محي الدين، جگن ناٿ آزاد، مهندر ناٿ، ديوندر ستيارٿي، احمد نديم قاسمي، عصمت چغتائي، ۽ ٻين اديبن، شاعرن ۽ دانشورن آزاديءَ، بغاوت ۽ انقلاب جا شعلا پڙڪايا.

هيڏانهن سنڌ ۾ هڪ طرف ”فعولن فاعلاتن“ جو پراڻو ڏاڏي آدم جي واري وارو بيسرو رينگٽ چالو رهيو، ته ٻئي طرف ڪاليجن ۽ اسڪولن جي نوجوانن

۾ بيداري ۽ ملڪي آزاديءَ جو زبردست جذبو ۽ ولولو پيدا ٿيو. انهيءَ تحريڪ جا باني شيخ اياز، نارائڻ شيام، هري دلگير، حيدر بخش جتوئي، گوبند مالهي، آتم ۽ ٻيا نوجوان هئا. هنن افسانه نگارن، مضمون نويسن ۽ شاعرن جي جماعت نه رڳو سوين سال پراڻي اردو شاعريءَ جي پراڻن لتاڙيل پيچرن کان پاسو ڪيو، بلڪ خود سنڌي ادب ۾ اهڙا بيان جا طريقا پيش ڪيا، جي جيتوڻيڪ مغربي دنيا ۽ ايشيا جي اپرنڌڙ ملڪن ۾ گهڻو اڳي رائج ۽ مقبول ٿي چڪا هئا، پر سنڌ لاءِ بلڪل نوان، غيرمانوس ۽ سچ پچ ته اوپرا هئا. شيخ اياز جو گيت "انقلاب" ئي ونو —

"ڳاءِ ڳاءِ نوجوان، جيئن زمين آسمان
جي زبان کلي پوي، زندگي اٿي چوي - انقلاب!
هي بہ ڪو نياءُ آ، جو مزور ياءُ آ،
سو لهُو پئي پيو، جنهن سبب جيئي پيو،
سو پئي پيو شراب - انقلاب!"

سنڌ، جنهن ۾ هزار سالن کان برهمڻ شاهيءَ جون آهني زنجيرون ڇڻاٽ ڪنديون رهيون؛ جنهن کي اسلام جي نور سان منور ڪرڻ وارو حجاج بن يوسف ثقفيءَ جهڙو اسلامي تاريخ جو بدنام ترين قاتل هجي؛ جا ڄڻ ته روز ازل کان پنهنجي ملڪ کان لوڌيل ۽ تڙيل ڌاڙيلن ۽ لٽيرن لاءِ جاگير طور وقف ٿيل هئي؛ جنهن جي تاريخ جو هر باب ڦرلٽ، ظلم، ڌڪار ۽ دهشت انگيزيءَ سان ڪارو ٿيل آهي؛ جا هر دور ۾ مدد خان، نادر شاهه ۽ ابداليءَ جهڙن بين الاقوامي ڌاڙيلن هٿان باهه ۽ رت جي سمنڊ ۾ ٻڏندي رهي آهي؛ اتي جي هيسايل، پيڙيل ۽ بيحس عوام اڳيان "انقلاب" جو نالو وٺڻ ڄڻ ته ڪانءَ اڳيان ڪمان رکڻ آهي. ڇا سنڌ ۽ ڇا انقلاب! وري مزور ياءُ! ڀلا سنڌ ۾ مزور بہ ڪڏهن ياءُ ٿيو آهي؟ اول تہ هتي مزور نہ پر هاري آهن. اهي بہ، سيني کي خبر آهي تہ گونگيءَ ڳانءِ وانگر، صدين کان، ڪوڏر ڪلهي تي، گوڏ ٻڌيو ڌوڙندا وتن — انهن جو انقلاب ۾ ڇا وڃي؟

پر هنن شاعرن ۽ اديبن جي نظر رڳو سنڌ نہ پر سموريءَ دنيا جي تاريخ تي هئي، هنن کي خبر هئي تہ اجوڪي دنيا اور آهي. ڪين معلوم هو تہ اوير ۽ اولهه ۾ انقلابي طوفان اٿي رهيا آهن، جي انگريزي سلطنت شاهيءَ جي بنياد ۾ زلزلا

وجهي چڙهيندا. ڪين محنت ڪندڙ طبقي جي اسرندڙ قوتن جو صحيح اندازو هو. سنڌ جهڙي جهالت جي ماريل ۽ دنيا جي ڪنڊ ۾ اڇليل ننڍڙي ٽڪري ڪي خبر هجي نہ هجي، پر دنيا ۾ عظيم انقلاب اچي رهيا هئا. هنن نوجوانن دنيا جي ٻين ملڪن جي روشن خيال، عوام دوست اديبن جي نقش قدم تي نئين دور لاءِ نئين ادب تخليق ڪرڻ جي شروعات ڪئي. هنن پنهنجي ادب ۾ سنڌ جي ڏتڙيل ۽ مظلوم هارين جي حالت جو نقشو چٽيو، سنڌ جي سماجي رسمن ۽ ريتن جي پردي ۾ جيڪي ناحق ۽ ظلم ٿين ٿا، تن جي بيخوفيءَ سان اوگهڙ ڪئي. هنن محنت ڪندڙ طبقي جي حقن مٿان لڳندڙ ڌاڙن جو ذڪر ڪيو. هنن غلاميءَ خلاف آواز اٿاريو. هنن انگريزي دٻاءَ ۽ دهشت انگيزيءَ ڪي پوريءَ قوت سان بي نقاب ڪيو.

انهيءَ کان سواءِ هنن سنڌي ادبي ٻوليءَ کي ان گند ڪچري کان پاڪ ڪرڻ جي تحريڪ شروع ڪئي، جيڪو ڪيتري ئي وقت ۾ سنڌي ادب ۾ گڏ ٿي چڪو هو. اڪٿ مار، دير هضم، اوپرا لفظ، فرسوده ۽ بي معنيٰ ڏاريون تشبيهون ۽ استعارا، ۽ مدي خارج، اڏوهي کاڌل صنعتون ترڪ ڪيون ويون.

# (4)

موکي! متارن جا ننڍيا کيم نهار،
ساماڻا سري ڏٺي، اڇا اڳڻ ڏار،
ناڻو کيم نهار، سر پڻ ڏيندا سٿ ۾.
(شاھ)

ڳالھ کندا آهن تہ مکتب جا ختابي اٺ کي بہ مسجد تي چاڙهي ويا. اها ڳالھ صحيح هجي يا نہ، پر شاگردن جي استاديءَ ۾ تہ کو شڪ کونهي. تاريخ شاهد آهي تہ هن دور جا سمورا انقلاب (ذهني، سماجي ۽ سياسي) ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ جاوا ۽ نپنا آهن. اهي دهلي، علي ڳڙھ ۽ ڪلڪتي، لاهور ۽ ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان پڙڪي اٿيل بغاوت ۽ انقلاب جا اُلا هئا، جن دکي دکي، پنيٺ بنجي، انگريز اقتدار جي آسمان سان ٽڪر هڻندڙ هيبتناڪ قلعن کي ساڙي پسم ڪري ڇڏيو. اهي استنبول جي فوجي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا شاگرد هئا، جن خليفة المسلمين، اميرالمومنين، سلطان عبدالحميد جي مدي خارج، رجعت پرست ۽ وطن دشمن حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، ترڪيءَ جي قسمت کي اهڙو بدلائي ڇڏيو، جو جيڪا ترڪي يورپ جي ”بيمار زال“ ليکبي هئي ۽ جيڪا پهرين عالمگير جنگ ۾ جرمنيءَ سان گڏ بريءَ طرح شڪست کائي چڪي هئي ۽ روس، انگلنڊ، فرانس ۽ يونان ڪيس پاڻ ۾ حصا پتيون ڪري ورهايو وينا هئا، تنهن پنهنجي نوجوان انقلابين جي جهنڊي هيٺ ايندي شرط، يورپ جي فاتح طاقتن کي اُهي اکيون ڏيکاريون، جو مڙس پنهنجي حصن پتين تان هٿ کڻي، ٽيڙ گول ڪري، يڪساهيءَ وجي گهر پهتا. وري اڃا تازو ڪالهوڻي ڪالھ جڏهن جلال بايار ۽ عدنان مندريس جي ٽوليءَ آمريڪي جيٽ طيارن ۽ راڪيٽن جي زور تي ترڪيءَ ۾ نادرشاهي ظلم ڪڙو ڪيو ۽ وڏن وڏن سياسي ليڊرن، مدبرن ۽ فوجي جنرلن کي ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ جي همت نٿي ٿي، تڏهين ترڪيءَ جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا سرويچ نوجوان مستن وانگر ڪڏي، ميدان ۾ ڪاهي پيا. استنبول جي گهٽين ۾ ڪوس شروع ٿي ويو. هزارن کي

قتل ڪري، سندن لاش ساڙي گم ڪيا ويا. پر نوجوان شاگرد ڪسندا، ڪٽبا، مرندا ۽ لڙندا رهيا ــ

پتنگن پھ ڪيو، مڙيا متي مچ،
پسي لھس نہ لچڪيا، سڙيا متي سچ،
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃائيا!

آمريڪا جي راڪيٽن ۽ جيٽ هوائي جهازن جو خوف دلاورن جي دلين ڪي ڏڪائي نہ سگهيو. مندريس جي طاغوتي فوج هنن پهاڙ جهڙن مضبوط ارادن ڪي شڪست ڏيئي نہ سگهي. تان جو حق جي فتح ٿي، ۽ آمريڪا جو لاڏلو ۽ ڊلس جو دادلو مندريس، شاگردن جو جلاد مندريس (۽ ان وقت جي پاڪستاني حاڪمن سهروردي ۽ ڪمپنيءَ جو پڳ مٽ يار مندريس) ائين ميدان مان الوپ ٿي ويو، ڄڻ ڪڏهن هوئي ڪونہ. اهي ڏکڻ ڪوريا جا سپوت شاگرد ئي هئا، جن سنگمن ريءَ جي بربريت ۽ ڊڪٽيٽرشپ ڪي لحظي ۾ فنا ڪري ڇڏيو، ۽ هو ٽپڙ ٻڌي، رات وچ ۾ بنا ٽڪيٽ وجي، پنهنجي آقائي گهر آمريڪا ڪان نڪتو. جپان جي انقلابي شاگردن جي مظاهرن ۽ ”نانگن وارن ناچن“ آمريڪي صدر آئزن هاور لاءِ جاپان جا دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ جپاني حڪومت بيوس ۽ لاچار بنجي، صدر صاحب ڪي لکي موڪليو تہ اوهين مهرباني ڪري في الحال تڪليف نہ ڪريو، ڪنهن ٻي وقت تشريف فرما ٿجو! اهو ٻيو وقت آئزن هاور صاحب لاءِ وري ڪونہ آيو. مصري انقلاب جو ٻج بہ مصر جي فوجي ائڪيڊميءَ جي شاگردن پوکيو. اتي جي هونٽهار ۽ زنده دل نوجوان شاگردن، ناصر، انورالسادات، عامر ۽ ٻين شاهہ فاروق ڪي مصر مان هڪالي ڪڍيو، ۽ مصر، جو اڳي جاگيردارن ۽ پاشائن جو پيڙيل ۽ انگريزن جي آنڪي پريندڙ ٽرڊ ڪلاس ملڪ هو، تنهن ڪي تندرست ۽ توانا ڪري، دنيا جي اڀرندڙ قوتن جي صف ۾ آڻي کڙو ڪيو. برصغير هند پاڪ جي جنگ آزاديءَ ۾ شاگرد جيڪو حصو ورتو، سو تاريخ ۾ ياد رهندو، جڏهن سنڌ اندر ”هندستان خالي ڪريو“ تحريڪ هلائي ويئي، تڏهن جنهن شخص پهرين سر ڏنو هو، سو هڪ ڪمسن ۽ ڪمزور جسم وارو شاگرد هيمو ڪالاڻي هو، جنهن ڦاسيءَ جي تختي تي وطن جي آزاديءَ جا نعرا هڻندي دم ڏنو. مطلب تہ اوڻيهين ۽ ويهين صديون درحقيقت نوجوان طبقي جون صديون آهن. جڏهن جڏهن ۽ جتي جتي اونداهين جو راڄ آهي، ملڪي نظام حيواني آهي، ماڻهو گونگا، ٻوڙا ۽

مظلوم آهن، سپ ”شريف“ ۽ ”سمجهو“ ماڻهو چپن کي چنو لايو تماشو وينا ڏسن، واهيات خيالن جي فرسوده دستورن جو سڪو جميل آهي، تڏهين شاگرد ۽ تعليم يافتہ نوجوان ميدان ۾ ٽپي پون ٿا ـــ

پري پتنگ آئيا، سي سهائي جل،
ڪندا ڪنڌ اچل، متو ڏيندا مچ کي.
(شاهہ)

هو نئين فڪر ۽ تخيل جون نيون جڳمڳائيندڙ مشعلون ڪٽي، اونداهين جي سيني کي چيرين ٿا. هو اهڙا نوان خيال ۽ اصول کڻي اچن ٿا، جي ڪنهن سئا نہ ٻڌا ـــ

ڏوتي سا ڏورين، جا جوءِ سُئي نہ ٻُڌي!

هو مدي خارج ريتن ۽ رسمن جي ڪوٽن، اڏوهي کاڌل اخلاقي سياسي ۽ سماجي قدرن ۽ نظامن جي پاڙن کي پنهنجن روشن نظرين، اٽل ارادن ۽ بلند حوصلن جا چنجور ڪٽي اچي لڳن ٿا ـــ

سپ، ڪپر سجا ڳهي، نانگن ڳوليو کاءِ،
تنين لئي واجهاءِ، مٽيو جن مٽن ۾!
(شاهہ)

ڪي سياڻا ڪي ڏاها اول سندن ڳالهين کي بيزاريءَ مان ڪلي، ٽاري ڇڏين ٿا، ۽ ڪي سندن بدتميزيءَ تي ڪاوڙجن ٿا. ٻيا انهن جي پاڳلپڻي تي عجب کائين ٿا. ڪن کي مٽن رحم ٿو اچي. نيٺ جن جي پيٽ تي لت ٿي اچي، يا جن جي رنگ ۾ ڀنگ پوي ٿي، سي دَٻاءَ ۽ ڏاڍ جي مشنريءَ کي حرڪت ۾ آڻين ٿا. مٽن فتوائون نڪرن ٿيون، ڪين سر بازار خوار ۽ ذليل ڪيو وڃي ٿو، ڪين ڪاٺ ۾ هنيو وڃي ٿو يا سوريءَ تي لٽڪايو وڃي ٿو. پر هي پنهنجيءَ ڌن ۾ پنهنجيءَ منزل جي خيالن ۾ غرق، ٺوڪن ۽ چٺرن کان بي نياز، نڪتہ چينيءَ ۽ ڪاوڙ کان لاپرواهہ ـــ پنهنجي عظيم اصولن لاءِ زندگيءَ جي بازي لڳائيندا، اڏول قدمن سان منزل مقصود ڏانهن وڌندا رهن ٿا.

ڪنڌ ڪٺارو منهن وَٺِي، عادت سندن ايءَ،
تنهين تڪون ڏنيون، جنبي منجهان جيءَ،
سرو تــن سبيءَ، جنين سانگ نــہ ساهہ جو.

هي ماڻهو عجيب مٽي ڦريل ۽ اونڌي ڪوپڙيءَ وارا ٿين ٿا. ساري دنيا هڪ طرف تہ هي ٻئي طرف. هي چڱي ڀلي بدن ڪي اڪَ جو ڪير مڪين ٿا، ڪکر ۾ ڪڙا هڻن ٿا، ڏينين جي مانارن ۾ هٿ وجهن ٿا. جڏهن هرڪو ماڻهو رات ڏينهن رڳو سُکي ٽڪر ڪائڻ، ٻچن پالڻ ۽ آئيندي جي آذفي ناهڻ ۾ مشغول آهي، جڏهن هرڪو ججهن جي صلاح تي هلي، هائو ۾ هائو ملائي، پاڻ وڻائي ٿو، عزت ۽ مان شان حاصل ڪري ٿو ۽ دنيا جي نعمتن سان مالا مال ٿئي ٿو، تڏهن هي ”چريا“ پنهنجي ڦٽائي پرائي پچار ڪندا رهن ٿا. اهڙيون ڳالهيون پيا سوچيندا، جن جو نہ ساٽن واسطو، نہ سندن اهل عيال، اوڙي پاڙي يا مائٽ مٽ سان. ٻيو تہ ٺهيو، پر جنهن قوم جو درد سيني ۾ ڪٽيو وينا هوندا، سا پڻ اڪثر منجهانئن انت بيزار هوندي ـــ

ماٽڪ چوٽو جن جو، هنج حضوري سي،
چلر ۾ چهنب هٽي، مڇي ڪِين نہ اي،
لوڪ نہ لِکيا تي، جيلاهن پٽن ٻگهن گڏيا.

هي ”چريا“ ٻٽائتا آهن. سندن نسل روز ازل کان وٺي هليو اچي.

# (5)

عاشق زهر پياڪ وهه ڏسي وهسن گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشه هيراڪ،
توڙي چکن چاڪ، ته به آهه نه سلن عام سين.
(شاهه)

اڄ کان اٽڪل اڍائي هزار ورهيه اڳ، انهن چرين جي نسل جو هڪڙو ”بي مسو، چريو“ هڪڙي سهڻي ۽ شاندار شهر ۾ رهندو هو، سندس شهر جا ماڻهو وڏا بهادر، وڏا قابل ۽ وڏا دولتمند هئا، اهو ”چريو“ پٿر گهڙيندو هو. ڪيس پيرن ۾ جتي ڪانه هئي، سو سدائين پيرن اگهاڙو گهمندو هو. سندس بار اڪثر لنگهڻ ڪاٽيندا هئا. پر هو بازار ۾ وڃي، هرڪنهن ماڻهوءَ کان سوال پڇندو هو ۽ آڏي پُڇا ڪندو هو: وڏن ليڊرن، فوجي سپهه سالارن ۽ اميرن سان بحث ڪندو هو ته ”اوهين جيڪي چئو ٿا سو سمجهو نٿا، ۽ جيڪي سمجهو ٿا سو ڪريو نٿا.“ ساڻس نوجوانن جا ٽولا هوندا هئا، جي پڻ سندس چوڻ تي لڳي ”اشرافن“ جون پڳون لاهيندا هئا ۽ ”سچ“ ۽ ”انصاف“ جي ڳولا ڪندا هئا. آخر سڀ ”اشراف“ اهڙا اچي بيزار ٿيا، جو ڪيس چيائون ته يا ته پنهنجين حرڪتن کان باز اچي ماٺ ڪري ويهه، يا شهر خالي ڪري وڃ. نه ته توکي موت جي سزا ڏينداسون. هن ستر ورهين جي پوڙهي ”چرئي“ چيو ته مون کي موت قبول آهي، باقي آءٌ سچ چوڻ کان ڪين رهندس، نڪي ملڪ ڇڏيندس. ائين چئي، مرڪندي، زهر جو پيالو پي ويو! اڄ ان ”چرئي“ کي ان ملڪ جا ماڻهو جن زهر ڏنو هئس، سي دانائيءَ جو پيغمبر ڪري مڃين ٿا. اڄ روءِ زمين تي ان ”چرئي“ جي عقل جو ڌاڪو آهي. هن جو هڪڙو هڪڙو اکر آيتن وانگر ياد ڪيو وڃي ٿو. هو انسان ذات جو هڪ عظيم فرزند ڪري ليکيو وڃي ٿو. سندس واڪاڻ ۾ سوين ٻولين ۾ هزارين ڪتاب لکيا ويا آهن. سندس نالي ونڊ سان روءِ زمين جي ماڻهن جا ڪنڌ ادب وچان جهڪي وڃن ٿا. ان ”چرئي“ جو نالو سقراط هو.

ان کان اٽڪل 500 ورهيہ پوءِ هڪڙو ٻيو "چريو" پيدا ٿيو. هو هڪڙي عبادت خاني ۾ ٻهاري ڏيندڙ ڇوڪريءَ جو پٽ هو. سندس وطن وارا هڪ زبردست ڌارئين بادشاهه جي رعيت هئا. ان بادشاهه جي قوم، ٻين قومن کي غلام ڪري هلائيندي هئي. ان "چرئي" پنهنجو اباڻو ڌنڌو ڇڏي، اچي مهاڻن ۽ ڌراڙن جو پاسو ورتو. چي، "انسان سڀ برابر آهن. ڪوبہ انسان ٻئي جو مالڪ ٿي نٿو سگهي، ڪوبہ غلام نہ ٿيڻ گهرجي". ماڻهو هيءَ "عجيب ڳالهہ" ٻڌي وائڙا ٿي ويا: چي، ماڻهو ڀلا غلام ڪيئن نہ ٿيندو! غريب ۽ هيٺا هميشہ ڏاڍن جا غلام ٿيندا رهيا آهن. هي بيوقوف ڇوڪرو ڇا ٿو چوي؟ آخر سندس ئي سنگتين مان هڪڙي وڃي سرڪاري عملدارن وٽ چغلي هنئي تہ فلاڻو پاڳل ٿيو آهي ۽ اجائي بيهوديون ڳالهيون ڪري ماڻهن کي سيکاري! عملدار باهہ ٿي ويا، ۽ ان "چرئي" کي ٻڌي ونئي آيا. سڀني "شريف"، "سمجهدار" ۽ "عقلمند" ماڻهن ڪيس سمجهايو. پر هن جي اتي بہ اهائي لولي تہ "ماڻهو سڀ برابر آهن!" ڀلا، اهڙي ڪفر جي ڳالهہ سمجهدار ۽ شريف ماڻهو ۽ سرڪاري عملدار ڪيئن برداشت ڪندا؟ لکپڙهون هلي ويون. آخر مٿان حڪم آيو تہ سوريءَ تي چاڙهيوس! هو سوريءَ تي چڙهي ويو، باقي پنهنجي ڳالهہ تان ڪونہ لٿو. پوءِ ان بادشاهہ جي پوين اعلان ڪيو تہ اهو "چريو" جنهن کي اسان جي وڏن سوريءَ تي چاڙهيو هو، سو دراصل وڏو ڏاهو هو! اسان جو ابو هو بلڪ خدا جو پيغمبر هو، خدا جو نور هو، خود خدا هو! اڄ دنيا جا 100 ڪروڙ انسان ڪيس خدا ڪري مڃن ٿا ۽ ٻيا 40 ڪروڙ ٻيا ماڻهو ڪيس خدا جو نبي، "حضرت عيسىٰ روح الله عليہ السلام" ڪري مڃين ٿا.

ان کان اٽڪل 600 سال اڳ، هندستان ۾ هڪڙي بادشاهہ جو پٽ اوچتو "ڪري پيو"، ۽ رات جو پنهنجي سهڻي، من موهڻي زال ڇڏي ڀڄي ويو. ڳولي وڃي جهليائونس. ڏسن تہ هڪ پپر جي وڻ هيٺ اکيون پوريون وينو آهي. پڇيائونس تہ "خير تہ آهي؟" چيائين تہ "هيءَ دنيا سڀ ڪوڙ آهي. پنهنجو دين ڪوڙو آهي. پنهنجا عالم، ولي ۽ اولياءَ سڀ مڪر پيا ڪن. روزا رکڻ، غارن ۾ ويهي پاڻ کي بکون مارڻ ۽ قربانيون ڏيڻ، سڀ بيهوديون ڳالهيون آهن. اول انسان انسان ٿئي، دل صاف رکي، پنهنجي نفس سان وڙهي، پوءِ ٻي ڳالهہ!" شاهي محلن ۾ ٽرٽلو پئجي ويو تہ هي کهڙو ڪلور! لاڪيڻو پٽ هٿن مان پاڳل ٿي پيو! ديني عالم، فقيهہ ۽ مذهبي پيشوا اچي مڙيا تہ "شهزادا سائين، اجهو هنن ڪتابن ۾ لکيو پيو آهي تہ اسين خدا جي سسيءَ مان نهيا آهيون، اوهين سندس

ڪڪ مان، واپاري وڙا سندس چيلهه مان، ۽ ٻي سڄي غريب مخلوق سندس پيرن مان. پنهنجو ديني فرض آهي تہ حڪومت ڪريون ۽ هنن جو ڪم آهي تہ اسان جي غلامي ڪن. صاف ڳالهہ پيئي آهي، خدائي فرمان آهي، ڪو تنهنجي منهنجي وس تہ ڪونهي!“ هن ڪلي چيو تہ ”اهي ڪتاب سڀ ڪوڙا آهن، اوهين سڀ مڪار آهيو! انسان سڀ ٻائر آهن، ڪوبہ خدا جي سسيءَ مان يا پيرن مان ڪونہ نهيو آهي. سڀ گنهگار آهيون. اچو تہ پنهنجو نفس پاڪ ڪريون!“ هاڻي سيني ڪي پڪ ٿي تہ هي ڪافر ٿي ويو آهي، پاڳل آهي. پر بادشاهہ جي پٽ ڪي ڇا ڪن؟ پوءِ اهو شخص سڄي زندگي محلن بدران وڻن جي هينان وينو رهيو ۽ ماڻهن ڪي عجيب غريب ۽ زماني جي دستور خلاف ڳالهيون ٻڌائيندي مري ويو. پوءِ، گهڻو پوءِ، ڪن ماڻهن چيو تہ اهو شهزادو سچو هو. هو بيشڪ نيڪ ۽ دانا هو. خدا جو پاڇو هو! پوءِ هنن سندس چيل ڳالهيون گڏ ڪري ڪتابن ۾ لکيون، سندس مورتون ناهيون، سندس عبادت شروع ڪيائون ۽ سندس مذهب ڦهلايائون، تان جو ان ”چرئي“ شهزادي جا اڄ دنيا ۾ ڪروڙين پوئلڳ آهن. ساري انسان ذات ڪيس ڏاهو گوتم (ٻڌ) ڪري ليکي ٿي ۽ سندس احترام ڪري ٿي.

اٽڪل ڏيڍ هزار سال ٿيندا تہ هڪڙي رڻ پٽ ۾ هڪڙي قوم رهندي هئي. ان قوم جا ماڻهو وڏا بهادر ۽ دلير هئا. منجهن وڏا شاعر ۽ وڏا داناءَ هئا. هو بلڪل مذهبي ماڻهو هئا. پنهنجن مذهبي عالمن جي ڏنل هدايت موجب، هو پنهنجن ديوتائن جي دل جان سان عبادت ڪندا هئا. منجهانئن جيڪي سرنديءَ وارا ۽ ديندار ماڻهو هئا، تن ٻين نيڪ ۽ ديني ڪمن سان گڏ، پنهنجن ديوتائن جا سنا ۽ سهڻا بت نهرايا ۽ انهن ڪي هڪڙيءَ پاڪ جڳهہ ۾ رکيائون. سڀ ديندار مرد ۽ عورتون، خلوص دل سان، اتي اچي پنهنجن پنهنجن بتن جي عبادت ڪندا هئا، مٿن صدقا ڏيندا هئا، ڪانئن دعائون گهرندا هئا. ان شهر ۾ هڪڙي نهايت نيڪ خاندان جا ماڻهو رهندا هئا. هو ٻين سيني ڪان وڌيڪ پنهنجن ديوتائن جي عبادت ڪندا هئا، سيني ڪان وڌيڪ مٿن صدقا چاڙهيندا هئا. سيني ماڻهن هن گهر جي ديني سچائي ۽ مذهبي عقيدن جي پختائي ڏسي، ڪين ڪٺي ان عبادتخاني جو مجاور ڪيو. پوءِ پشتا پشت انهيءَ گهر جا ماڻهو انهن بتن جي عبادت ڪندا رهيا. ماڻهن ڪي بتن جي عبادت جي وات سيکاريندا رهيا ۽ پنهنجي دين ڪي زور وٺائيندا رهيا. انهيءَ ڪري سڄي ملڪ جا ماڻهو سندن عزت ڪندا هئا تہ هي بتن جا خاص پيارا ٻانها آهن: انهن جي جيتري عزت ڪجي، بت اوترو وڌيڪ خوش

ٿيندا! آهستي آهستي هي خاندان سڄيءَ قوم جو مذهبي امام ٿي ويو. پر، اوچتو ئي اوچتو وڏي مجاور جو هڪڙو پوٽو جنهن جا ماءُ پيءُ مري ويا هئا، تنهن وٺي اعلان ڪيو تہ ”ڏاڏو جن بتن جو مجاور آهي، سي بت ڪوڙا آهن! پاڻ جنهن مذهب تي آهيون، سو ڪوڙو آهي، تنهنڪري آءٌ هي بت ڀڄندس!“ چؤطرف هراس ڇانئجي ويو تہ هيءَ ڪهڙي ماجرا؟ ههڙي دينڌار ۽ مذهبي پيشوا جو پوٽو، ههڙيون ڪفر جون ڳالهيون پيو ڪري! ٻيو ڪو ڪوري موچي يا جاهل ماڻهو بتن کان منڪر ٿئي تہ بہ نهيو، هي تہ خود بتن جي پياري وڏي مجاور جو پوٽو آهي! سو ٿو چوي تہ پنهنجن ابن ڏاڏن جو دين ڪوڙو آهي ۽ هي پاڪ بت ڀڃي ڇڏيو! هن کي ڇا ٿي ويو آهي. هنن دانائن ۽ ڏاهن ديني ڪتاب ڇاڇيا، پنهنجي علم ۽ دانائيءَ جي سمنڊ ۾ غوطا هنيائون؛ آخر وڃي اهو راز ڳولي لڌائون تہ مجاور جي پوٽي تي جادوءَ جو اثر آهي ۽ ڇريو ٿي پيو آهي! پوءِ وڏا جادوگر وٺي آيا تہ هن کي ڇڳو پلو ڪريو تہ هي ڪفر جا ڪلما بند ڪري. پر هن شخص تي ڪوبہ اثر ڪونہ پيو. تڏهن چيائون تہ جادوءَ جو اثر ڪونهيس، تہ پوءِ ڪو مڪر ناهيو اٿس. سو، صلاح ڪيائون تہ وڏي مجاور جو پوٽو آهي، ههڙي درويش ۽ بتن جي سچي عبادتگار جي اولاد سان سختي ڪرڻ نيڪ ناهي. تنهنڪري ڪٽي ڪنهن سهڻيءَ زال جو سڱ ڏيونس. پر هن اها ڳالهہ رد ڪري ڇڏي. تڏهن چيائونس تہ ”ڀلا اجايو ضد ٿو ڪرين تہ ڪٽي ٿا توکي سڄي ملڪ جو بادشاهہ ڪريون، تون ڀلائي ڪري ڏاهو ٿيءُ، ههڙي نيڪ ۽ ڀلاري خاندان جو اولاد ٿي، ڪفر ۾ ڪاهي نہ پئہ! ابن ڏاڏن جي دين کان پٺ نہ ڦير!“ سندس چاچي بہ هنن جي تائيد ڪئي ۽ مائٽاڻي نصيحت ڪيائينس تہ هرويرو ڇريو نہ ٿيءُ ۽ نڪي اسان کي ڏنو ڪر، ڪٽي بادشاهي وٺ. تنهن تي سندس ڀائٽيي چيس تہ ”چاچا! جيڪڏهن منهنجي هڪ هٿ تي سج ۽ ٻئي تي چنڊ رکندا، تہ بہ آءٌ انهن بتن جي مخالفت ڪونہ ڇڏيندس!“ بس پوءِ تہ سيني کي پڪ ٿي تہ هي بلڪل گمراهہ ٿي ويو آهي، سو ائين ڪونہ مڙندو. پوءِ سندس سر جا ويري ٿي بيٺا. مائٽ مٽ جاني دشمن ٿي بيٺس تہ هن ڪفر جو خاتمو آڻينداسين، يا پنهنجن ابن ڏاڏن جي دين تان سر ڏيئي سرها ٿينداسين.

اهو ماڻهو جنهن پنهنجن عجيب غريب ڳالهين سان اوڙي پاڙي، مٽن مائٽن، بلڪ سڄيءَ قوم کي بيزار ڪري وڌو، جنهن پنهنجن ابن ڏاڏن جي دين جو خانو خراب ڪري ڇڏيو، جنهن تي وقت جي سڀني عالمن ڪفر جون فتوائون

ڪڍيون، ۽ جنهن جي علاج لاءِ سندس مائٽ پنهنجي زماني جا جراح ڊاڪٽر يعني جادوگر وٺي آيا، سو روءِزمين تي ”پيغمبر آخر زمان حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ“ ليکيو وڃي ٿو، ۽ سڄي دنيا سندس عقل، فهم ۽ دانائيءَ جو داد ڏئي ٿي.

هي مخالفت جا طوفان، هي ڪفر جون فتوائون، هي خطري جا گهگهو، هي ”دين ٿو وڃي“، ۽ ”مذهب کي بچايو“ جا واڪا فقط ديني ۽ مذهبي عقيدن لاءِ وقف ڪينهن، پر انساني عمل ۽ تخليق جي ميدان ۾ ڪنهن به نئينءَ وک، نئين قدم ۽ نئين خيال کي قبول ڪرڻ لاءِ زمانو يڪدم تيار نٿو ٿئي. سندس نازڪ هاضمو اهڙيون دير هضم شيون هضم ڪرڻ کان نابري واريو ويهي. وقت جي نام نهاد ”دانائن“ ۽ ”عالمن“ کي هڪدم ذهني قبضي ۽ پيچش جي شڪايت ٿيو پوي، ۽ هو وٺيو گهوڙا گهوڙا ڪن ته ”ڪاري قيام ٿي ويئي . . . . ڊوڙو! ڊوڙو! جهليو! پڪڙيو! نه ته دنيا هٿن مان ٿي غرق ٿئي.“

سر وڄايو سرهو، ڪُوڙن ڪانئرن،
آڏيءَ رات اُٿي ڪري، ددا دانهون ڪن:
سندي ذات هنجن، منهن ڪوڙي موتي چڻي!
(لطيف)

# (6)

## ڪنز، قدوري، قافيا، جي پڙهي پروڙين سپ،
## تہ ڪر منڊي ماڪوڙي ڪوهہ ۾، پيئي ڪڇي اُپ!
(شاهہ)

نندي هوندي ٻڌندا هئاسون تہ ڌرتيءَ کي هڪڙو ڍڳو سڱن تي جهليو بيٺو آهي. جڏهن هڪڙو سڱ ٿڪجيس ٿو، تڏهن ڌرتيءَ کي اڇل ڏيئي، ٻئي سڱ تي ڪٽندو آهي. هي زلزلا ۽ ٻوڏون، جي اچن ٿيون، سي بہ ڍڳي جي انهيءَ ڪنڌ اڇل جي ڪري. اها ڳالهہ ماڻهو مڃين يا نہ، پر ڌرتيءَ تي اهڙا ماڻهو هر وقت هر دور ۾ موجود آهن، جي سمجهن ٿا تہ جنهن ڍڳي جا سڱ دنيا کي ڪنيو بيٺا آهن، سي اسين آهيون. اهي چوندا آهن تہ جي اسين نہ هجون تہ دنيا ٻئي ڏينهن تباهہ ٿي وڃي. هنن پنهنجن انڌن ابتن خيالن، وهمن، وسوسن، خوش فهمين ۽ تعصبن جا بت ناهي، انهن سان وڏا شاهي مندر سينگاري ڇڏيا آهن، ۽ سڄي عمر انهن بتن جي پوڄا ڪندا رهن ٿا. هُو بلڪل سچيءَ دل سان سمجهن ٿا تہ جيڪو بہ ماڻهو سندن انهن خيالي مندرن ۾ سيس نتو نوائي: ۽ ٻل نتو چاڙهي، سو گمراهہ آهي، ڪافر آهي، سوريءَ تي چاڙهڻ جي لائق آهي. هنن پنهنجن انهن وهمن ۽ وسوسن کي ترتيب ڏيئي، وڏا دفتر پري ڇڏيا آهن. جيڪو بہ سندن انهيءَ واهيات ۽ گمراهہ ڪندڙ واٽ تان ٿورو ٿڙي ٿو، تنهن تي اهي دفتر ڪٽيو چڙهيو وڃن تہ ”هي ڏس، لکيو ڪين پيو آهي تہ فقط اسان واري واٽ صحيح آهي!“ هنن جي خيال ۾ جيڪي هن ڪان اڳ هو ۽ هينئر آهي سو پاڪ آهي، مقدس آهي ۽ هٿ لائڻ ڪان پري آهي. ان ۾ تر جيتري بہ ڦير ڦار نہ ڪريو، نہ تہ قيامت اچي ويندي. بس اڄ ڪان پوءِ ڪابہ نئين ڳالهہ نہ ڪريو. جيڪو بہ ٽيٽو هو سو ٿي ويو. هاڻي جيڪي آهي، تنهن ۾ ڦيرو اچڻو ڪونهي.

اٽڪل 400 ورهيہ ٿيا تہ اٽليءَ جي هڪڙي شهر ۾ هڪڙو نوجوان رهندو هو. هن کي نين نين شين جي کوجنا جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هن هڪڙو اوزار ٺاهيو، جنهن سان هو پري پري ڏسي سگهندو هو. هو رات جو اهو اوزار اکين تي رکي، چنڊ ۽ تارن کي جاچيندو هو، ۽ انهن بابت عجيب ۽ نيون ڳالهيون

سوچيندو هو. ڏينهن جو جڏهن سندس ٿهيءَ جا نوجوان ڏنڌا ڏاڙيون ڪري گذر سفر ڪندا هئا، کيل تماشا ڏسندا هئا ۽ عشق ۽ محبتون ڪندا هئا، تڏهن هيءَ زمين تي ڪاٺيون ڪوڙي، انهن جا پاڇا ويهي ماپيندو هو. پوءِ پنن تي عجيب آڏيون ابتيون شڪليون ڪڍندو هو ۽ پينسل وات ۾ وجهي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪنهن سوچ ۾ گم ٿي ويندو هو. ماڻهو هن جي حالت ڏسي، عجب ۽ افسوس ڪائيندا هئا. هڪ ڏينهن هن ونـي خوشيءَ جي رڙ ڪئي. ماڻهو ڇرڪي ويا ۽ پڇيائونس تہ ڇا ٿيو؟ چيائين تہ "مون حساب ڪري ڏٺو آهي تہ هيءَ ڌرتي گول آهي، چؤڪندي ناهي!" ماڻهن چيو تہ اسان سمجهيو تہ تو ڪو خزانو ڳولي لڌو آهي! آخر ڳالهہ وڃي پادرين جي ڪنن پيئي، تن ڪيس گهرايو. "اسان ٻڌو آهي تہ تون مذهب کان ڦري ويو آهين ۽ چوين ٿو ڌرتي گول آهي؟" هن چيو تہ "مون برابر حساب لڳائي ڏٺو آهي تہ ڌرتي گول آهي." چيائونس تہ "ڪلہ تہ ڪانہ ٿڙي اٿيئي؟ ڌرتي گول هجي ها تہ پاڪ انجيل ۾ ڪونہ لکيو پيو هجي ها! ڏيکار ڪٿي لکيل آهي تہ ڌرتي گول آهي؟" هن چيو تہ انجيل ۾ برابر لکيل ڪونهي، باقي مون سڄي زندگي خاطريءَ جهڙي جاچ ڪئي آهي، تجربا ڪيا اٿم ۽ بلڪل نيڪ نيڪ حساب لڳايو اٿم تہ ڌرتي گول آهي." چيائونس تہ "توکي ڪير ٿو پڇي؟ ڀلا ٻڌاءِ تہ تون سچو يا خدا جو ڪلام، انجيل، سچو؟" هن چيو تہ "انجيل سچو، پر ڌرتي گول آهي!" بس، پوءِ تہ هڪ زبردست مذهبي عدالت قائم ٿي ويئي، جنهن ۾ وڏا وڏا مقدس پيشوا، فقه جا صاحب، علم جا بحر، الاهي اسرارن جا يگانا ڄاڻو ۽ دانائيءَ جا اٿاهہ سمنڊ اچي گڏ ٿيا. هو پاڻ سان ديني ۽ دنيائي علمن جي ڪتابن جا اٺ پرائي ڪٽي آيا. هنن نيڪ انسانن ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون انهن ڪتابن جو اکر اکر ڪري جاچي ڏٺو، پر ڪنهن بہ پاڪ ڪتاب ۾ لکيل ڪونہ هو تہ ڌرتي گول آهي. هنن پنهنجا مقدس ڪنڌ لوڏيا، معاملو صاف هو، ڌرتي هرگز گول ٿي نٿي سگهي، ڪتابن ۾ اهڙي ڳالهہ ئي ڪانهي! هن نوجوان زبردست ڪفر جو ڪم ڪيو آهي! پوءِ ڪيس حڪم مليو تہ "هي ڪپڙا لاهي، ڳوڻ جا ڪپڙا پاءِ! پير ۽ مٿو اگهاڙو ڪري 3 مهينا عبادت خاني ۾ پنهنجي گناهہ لاءِ پڇتاءِ ۽ توبهہ زاري ڪر ۽ چوندو رهہ تہ ڌرتي گول ناهي، مون ڪفر بڪيو آهي: پوءِ تنهنجو ڏوهہ معاف ڪرائڻ لاءِ بابائي اعظم کي عرض ڪيو ويندو!" هن بيواهہ شخص پوءِ ڳوڻ جا ڪپڙا پاتا ۽ وڏيءَ درگاهہ جي دروازي تي ڪِري، چوندو رهيو تہ "توبهہ ٿو ڪريان، پاڪ انجيل سچو، آءٌ ڪوڙو، ڌرتي گول

ڪانهي.“ آخر ٽي مهينا پورا ٿيا، هو واپس موٽيو. پڇيائونس ته ”ڪيئن هاڻي نيڪ ٿيو آهين؟ وري متان اهڙو ڪم ڪرين!“ تڏهن پڻ پڻ ڪري چيائين ته ”مون توبهه ڪئي، آءٌ ڪوڙو ۽ انجيل سچو . . . . پر پانيان ٿو ته ڌرتي پڪ گول آهي!“ آخر هن چرياڻ مان جند ڇٽڻ جو ٻيو ڪو رستو نه ڏسي، مقدس پادرين فتوا ڏني ته هن کي جيئري باهه ۾ ساڙيو وڃي. هن کي پوءِ جيئري باهه جي آڙاهه ۾ اڇليو ويو، ۽ هو ان ۾ سڙي شهيد ٿيو. ان ماڻهو جو نالو گئاردونو برونو هو؛ جنهن کي دنيا اڄ انسانذات جو عظيم محسن ڪري ليکي ٿي. اڄ اسڪول جي شاگردن کي به خبر آهي ته ڌرتي گول آهي، سڄيءَ دنيا جو ڪاروبار انهيءَ ڄاڻ تي هلي ٿو. اڄ برونو جا ڳولي ڪڍيل اصول سائنس لاءِ قانون جي حيثيت رکن ٿا. پر ان وقت ڪتابن ۾ جو لکيل ڪونه هو، سو پلا ان زماني جا ماڻهو ڪيئن مڃين ته ائين ڪو ٿي سگهي ٿو!

جنهن سال برونو اٽليءَ ۾ جاڻو هو، انهيءَ ساڳئي سال انگلنڊ جي هڪڙي ننڍڙي واپاريءَ کي هڪ پٽ ڄائو. هن ٻه چار درجا ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهيا، پر پوءِ ڪري پيو. پاڻ ڪان گهٽو وڏيءَ هڪڙيءَ عورت کي ڪٽي زال ڪيائين. ڪم ڪار کان جواب، سڄو ڏينهن پيو رلندو هو. ڪڏهن ڪڏهن چا ڪندو هو، جو تر جي زميندارن جي ٻيلن ۾ بنا موڪل وڃي شڪار ڪندو هو. هڪڙي پيري پڪڙجي پيو. ٻڌي ٿاڻي تي وني آيس، پر پٽس هو ڳوٺ جي ڪائونسل جو ميمبر، تنهن ميڙ منٿ ڪري پٽ کي ڇڏايو. پوءِ گهر وڃي پڇائي مار ڪڍيائينس. هوڏانهن جوڻس به اچي ڪوڪرا ڪري ڪنيس ته ”مئا، ٻي ڪما! ڪو ڏنڌو ڌاڙي ته نٿو ڪرين، پر اٽلو وڃيو هڃائون ڪرين!“ تنهن تي مڙس رسي، وڃي لنڊن ڪان نڪتو. اتي نوڪريءَ لاءِ گهٽائي مٿا ڏنائين پر پلا پڙهيل هو پورو سارو، سو ڪٿان ٿي نوڪري مليس. آخر رلي رلي ٿڪو، سو وڃي هڪڙي ناٽڪ ڪمپنيءَ ۾ پرتي ٿيو. شڪل جو هو پورو سارو، سو مڙئي انڌا منڌا پارٽ پيو ڪندو هو.

هي اهو زمانو هو، جڏهن دنيا تي هڪ نامور شاهي جوڙي جو سڪو هلندو هو. مغرب ۾ هاڪاري راڻي ايلزبيٿ جو ڌاڪو هو ته مشرق ۾ اڪبر اعظم جو نالو روشن هو! اسپين ۾ مسلمانن جو ڪوس پئي ٿيو ۽ سنڌ ۾ مرزا باقي چرئي ڪلور پئي ڪيا. يورپ سڄو پوپ جي خرمستين سبب تفرقي ۾ هو. انگلنڊ سمنڊن جو والي هو. انگريز ملاح ڊريڪ سڄيءَ دنيا کي چوڌاري ڦري آيو هو. انگلنڊ ۾ علم ۽ هنر جا درياءَ پئي وهيا. هي ڳوناٺو چوڪرو، لنڊن جهڙي عظيم

ترين شهر ۾ ويڳاڻو ٿيو پيو هلندو هو. ڪمائي هيس پوري ساري، سو ڪنهن سان بہ ڪونہ ملندو هو. آخر هڪ دفعي ٻہ چا ڪيائين، جو لک چپ ۾ ويهي هڪڙي کيل جي آڪاٽي لکيائين. جڏهن ناٽک جي آکاٽي سنگتين کي پڙهي ٻڌايائين، تڏهين اهي اچي کل ۾ ڇٽڪيا: چي، "ميان، ڏيڏريءَ کي زڪام ٿيو آهي! اهي ڪم ڪن تہ پلي لنڊن جا وڏا قابل اديب ۽ ڊراما نويس ڪن، تون اڍائي اکر مس پڙهيو آهين ۽ اجان ڪالهہ جهنگ مان رلي رلي شهر ۾ آيو آهين، سو تو اهڙا ڪم ڪري سگهين!" همراه اچي ڦڪو ٿيو ۽ ڪٽي ماٺ ڪيائين. پر ڪائنس رهيو نہ ٿيو، سو ٻيو بہ کيل لکيائين، ٽيون بہ لکيائين؛ پر ڪنهن پڇيس بہ ڪونہ. آخر هڪڙو کيل ڇپايائين، ماڻهن پڙهي اڇلي ڇڏيو. "پلا ائين بہ ڪو کيل لکبو آهي؟ نہ ٻوليءَ ۾ چس، نہ ڳالهہ ۾ سواد!" پر هيءُ همراه نہ مڙيو. سڄا سارا 25 کيل لکيائين. مس مس وڃي ڪي اسٽيج تي پيش ٿيا. گهڻا فيل ٿيا، پر ڪي مڙيئي پسند پيا. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ هن پنهنجي ناٽڪ ڪمپني ڪولي، جنهن ۾ ائڪٽنگ بہ پيو ڪندو هو تہ ناٽڪ بہ لکندو هو. آخر 52 ورهين جي عمر ۾ مري ويو. مرڻ ڪان اڳ البت هڪڙو ٻنيءَ ٽڪرو ورتو هئائين، ٻيو ٿو پلو. اڪثر ماڻهو سندس ناٽڪن کي بيڪار ۽ واهيات سمجهندا هئا ۽ چوندا هئا تہ "جهڙو پاڻ جهنگ جو ڄٽ هو، تهڙا ڄٽاڻا ناٽڪ لکيا اٿس؛ سندس ناٽڪن جو ڪوبہ ڇٽو مقصد ڪونہ آهي، سڀ ڳالهيون گڏوچڙ ٿيون پيون آهن، پڇاڙيءَ تائين پتو نٿو پوي تہ مطلب ڪهڙو اٿس، وغيره وغيره." ڪن تہ مرڳو چيو تہ "هو پاڻ اکر بہ لکي ڪونہ ڄاڻي، ٻين نڙڪو لکندڙن ڪان لکائي پنهنجو ٿو نالو وجهي." ڪن چيو تہ فلاڻي ناٽڪ جي ڪاپي ڪئي اٿس، ادبي چور آهي. مطلب تہ ڪنهن ڪم جو ڪونهي. پلا، ٻيلن جو چور، ٻاهراڙيءَ جو ڄٽ، لنڊن جي اعليٰ اديبن ۽ زبردست ڊراما نويسن جي اڳيان ڇا بيهي سگهندو؟

انهيءَ ڳالهہ کي گهڻو وقت ٿي ويو. زماني جا معيار بدلجي ويا. وقت جون ڇوليون نامورن جي ناموس کي گهلي گمناميءَ جي سمنڊ ۾ اڇلي آيون، تہ ڪن کي اتان ڪڍي آڻي ڪناري تي رکيائون. ماڻهن پراڻا ادبي دفتر پٽيا، انهن کي پڙهيائون، توريائون تڪيائون . . . . اوچتو رڙ مچي ويئي تہ "اهو ٻهراڙيءَ جو ڄٽ، ٻيلن جو چور ۽ گمنام ائڪٽر وڏو اديب هو، وڏو دانا هو، يگانو ڊراما نويس هو، انگلنڊ جو عظيم ترين شاعر هو! هن جهڙو نہ ٿيو نہ ٿيندو!"

400 سال تي ويا آهن. اڄ سموري مهذب دنيا انهيءَ راءِ سان شريڪ ٿي ويئي آهي. ڪيس دنيا جي مڃيل جيترن عظيم ترين شاعرن ۽ اديبن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. علم ۽ ادب جي سلطنت ۾ هن جو سڪو رائج آهي. هن جا عاشق دنيا جي ڇهن ئي ڪنڊن ۾ وينا آهن. دنيا جي ڪابه ٻولي ڪانهي جنهن ۾ هن جا شاهڪار ترجمو نه ٿيل هجن. ۽ ها، جن "قابلن"، "دانائن" ۽ "عالمن" ڪيس "ڄٽ" "جاهل" ۽ "ادبي چور" ٿي سڏيو، تن جو نالو نشان به ڪونه بچيو آهي. ڪنهن کي خبر ڪانهي ته اهي "وڏا بزرگ" ڪهڙي باغ جي موري هئا.

ان ٻهراڙيءَ جي ڄٽ، ٻيلن جي چور ۽ ڪوجهيءَ شڪل واري ائڪٽر ۽ ناٽڪ لکندڙ جو نالو شيڪسپيئر هو!

جڳ جي پٽ ونڻ بدران جڳ کي پنهنجي پٽ ونائڻ وارا ماڻهو هر ميدان ۾ هر زماني ۾ پيدا ٿيندا رهيا آهن ۽ ٿيندا رهندا. هو ماڻهن جي لتاڙيل گسن تي هلڻ بدران پنهنجون نيون راهون ڳولي ڪڍن ٿا. هو پنهنجي زماني جي دستورن، قاعدن، عقيدن، رسمن ۽ ريتن تي اکيون ٻوٽي هلڻ بدران پنهنجي اعلىٰ عقل، بلند همت، بي پناه حوصلي ۽ زبردست قوت عمل سان وقت جون واڳون پنهنجي قبضي ۾ آڻين ٿا ۽ زماني جي تقدير بدلايو ڇڏين. "سچ" ڏسڻ ۾ ڪهڙو به اڻوڻندڙ، تلخ ۽ ڀيانڪ هجي، پر هو ان سان اکيون اکين ۾ ملائڻ کان ڪين ٿا هٻڪن، چاهي دنيا ناراض ٿي پوي يا زماني جو بنايل نظام درهم برهم ٿي وڃي، هو پنهنجي مقصد کان تر جيترو به هٽڻ لاءِ تيار نه ٿيندا. سچ سچ آهي، چاهي ان جي ڳچيءَ ۾ زماني جي خواريءَ جو طوق پيل هجي يا پيرن ۾ ڏاڍ جون ٻيڙيون. هنن جون نظرون سچ جي مٿان هتراڏو لڳايل ڪارائڻ ۽ بدناميءَ جي دامن کي پار ڪري ان جي اصلي حسن ۽ جمال کي تاڙي وٺن ٿيون. هو زماني جي ڪاوڙ ۽ عتاب جي ٽانڊن جي آڙاهن کي لتاڙيندا، سچ جي آستان تي پهچن ٿا. وهم، ڪوڙ، ناحق ۽ جهالت جون ڏائڻيون جڏهن دستورن، رواجن، قانونن ۽ عقيدن جا ٻهڪندڙ ۽ زرق برق وڳا ڍڪي، ڳچين ۾ ماڻهن جي مجتا ۽ تابعداريءَ جا چمڪندڙ هار لوڏينديون، ناز نخري سان ٺلندي ٺلندي، عقلن کي چرخ ڪريو ڇڏين، تڏهن هي اوچتو هٿ وڌائي سندن انهيءَ نڳيءَ جي لباس کي سٽ ڏيئي ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪري، سندن اصلي ڪراهت جهڙي روپ کي اگهاڙو ڪريو ڇڏين. هي انسان ذات جو ضمير آهن، روشنيءَ جا اوچا منارا آهن، جي تاريخ جي اجهاڳ سمنڊ جي هر

منزل تي انسانيت جي ٻيڙي کي وهم ۽ تعصب جي خوفناڪ ڪنن ۽ ظلم ۽ وحشت جي هيبتناڪ طوفانن کان بچائين ٿا.

ٻئي طرف اهي آهن، جي هر زماني ۾ ماڻهن کي چوندا رهن ٿا تہ "پنهنجي دماغن کي ڪلف چاڙهي ڇڏيو! زبانن تي مهرون لڳائي ڇڏيو! سوچڻ گناهہ آهي، سمجهڻ ڪفر آهي: اکيون بند ڪري، جيڪي اوهان کي چئجي سو مڃو، تابعداري ڪريو! جيڪو ائين نہ ڪندو سو لعنتي آهي، ڪافر آهي، زنديق آهي، واجب القتل آهي!

هو انساني تخيل جي رنگبرنگي، من موهيندڙ ۽ حسين پکين جا نازڪ پرڙا کوهي انهن کي لوهي پڃرن ۾ بند ڪرڻ گهرن ٿا. نوان تجربا، نيون تحقيقون، نيون طرزون ۽ نوان خيال هنن جي دين ۾ حرام آهن. زندگيءَ جي ڪنهن بہ ميدان ۾ هڪ وک بہ اڳتي ڪڻڻ هنن وٽ ڪبيرو گناهہ آهي.

هنن جو نسل بہ ايامن کان دنيا ۾ قائم آهي. هو هر ظلم ۽ وحشانيت جا علمبردار ۽ گمراهين ۽ اونداهين جا پرچاري آهن، هي وحشي ۽ بزدل قبيلو روز اول کان وٺي، ڪڏهن رسم و رواج جي قديم غارن مان تہ ڪڏهن مذهب ۽ دين جي اوچن منارن تي ويهي، انسانن جو شڪار ڪندو رهيو آهي.

هي ماڻهو هرڪا بڇڙائي ۽ بيهودائي، ڪنهن نہ ڪنهن نيڪ ۽ چڱيءَ شيءِ جي نالي ۾ ڪن ٿا. هي اهي آهن، جن اڍائي هزار ورهيہ اڳ "يوناني اخلاق" جي نالي ۾ سقراط کي زهر جو وٽو پياريو؛ جن ٻہ هزار ورهيہ اڳ "قانون ۽ انصاف" جي نالي ۾ مريم جي مسڪين ۽ ڀالي پولي پٽ کي "باغي" نهرائي، سوريءَ تي چاڙهيو؛ جن صدين لاءِ "ڪرشن ڀڳوان" جي نالي ۾ هندستان جي ڪروڙها انسانن کي "شودر" سڏي، سندن ڪنن ۾ شيها پلٽايا؛ جن 1400 ورهيہ اڳ مڪي ۾ "ابن ڏاڏن جي دين" جي نالي ۾ آمنہ جي لال (صلعم) کي "پاڳل" ۽ "ڪافر" نهرائي سندس قتل جو حڪم ڏنو؛ جن "اسلامي خلافت" جي نالي ۾ حسينؑ کي "باغي" جو لقب ڏيئي ڪربلا ۾ ڪٺو؛ جن "پاڪ مريم" جي نالي ۾ يورپ جي لکها عيسائين جو ڪوس ڪيو ۽ "مقدس ڪليسا" جي نالي ۾ اسپين ۾ مسلمانن کي حرف غلط وانگر مٽائي ڇڏيو! ها، هي اهي ساڳيا آهن، جن عراق، شام ۽ مصر ۾ "چئن يارن" جي نالي ۾ لکها مسلمانن کي "شيعو" نهرائي، سندن سر قلم ڪيا، ۽ ساڳئي وقت "عليؑ" جي نالي ۾ اوترن ئي مسلمانن کي "سني" نهرائي، جڻ ٻڇي مارائي ڇڏيو!

هو ڪڏهن ”جرمن تهذيب“ جي نالي ۾ بيگناهه مردن، عورتن، ٻارن ۽ ٻڍن کي مشينن ۾ پيڙي، منجهائن خوشبودار صابڻ نهرائين ٿا، ته ڪڏهن ”فرينچ تهذيب“ جي نالي ۾ جميله بوپاشا جهڙين معصوم الجزائري ڇوڪرين کي اگهاڙو ڪري ساڻن وحشيانه عقوبتون ڪن ٿا!

اڄ به انهيءَ قبيلي جا ماڻهو ”مغربي تهذيب“ ۽ ” آمريڪي آزادي“ جي نالي ۾ ڏکڻ آفريڪا ۽ ويٽنام جي مظلوم انسانن جو ڪليو ڪلايو شڪار ڪري رهيا آهن. هي ماڻهو ڪڏهن ”مذهب“ ۽ ”تهذيب“ جي پردي ۾ لڪي ڪارروايون ڪن ٿا، ته ڪڏهن ”ادب“ ۽ ”اخلاق“ جي ڪڏڻ جي آڙ مان پنهنجا زهريلا ڀالا هڻن ٿا.

سنڌ ۾ اڄڪلهه جيڪي ماڻهو ”ادب“ ۽ ”اخلاق“ جي نالي ۾ ”ڪافر“ ”باغي“ ”ڪميونسٽ“، ”ملحد“، ”دهريو“ جي فتوائن جا زهري خنجر ڪڍي ملڪ ۾ ڪاهي پيا آهن، سي انهي پراڻي پاپي قبيلي جي هڪڙيءَ بدنام شاخ جا ماڻهو آهن. جن کي ادبي داداگيريءَ ۽ قلمي غنداگردي ۽ سرڪاري دلاليءَ جو اذن مليل آهي.

# (7)

سنڌي شاعريءَ ۾ هڪڙو نالو اول ۽ آخر آهي. سنڌي شاعريءَ جي اعليٰ روايتن ۽ بلند قدرن جو سرچشمو ”لطيف“ آهي. هر نقط نظر، هر ذوق، هر لياقت ۽ هر قسم جي سنڌيءَ جي اڳيان ”لطيف“ جي شاعري اسان جي ادب جي سڀ کان قيمتي، سڀ کان بي بها ميراث آهي. لطيف جي شاعريءَ کي هرڪنهن پنهنجي پنهنجي نموني پڙهيو، پروڙيو ۽ پيار ڪيو آهي. ٻين وانگر، اسان جا موجوده شاعريءَ جا ابا ۽ باقاعدي شاعر به شاهه جي عظمت جا قصيدا ڳائين ٿا.

ڏسڻو هي آهي ته آيا اهي شاهه جا معتقد ۽ مريد رڳو عقيدت جا لفظي پڙ چاڙهڻ جا ملوڪ آهن، يا سچ پچ سندس روايتن ۽ قدرن تي ايمان رکن ٿا، انهن جي پيروي ڪن ٿا ۽ ان واٽ تي هلن ٿا! ڀلا، شاهه جي هن بي پناهه مقبوليت جا اصل سبب ڪهڙا آهن؟ ماڻهو چون ٿا ته هو انهيءَ ڪري مقبول آهي، ڇاڪاڻ ته هو صوفي، درويش، ولي ڪامل، حق آگاهه، بحر معرفت، مخزن اسرار الاهي ۽ شارح قرآن هو. هو بيشڪ اهو سڀڪجهه هو، پر سوال آهي ته سنڌ ۾ جتي خدا جي فضل سان گهر گهر عيد آهي، شهر شهر بلڪ ڳوٺ ڳوٺ کي پنهنجو ڪامل ولي، مرشد حق آگاهه، درويش معرفت رسيده آهي، اتي هڪڙو ٻيو به ولي پيدا ٿيو ته ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. رڳو اسان جي ٺٽي واريءَ مڪليءَ ۾ ئي چون ٿا ته سوا لک اوليا الله جا پيا آهن. سڀ درويش، سڀ ڪامل، سڀ ولي، سڀ ڪرامتن جا صاحب. هڪڙو ٻئي کان زور. سيوهڻ، روهڙي ۽ جهوڪ – چوطرف ڪرامتون، اسرار، لقاءَ، حال، قال! درحقيقت سنڌ ۾ ولين کان سواءِ ٻيو آهي ڇا؟ پر سڄيءَ سنڌ ۾ ”لطيف“ فقط هڪڙو آهي ۽ رهندو. ڇو ته هو ولي هجڻ کان قطع نظر، هڪ نرالو ۽ پيارو انسان هو. خدا رسيده ته گهڻائي پيا آهن، پر هو انسان رسيده هو. هن انسانن جي روح ۾ جهاتي پائي، انسانن جا ڏک درد، سندن جذبا ۽ احساس ڏٺا هئا.

هو سچو مومن هو، اسلام جو پيرو ۽ توحيد پرست هو. پر هن عرب ۽ ايران جي بدران پنهنجي دل جو ڪعبو بدنصيب ۽ پياري وطن سنڌ کي بنايو. ايران جي آبجو ۽ شيراز جي باغن ۾ ٽڙندڙ سرو، سمن، لاله، نرگس ۽ سنبل جي بدران هن پنهنجي وطن جي پُسين، پيرن ۽ ڏونرن جي حسن جا نغما ڳايا. جتي ان

وقت جي هند ۽ سنڌ جا نامر ڪٿيا شاعر بهادريءَ ۾ رستم، سهراب ۽ اسفنديار جا مثال ڏيندا هئا، اتي هن پنهنجي وطن جي هيرن ــ ابڙي، جکري ۽ سپڙ ــ تان گهورون گهوريون: سندن سخا، مردانگي ۽ دليريءَ جا داستان ڳائي، ڪين امر ۽ لازوال ڪري ڇڏيائين. هو جڏهن خود خدا جي رحمر، ڪرمر، عنايت، محبوبيت ۽ بي نيازيءَ جي شان بيان ڪرڻ لاءِ حسين استعارا ڳولي ٿو، تڏهن ڪيس وطن جا دلير ۽ بانڪا ياد پون ٿا ۽ هو خدا کي پنهون، تماچي، جکرو، چنيسر، راڻو ۽ سپڙ سڏي ٿو. هيءَ ڳالهه آهي، جا ڪنهن بہ عرب، ايراني، هندي يا سنڌي شاعر نہ ڪئي آهي. هن جي خوبصورت دليريءِ اڳيان خود روميءَ جهڙي مست جي سموري آگ ۽ جلال عاجز ٿا لڳن.

لطيف هر ڳالهه ۾ پنهنجي دور جي ٻين شاعرن کان نرالو آهي. ان وقت هند ۽ سنڌ تي فارسيءَ جو راڄ هو. درٻار جي زبان فارسي هئي. علمر ۽ فن جي زبان فارسي هئي. سنڌي شاعري صرف ڳوٺن ۾ نامعلوم جڳهن تي پٽڪو ڪندي هئي، نہ تہ هرهنڌ فارسي شاعريءَ جو بول بالا هو. لطيف انهيءَ روايت ۽ دستور کي اورانگهي ۽ لتاڙي، پنهنجي الڳ راهہ ورتي. هن پنهنجي وقت جي فارسي گو شاعرن وانگر فارسي شاعريءَ جي تقليد ۾، فارسي بحرن ۽ وزنن ۾ بہ شاعري ڪانہ ڪئي، نہ وري هن ان وقت رائج شاعريءَ جي مضمون يا انداز جي پيروي ڪئي. هن جي ٻولي، بحر، وزن، تشبيهون، استعارا، بندشون، موضوع ۽ انداز نظر خاص پنهنجا ۽ دنيا کان نرالا هئا. ان وقت جا ناليرا شاعر مثنويون، قطعا، غزل، نظمر، شهر آشوب ۽ انهيءَ قسمر جا ٻيا ايراني طريقا اختيار ڪري مقبوليت حاصل ڪندا هئا. هو پنهنجي مادري ٻوليءَ کي انهيءَ لائق ئي نہ سمجهندا هئا تہ ڪو اها شاعريءَ لاءِ ڪتب آندي وڃي. تنهنڪري شاهہ لطيف جي پهرين خصوصيت روايت کان مڪمل بغاوت آهي. جتي روايتي شاعريءَ جا موضوع فقط هجر ۽ فراق، ظالمر ۽ هرجائي محبوب، رقيب روسياهہ فلڪ ناهنجار، معشوق جي قد بت جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪرڻ ۽ سندس ڪمر جي تلاش ڪرڻ هئا، اتي لطيف ڏٺ ڏوريندڙ ڏوٿين، برسات لاءِ واجهائيندڙ هارين، جهنگلن ۾ پٽڪندڙ ماروئڙن، سمنڊ ۾ اڪا وجهندڙ هندو چوڪرين، ساٿياڻين، مهاڻين، ماڱرين، جوڳين، ڦورو سردارن، سندن ستايل ياڳين، سخي ڏاتارن، مڱڻهارن، انن، هنجن، روهہ جي ڪونجڙين، سپن، ڪپرن ۽ ٻين اهڙن سنڌي زندگيءَ جي ڪردارن کي پنهنجو موضوع بنايو آهي. هن جا ڪردار اهي آهن،

جيڪي سنڌ ۾ سچي پچي معنيٰ، مقصد ۽ حقيقت رکن ٿا. هن کي پنهنجي وطن جي چپي چپي سان، ۽ سنڌس هر مرد، ٻار ۽ عورت سان، هر مظلوم سان هر ڏکويل، هر خوبصورت ۽ پياريءَ شيءِ سان والهانہ محبت آهي. هو شاعري انهيءَ ڪري نٿو ڪري تہ ڪو ڪيس پنهنجي شاعرانہ ڪمال جي نمائش ڪرڻي آهي، پر ڇاڪاڻ تہ ڪيس اهڙي تہ حساس، عميق ۽ انساني همدردين سان پرپور دل آهي، جو هو بي اختيار پلٽيو پوي. هن کي سنڌي ٻوليءَ سان عشق آهي. هو ان زبان جو اهو جوهري آهي، جنهن وٽ ماڻڪن جا مٽ پريا پيا آهن. هن سنڌي زبان جي معمولي لفظ مان ڪڏهين ماکيءَ جو ڪم ورتو آهي، تہ ڪڏهن شراب جو نشو پيدا ڪيو آهي. انهن لفظن مان هو ڪڏهين احساسن جا ٿانڀا ۽ مچ ٻاري ٿو، تہ ڪڏهين احتجاج ۽ بغاوت جا بارود پري ٿو. ڪوبہ اهڙو موضوع ڪونهي، ڪوبہ اهڙو واقعو نہ آهي، ڪوبہ اهڙو احساس نہ آهي، جنهن کي لطيف شاعريءَ جي معيار کان گهٽ سمجهي نظرانداز ڪيو هجي. هن سنڌ جي عام ماڻهن، مردن ۽ عورتن، خاص ڪري عورتن جي جذبن جي جنهن خلوص، امنگ ۽ جذبي سان ترجماني ڪئي آهي، تنهن جي بيان لاءِ دفتر ڪپن. شاهہ جي شاعري درحقيقت هتي جي عام ماڻهن جي زندگيءَ جو هڪ درد انگيز ۽ من موهيندڙ داستان آهي.

لطيف جي عظيم روح ۽ سنڌس فن جي عظيم روايتن کي برقرار رکندڙ ۽ ان کي اڳتي وڌائيندڙ ۽ سنواريندڙ ئي سنڌ جا صحيح اديب ۽ شاعر آهن ۽ نہ اهي جن ان انسانيت پرور، جرات مندانہ ۽ تخليقي روايتن کان پٺي، نلهي تڪبنديءَ جو بي روح ۽ بي معنيٰ رينگٽ مچايو آهي.

سنڌيءَ کي مڏيءَ ڪاتيءَ سان ذبح ڪرڻ، سنڌي شاعريءَ جي شاندار ۽ روشن چهري کي داغدار ڪرڻ، سنڌ جي ماحول ۽ قومي مزاج سان چٽر ڪرڻ، سنڌي شاعريءَ جي قافلي کي اوجهڙ ڏانهن منهن ڏيڻ ۽ سنڌ جي پنهنجي ادبي روايت کان بغاوت ڪري ٻين جي غلامي ڪرڻ وارن مان هڪڙو بزرگ ابراهيم خليل اڄڪلهہ شاهہ لطيف جي غم ۾ سينو ڪٽي، اوچنگارون پيو ڏئي؛ ان ”لطيف“ جو دم پيو پري، جنهن جي منڙي ٻوليءَ کي پاڻ ۽ سنڌس قبيلي جي ماڻهن جيئري قبر ۾ پوري چڏڻ ۾ ڪين گهٽايو، جنهن جي ٻوليءَ مان ڪين ڏپ ٿي آئي، جنهن جي فني روايتن کي هنن حقارت سان نڪرائي ڇڏيو ۽ جنهن جي جاري ڪيل شعر جي آبحيات جهڙين شفاف ۽ حيات بخش نهرن کي ڪن ۽ گند سان پرڻ هنن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بنائي ڇڏيو.

شاهه جي حب جو سانگ رچائڻ ۽ پنهنجن چاڙتن جي هٿان ٽڪو ڏيئي حشر پٽائڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ هي اردوءَ ۽ فارسيءَ جي شاهي درٻارين جا منصبدار، پنهنجي زماني جا فردوسي ۽ حافظ، مير ۽ غالب، عرفي ۽ رودڪي، ادبي آسمانن جا باشندا، عاج جي محلن جا مڪين، اڄ هن حال ۾ هيٺ زمين تي ڇو پيا ڏسجن؟ ڪين اوچتو جهانگين ۽ مارن جو ”شاهه“، پٽن ۽ وٿاڻن جو ”لطيف“ ڪيئن اچي ياد پيو آهي؟

خليل ۽ ٻين فارسي زده تڪبند ”شاعرن“ نه رڳو هيئت جي اعتبار ڪان بلڪ موضوع، مواد ۽ اسلوب جي نقطي نگاهه ڪان پڻ سنڌي شاعريءَ جي ماضيءَ جي عظيم ورثي ڪان بغاوت ڪئي. هنن ڪلاسيڪي ۽ روايتي سنڌي شاعريءَ جي روايتن کي پُٺ ڏيئي ۽ سندس بي بها خزانن کي نظرانداز ڪري، نه رڳو فارسي هيئتون ۽ سانچا اختيار ڪيا، بلڪ سندن ٻولي، محاورا، تشبيهون، استعارا، ترڪيبون، بندشون ۽ ماحول سڀ غير سنڌي ۽ اوپرا هئا. سندن تڪبنديءَ جون پاڙون سنڌ بدران ايران ۾ لٽڪيل هيون. سندن راهه بلڪل الڳ هئي. اها الڳ راهه سنڌي شاعري کي ڪنهن نئين شاداب ۽ سرسبز منزل ڏانهن نه، پر هڪ پراٽي، لتاڙيل ۽ پڙپانگ اوجهڙ ڏانهن وٺي ٿي ويئي. ان جا مکيه سبب هي هئا:

(1) هنن پنهنجي وطن، ٻوليءَ ۽ روايتن ڪان پاڻ کي ڇني، ڌار ڪري، ٻئي ملڪ، ٻيءَ ٻوليءَ ۽ ٻئي ماحول سان ناتو ڳنڍيو. جنهنڪري سنڌين لاءِ سندن شاعريءَ ۾ ڪابه دلچسپي ۽ اصليت نه رهي.

(2) جنهن ڌارينءَ شاعريءَ جي روايتن ۽ سانچن تي هنن هلڻ شروع ڪيو، خود ان ۾ جيڪي ارتقائي تبديليون ٿيون ۽ ويهين صدي تائين اها موضوع ۽ هيئت جي خيال ڪان جنهن منزل تي پهچي چڪي هئي، تنهن جي هنن کي ڪابه خبر ڪانه هئي. هنن ويهين صديءَ ۾ ويهي فارسيءَ جي ان دور جو نقل ڪرڻ شروع ڪيو، جو 8، 9 صديون اڳ ۾ ختم ٿي چڪو هو.

(3) جنهن 8، 9 صديون اڳ جي فارسيءَ کي هنن سامهون رکيو، ان جي زبردست روح ۽ عظيم معيار کي قائم ڪرڻ ۽ ان جي اعليٰ روايتن کي پنهنجو ڪرڻ جي منجهن صلاحيت نه هئي. هو حافظ، سعدي، خيام، رومي جي زنده خيالن، گهرن ۽ جاندار احساسن ۽ بلند پروازين کي سمجهڻ ۽ پنهنجو ڪرڻ بدران فقط معمولي قسم جا نقال ۽ لڪير جا فقير ٿي رهجي ويا. جنهنڪري نه

هيڏانهن جا رهيا نہ هوڏانهن جا. سندن شاعري فارسيءَ جي اعليٰ ۽ روشن خيالن ۽ شاندار فني ڪارنامن جي هڪ بيروح، بي جان ۽ مرده تصوير هئي. فارسيءَ جي اٿاهہ گهري ۽ سدا شاهوڪار سمنڊ مان ٽٻيون هڻي، موتي ميڙڻ بدران، هنن فقط ڇلرن ۾ ڇهنبون ٻوڙيون ۽ ستيون ۽ سانگوٽا ميڙيا. درحقيقت هنن جي شاعريءَ کي فارسي شاعريءَ جي تقليدي شاعري ڪوٺڻ بہ فارسي شاعريءَ جي شاندار نالي تي هڪ بدنما داغ ۽ زبردست بهتان آهي. انهيءَ بي بنياد، نقلي، بي جان ۽ نام نهاد شاعريءَ جي رائج ٿيڻ ڪري سنڌي شاعريءَ جو واڌارو بيهي رهيو ۽ ان جو مستقبل سخت خطري ۾ پئجي ويو.

❋

# (8)

مـحـلـيـن آيـو مـگـڻـو، ڪـڻـي ساز سري،
لـڳـي تـنـد تـنـبـيـر تـي، پـيـا ڪـوٽ ڪري،
هنڌيـن مـاڳيـن هـوءِ ٽـي ٻـيـجـل دانهن ٻري،
جهوناڳڙه جهري، پوندي جهانءِ جهروڪ ۾.
(شاھ)

سنڌي شاعريءَ کي انهيءَ اوجهڙ مان ڪڍي نئين ۽ روشن راھ تي گامزن ڪرڻ ۾ جنهن شخص سڀ کان وڏيڪ ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، سو آهي شيخ مبارڪ اياز. هن سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي مقبول صورتن، جهڙوڪ ڪافي، وائي، بيت، دوهي، چيچ کي ورڇ رائج ڪيو آهي ۽ انهن کي نئون رنگ ۽ آب تاب ڏيئي سنواريو ۽ سنگاريو آهي. هن روايتي شاعريءَ کان غزل جو سانچو وٺي ان ۾ نه رڳو سنڌي ۽ اصلي رنگ پريو آهي پر ان کي وڏيڪ خوبصورت ۽ دلڪش بنايو آهي. هن مغرب توڙي مشرق جون مقبول ۽ مشهور شعري صنفون ــ سانيٽ، ترائيل، آزاد نظم، جاپاني هائيڪو ــ سنڌيءَ ۾ رائج ڪيون آهن ۽ سنڌي شاعري کي هيئت جي اعتبار کان بين الاقوامي سطح تي آندو آهي. هن موضوع جي اعتبار کان ماضي توڙي حال جي زنده خيالن ۽ تصورن کي نئين انداز ۽ نئين رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. فارسي شاعريءَ جي عظيم خيالن ــ تنگ نظري، تعصب ۽ ريا جي پرده چاڪي ۽ بي نقابي، انسان دوستي، همہ اوست ۽ صلح ڪل جو پيغام، اناالحق جا آواز، بيباڪي، شوخي ۽ سرمستي ــ ۽ هندي شاعريءَ جي خوبصورت سادگي، ميناج، نرميءَ ۽ فطري حسن، سندس شاعريءَ ۾ جڻ نئون جنم ورتو آهي. هن هڪ طرف موجوده دور جي بين الاقوامي سماجي قدرن، جهڙوڪ عوام دوستي، بين الاقواميت، جمهوريت پسندي، سماجي انصاف، جي پرپور ۽ پراثر ترجماني ڪئي آهي، ته ٻئي طرف سنڌ ۽ وطن دوستي جي قدرتي جذبن کي لافاني بنايو آهي. هن سنڌي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ ۽ ماحول جي خيال کان هڪ نئون روح ڦوڪيو آهي ۽ ان کي

هڪ نئون جنم عطا ڪيو اٿائين. هن سنڌي شاعريءَ جي دامن ڪي حسين ۽ پيارين نج سنڌي تشبيهن، ترڪيبن، استعارن ۽ بندشن جي هڪ اٿاه ذخيري سان مالا مال ڪيو آهي ۽ پراڻين تمثيلن ۾ نيون معنائون ۽ نوان مفهوم پريا آهن.

سنڌس شعر ۾ اهي سموريون خوبيون ڪي مٿان مڙهيل يا زور ڪري ٽنبيل نہ آهن. پر اهي قديم ۽ جديد قدر، اهي اعليٰ شاعراڻيون روايتون، اهي وسيع گوناگون موضوع سنڌس ذهن جي هيئنانهين تهن ۾ ائين جذب ٿيل آهن ۽ سنڌس اعليٰ شعور انهن ڪي اهڙيءَ تہ خوبي، صفائيءَ ۽ چٽائيءَ سان پروڙيو آهي، سنڌس دل انهن ڪي اهڙيءَ سچائيءَ ۽ شدت سان محسوس ڪيو آهي، جو اهي خوبيون سنڌس شاعريءَ جو ضمير بنجي ويون آهن. ان قيمتي مٽيءَ ڪي هن هڪ قابل ڪنڀار وانگر پنهنجي نراليءَ ڪاريگريءَ سان گهڙيو، چٽيو ۽ سينگاريو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ پيش ڪيو آهي تنهن تي اعليٰ فن جي مهر لڳل آهي. انهن ڳالهين کان سواءِ منجهس اهو قدرتي جوهر آهي، جو عظيم تخليقون پيدا ڪندو آهي، اها ڪيميا جا لوهہ ڪي سون بنائي ٿي، اها اڻ لڀ ۽ املهہ شيءِ، جنهن ڪي ذات چوندا آهن.

درحقيقت سچي پچي شاعر تي اهو لڪي، جو شعر ڪي پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪري سگهي، جنهن جي روح ۾ موسيقي هجي، جنهن جي ذهن تي سچ ۽ سونهن جو ڪنوٽيون چمڪيون هجن. تنهن کان پوءِ، عظيم شاعري ڪو آلجبرا جو حساب ڪونهي، جو هڪڙو ٻئي ڪي سمجهائي سگهي. اها پاڻ محسوس ڪبي آهي، ٻڌائي نہ سگهبي آهي. لطيف تي سون سالن کان اسان جا بزرگ لکندا اچن. سنڌي ٻوليءَ جون سموريون صفتون ۽ تعريفي اکر کٽائي ڇڏيا اٿن، پر اهڙا سوين مقالا پڙهڻ کان پوءِ بہ ذهن تي اها ڪيفيت پيدا نٿي ٿئي، جيڪا لطيف جي ٻن سٽن ڪي پاڻ پڙهي ڏسڻ سان ٿئي ٿي. درحقيقت هر سال جيڪي بزرگ لطيف جهڙي ديوپيڪر، هماليہ جبل جيڏي انسان ڪي خراج عقيدت ڏيڻ جي بهاني پنهنجن ذاتي راين جي تنجڻن ۾ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ڪيس پنهنجي تنگ نقطہ نظر جي پتڪڙي چيچ هٿ ۾ ڏيئي، پنهنجي مرضيءَ موجب پيرڙيون ڪڍائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، تن جي خوداعتمادي ۽ خوشفهميءَ تي مون ڪي هميشہ ساڳئي وقت کل ۽ روئڻ ايندو آهي. آءٌ تصور ۾ ڪيتريون ٻليون ڏسندو آهيان: جي ڪنهن ڪيهر شينهن جي ڪلهي تي چڙهي، بزرگانہ شفقت سان سنڌس پٺ نپري سنڌس سرپرستي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون هجن. عظيم

شاعري ۽ عظيم فن لافاني شيون آهن: اسين، جي فاني ۽ عارضي تماشائي آهيون، تن جي هر راءِ فنا جو بقا کي هڪ نماڻو سلام تي سگهي ٿو ۽ بس. بقا کي فقط بقا سمجهي سگهي ٿي، فقط تاريخ فيصلو ڏيڻ جي همت ڪري سگهي ٿي، خود شاعر ۽ فنڪار به نه. ڇو ته شيڪسپيئر، فردوسي، غالب، لطيف، ڪاليداس، خيام ۽ ميران کي اهو وهم ۽ گمان ۾ به هوندو ڇا ته ايندڙ نسل سندن پويان هيئن چريا ٿي پوندا؟ اڃا ته دهلي دور آهي. اڄان ايندڙ صديون انديون، اهي خدا ڄاڻي ڇا ڪن. اسين ته فقط ايترو چئي سگهون ٿا ــ ته ــ

مون سي ڏٺا ماء، جنين ڏٺو پرين کي،
تنين سندي ڪاء، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

اياز جي شاعري به پڙهڻ جي شيءِ آهي، روح سان محسوس ڪرڻ جي شيءِ آهي. لفظي وڍ ڪٽ ۽ آپريشن سان سمجهائڻ جي ڳالهه ڪانهي.

اهو به ضروري نه آهي ته هرڪو شاعريءَ کي پسند ڪري. بوعلي سينا طب تي لافاني ڪتاب لکيا آهن پر اسان کي اهو پڙهندي ڪو لطف نه ايندو ڇو ته اسان جو ايڏانهن لاڙو ڪونهي. نزاڪت علي سلامت عليءَ جي قوالين جي هاڪ آهي، پر گهڻن لاءِ اهي ائين جڻ دٻي ۾ ٺڪريون، چيني ماڻهو خوبصورت راڳ ڳائين ٿا، ته اسين پانيون ٿا ته روئن پيا.

اسين سنڌي ماڻهو هونئن به ايترو ته علمي طرح پوئتي پيل آهيون، ايترو ته زماني جا ستايل آهيون: جو اسان کي شاعري پڙهڻ جهڙي ذهني عيش جي فرصت ئي ڪانهي: تنهنڪري اسان مان جيڪي خود شاعريءَ کي ئي واهيات شيءِ سمجهندا آهن، تن کي اياز جي شاعريءَ ۾ ڪجهه به نظر نه اچي، سڀ ڪجهه بڪواس لڳي، ته عجب جي ڳالهه ڪانهي. هو پنهنجيءَ جاءِ تي صحيح آهن. پر جيڪڏهين توهان پنهنجي ٻين پائرن کان وڌيڪ خوشنصيب آهيو ــ توهان لطيف پڙهيو آهي، سچل پڙهيو آهي، توهان غالب، مير، رومي، فردوسي ۽ ٻيا شاعر پڙهيا آهن ۽ شعر جي جادوءَ کي جيءَ ۾ محسوس ڪيو آهي: جي توهان خوابن جي جنتن جو سير ڪيو آهي، ته پوءِ توهان کي اياز جي شاعريءَ جي دنيا جو به سير ضرور ڪرڻ گهرجي. هيءَ دنيا توهان جي ڏٺل وائٺل به آهي، ته بلڪل نرالي به آهي. هتي ماضي به آهي ته حال ۽ استقبال به. سنڌ به آهي ته هند به، بلڪ سمورو جهان به. سرڪ ۽ مرڪ به آهي ته لڙڪ به. خال اونده انڌڪار به آهي ته نور پري

نيراڻ به. خوشي ۽ سرمستي به آهي ته پڇتاءُ جي پيڙا به. هتي خودي به آهي ته بي خودي بلڪ نيستي به. نهايت ساديون ۽ معصوم تمنائون ننڍڙا ذاتي غم ۽ خوشيون به آهن ته ابن آدم جي ازلي بدنصيبين ڏکن، بکن ۽ موت جو ماتم به آهي.

اياز اهو شهباز آهي جو ڪڏهين ڏسو ته اکين تي ڪوپا چاڙهايو اوهان جي پڃري ۾ بند ٿيو پنهنجي حال تي ڳوڙها پيو ڳاڙهي ۽ خوشيءَ جي چوڳي ذري لاءِ پيو واجهائي ۽ اهو ملڻ تي بود ۾ پرجي نچڻ لڳي ٿو ته ڪڏهين ڏسو ته هڪ ئي پڙڪي سان مٿي، تمام مٿي نڪريو وڃي ـ انهن نامعلوم بلندين تي جتي پاڻ ۽ پر، پنهنجي ۽ ڌارئي، ديس ۽ پرديس، قوم، نسل، مذهب، ماضي ۽ حال ۽ استقبال، خوشي ۽ غم، آس ۽ نراس، هستي ۽ نيستيءَ جون سرحدون نظرن کان اوجهل ٿيو وڃن ـ جتان خود ڌرتيءَ جو هي لکها سالن کان ڦرندڙ گولو قابل رحم لڳي ٿو. جتي آگاهي ۽ ڄاڻ جون ننڍڙيون ٻيڙيون حيرت جي بي انت بحر ۾ غرق ٿيو وڃن. سندس نگاهه معموليءَ کان معمولي شيءِ ۽ روزمره جي نظاري تي به آهي، ته انهن حيرت انگيز منظرن ۽ ڪائناتن تي به آهي جيڪي مادي وجود کان بي نياز آهن ۽ جن کي فقط تخيل جون اکيون ڏسي سگهن ٿيون. سندس سيني ۾ جڻ ته هزارها لکها دليون آهن، جي هر انساني جذبي، احساس، شعور ۽ لاشعور جي چرپر کي محسوس ڪن ٿيون ۽ ان جي موٽ ڏين ٿيون. سندس اظهار ۾ قيامت خيز طوفانن جي انڌي قوت به آهي ته چشمن جو سريلو، جهيڻو سر به آهي ۽ ڍنڍ جي بينل پاڻيءَ جو نشيلو سڪون ۽ موسيقي طلسمي ذات جي اشاري ملڻ سان بظاهر معمولي ۽ مئل اکر اک چنڀ ۾ جيئرا ٿي معنىٰ ۽ مطلب جا رنگبرنگي ويس اوڍي ذهن جي اسٽيج تي رقص ڪرڻ لڳن ٿا ۽ دل جي تارن تي عجيب اٽبڌل ۽ حسين راڳ ٻڌائڻ لڳن ٿا. ننڍاڪڙن ۽ ابوجهه لفظن کان هن اظهار جا اهي معرڪا سر ڪرايا آهن جو حيرت ونيو وڃي ته هنن ڄاتل سڃاتل لفظن ۾ ايڏي نواڻ، ايڏو مايو، ايڏيون گهرايون ۽ ايڏو مفهوم ڪٿان آيا! اها ٻولي جنهن ۾ هيستائين صرف وچولي دور جو فڪر ۽ شعور پيش ٿي سگهيو آهي سا هڪڙي ئي ڇال سان صدين جو سفر طي ڪري دور جديد جي جديد ترين خيالن جي اظهار جو وسيلو بنجي ويئي آهي. نج سنڌي اکر، نج سنڌي تشبيهون، استعارا ۽ ترڪيبون اياز جي شاعريءَ جو مکيه ۽ مرڪزي جزو آهن. سندس هر سٽ سٽن پاڻين ۾ ڏوتل آهي، لفظ لفظ گهڙيل ۽ سنواريل آهي.

اياز جي شاعري ڪنهن هڪ فرد جي خالص ذاتي ڪرامت ڪانهي، اها سنڌ بلڪ دنيا اندر شعر ۽ فڪر ۽ شعور جي صدين جي ارتقا جي خاص منزل جو هڪ خوبصورت ۽ شاندار نشان آهي. مشرق ۽ مغرب جي قديم ۽ جديد عظيم شعري ورثي ـ شيڪسپيئر، بائرن، شيلي، ڪيٽس، باولير، ميران، خيام، رومي، حافظ، لطيف، سامي، سچل، بيوس جي شاعريءَ جي پس منظر جي غيرموجودگي ۾ اياز جي شاعريءَ جي وجود ۾ اچڻ جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهين ڪيس شاهه عنايت، لطيف، سچل، سامي ۽ بيدل جي سنواريل ۽ اجاريل سنڌي زبان ۽ انداز بيان ورثي ۾ نه ملن ها ته منجهس اها دلربائي، اها اٿاهه ڪشش ۽ نفاست هرگز نه ملي ها. ساڳيءَ طرح مشرق ۽ خاص ڪري سنڌ جي مخصوص سماجي ۽ تاريخي حالت ۽ اجوڪي سماجي ۽ فڪري ماحول ڪان سواءِ به اها شاعري اها نه هجي ها جيڪا آهي.

ليڪن انهن سڀن ڳالهين جي باوجود بلڪ ڪنهن حد تائين انهن ڳالهين ڪري ئي اياز جي شاعري سنڌ اندر هن دور، هن صديءَ جي عظيم ترين اڪيلي ادبي حقيقت آهي.

زوال پذير تڪبند شاعريءَ واري لمبي مرض الموت ڪان پوءِ سنڌي شعر جو نه رڳو جيئرو رهجي وڃڻ پر ان قوهه جوين تي رسڻ جنهن تي اياز ڪيس رسايو آهي سو هڪ عظيم ادبي معجزي ڪان گهٽ ڪونهي. وطن جي خاڪ انهي ڪرشمي تي جيترو به فخر ۽ ناز ڪري سو گهٽ آهي.

اياز جي شاعريءَ ۾ ڪو نقص آهي ته اهو هيءُ ته هو سنو قصيده گو ڪونهي، تنهنڪري سرڪاري شاعر بنجڻ جي سعادت ڪان محروم رهجي ويو آهي، بلڪ سرڪار نامدار مڪاني چغلخورن ۽ ادبي جاسوسن جي رپورٽن تي سندس ڪلام جي هڪڙي مجموعي جي ڪن صفحن تي بندش وجهڻ فرمائي آهي ۽ اهڙيءَ ريت اسان جي چغل برادري کي ڪڳيون هڻڻ ۽ جهمريون پائڻ جو موقعو عنايت ڪرڻ فرمايو آهي.

پر انهن بندشن ڪري ڇا ٿو ٿئي؟ هي ته ڪتاب آهي پر تاريخ ۾ پڙهيو اٿئون ته انگلنڊ جي ڪنهن زنده دل بادشاهه مورڳو سمنڊ جي لهرين تي به بندش وجهي ڇڏي هئي ته ”خبردار اڳتي نه وڌجو!“ محمود غزنويءَ به فردوسيءَ تي بندش وڌي هئي. آفريڪا جا ڪيترا قبيلا اجا تائين سج تي تبر اڇلائي ان کي ڊوڙائي ڀڄائڻ جون ڪوششون ڪندا آهن. سج، چنڊ، سمنڊ ۽ شعر تي بندش وجهڻ

وارا بندشون وجهندا رهندا آهن. سج ۽ چنڊ چمڪندا رهندا آهن ۽ سمنڊ ۽ شعر موجون ماريندا رهندا آهن.

سهسين سائر ٻوڙيون، منڊ ٻوڙيو مهراڻ،
وهه وجايو پاڻ، هٿـي ڪنڌ ڪپن سين.
(شاهه)

درحقيقت هي دور سنڌي ادب جي سڀ طرفي واڌاري، اوسر ۽ نيسر جو دور آهي. ادب ۽ شعر جي باغ جا سمورا ٻوٽا سرسبز آهن. شعر، افسانا، مضمون، تنقيدون، داستان، قصا، لوڪ ڪهاڻيون، ناول، تحقيقي مضمون وغيره هڪ جي پنيان ميدان ۾ اچي رهيا آهن.

سنڌ ۽ هند ۾، سنڌي اديب مرد خواهه عورتون، هر وقت نوان تجربا، نيون ڪوششون ۽ نيون تخليقون پيش ڪري رهيا آهن، جن جي پوري جائزي لاءِ مڪمل ڪتاب ڪپن.

سنڌي ادبي بورڊ، ان جا ڪتاب ۽ ان جي لوڪ ادب اسڪيم هڪ طرف تـہ ”مهراڻ“، ”نئين زندگي“، ”روح رهاڻ“، ”نئين دنيا“، ”ڪونج“ وغيره رسالا ٻئي طرف تـہ اخبارن جا ادبي صفا ٽئي طرف ـــ مطلب تـہ سنڌ جو ادبي قافلو پوري جوش خروش سان اڳتي گامزن آهي.

منزل برابر دور آهي. ٻيا اسان ڪان اڳتي، گهڻو اڳتي آهن. پر اسين اوجهڙ مان نڪري چڪا آهيون.

اها حالت ڏسي اهي جيڪي پاڻ وڪ ڪٽي نٿا سگهن، جيڪي پاڻ چرڻ ڪان لاچار آهن، سي ڏنڊا ڪٽي بيهي رهيا آهن، تـہ ”خبردار متان اڳتي وڌيا آهيو! جيڪو ويهي پنڪيون نٿو ڪائي، اٺ پکيءَ وانگر ريتيءَ ۾ سسي نٿو لڪائي، چمڙي وانگر روشنيءَ ڪان ڊڄي نٿو لڪي، سو ڪافر آهي، دهريو آهي، اسلام جو دشمن آهي.“

# (9)

ڏم ڏيهاڻي ڏي سندا ميهر مهڻا
جهليم ٿي جهوليءَ ۾ پلئہ پايوسي
مرجان چاليهہ چي، سڳان سپرين جي
(شاهہ)

ڪجهہ عرصي کان نام نهاد ”اسلام دوست“ نقادن جي هڪڙيءَ گئنگ، هڪڙي سنڌي اخبار جي شوشي باز ايڊيٽر جي سرڪردگيءَ هيٺ، شيخ اياز، گرامي ۽ ٻين سنڌي اديبن تي ڪريل ۽ ناشائستہ حملا شروع ڪيا آهن، جي ڪريل ذهنيت، اٿاهہ جهالت ۽ سستي شهرت جي بي انتها بک جو نتيجو آهن. اهي اپاهج ۽ لولن ذهنن ۽ ناڪام هوس جو، ڪمال ۽ ذات کان بدترين ۽ ڪمينو انتقام آهن. هي شخص سڪٽيون ڪنيون آهن، جيڪي گهڻو ايامن ٿيون، نلها چڙا آهن جيڪي گهڻو وڃن ٿا. هنن جي لفظ لفظ ۾ حسد، ڪيني ۽ بغض ۽ ساڙ جا ٿانڊا ۽ فتني ۽ تعصب جو زهر آهي. هي جاهل ۽ ڪم ظرف شخص اهل ڪمال ۽ اهل سخن تي ننوليون ڪن ٿا، ڪين بد شد ڳالهائين ٿا ۽ ڪين ڌمڪيون ڏين ٿا. هي جهالت جي اونداهن ٻرن ۾ لڙڪيل چمڙا ۽ ويران ڪنڊرن ۾ وينل چبون ادب ۽ فن جي آسمانن تي پرواز ڪندڙ شهبازن تي ڏند ڪيڏي ڪلن ٿيون، سندن اهلون ڪن ٿيون، ۽ ڪانگن ۽ ڪبرن جو داد حاصل ڪري، ڦونڊ ۾ پرجي نچن ٿيون. هنن تنقيد جي شريفاڻي لباس ۾ مڪريل، گلاخور ۽ چغلباز ڌوتين وانگر، اخلاق ۽ شرافت جا ليڪا لنگهي، سٽڻون گوڏن کان مٿي ڪڍي، سنڌ ۾ هڪ زناني ويڙهہ شروع ڪئي آهي، جنهن ۾ تاڙ پيئي لڳي، يار چڳهہ پيا نڪرن ۽ ڪچين گارين جو ڌوڙيو پيو پوي. هنن هڪ اهڙو تماشو شروع ڪيو آهي، جو جيڪڏهين اردو يا ٻين ٻولين وارا سٽي سمجهي سگهن، تہ جيڪر سنڌين جا ڪنڌ شرم کان جهڪي وڃن. دنيا حيران ٿي ويندي تہ چا هي آهي تنقيد جو معيار ۽ هي آهي فهم ۽ سخن جي پرک ۽ ان جو طريقو! هنن شخصن جيڪو ادبي سانگ رچايو آهي، تنهن ۾ پاڻ کي ادب جا ڪوتوال مقرر ڪيو اٿن. اديبن جي زبان بند رکڻ لاءِ هو

مٿن ڪفر ۽ الحاد، ڪميونزم ۽ بداخلاقيءَ جي الزام جا ڏنبا الارين ٿا: سندن ادبي تخليقن کي پنهنجين ٽيڏين اکين سان گهورين ٿا، ته ڪين اهي ٽيڏيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ـــ افسانه ٽيڏا، شعر ٽيڏا، مضمون ٽيڏا، بلڪ سري ڪان ئي هڙئي ڪتاب ۽ رسالا به ٽيڏا! جيڪا ڳالهه سندن تنگ ۽ تاريڪ دماغ ۾ ماپي نٿي سگهي، سا ڪفر آهي، الحاد آهي. نه رڳو محب وطن ۽ عوام دوست اديبن ۽ سندن تخليقن تي هي واهيات ۽ شرانگيز حملا ڪن ٿا، ۽ سندن پويان پندڻ پارين ٿا، بلڪ انگريز پوليس جي چغلخورن ۽ دلالن وانگر سرڪار وٽ به چغليون هڻن ٿا ـــ ته فلاڻو اديب خطرناڪ اهي، ان کي جيل ۾ وجهو: فلاڻو شاعر دهريو آهي، ان کي سنگسار ڪريو! فلاڻي کي نوڪريءَ تان لاهيو: ۽ فلاڻي تي ڪاروائي ڪريو! هنن جو وس پڄي ته هوند سمورا ڪتاب، جي سندن سمجهه کان ٻاهر آهن، سي ساڙائي ڇڏين. سندن لهجو ادبي سنجيدگيءَ ۽ علمي توازن بدران مڇيءَ مياڻ واريءَ بدزبانيءَ، شودن جي بازار واريءَ داداگيريءَ جو بدترين مثال آهي. جتي ادبي دنيا ۾ ”ادب براءِ ادب“ ۽ ”ادب براءِ زندگي“ جو بحث پيو هلي، اتي هي وري پنهنجي ”يخي براءِ يخي“ ۽ ”فتنو براءِ فتنو“ جا منصبدار بنيا بيٺا آهن.

درحقيقت جعلي اديبن ۽ نقلي نقادن جي هيءَ سونهري ٽولي، هٽلري جرمنيءَ جي انهيءَ عوام دشمن ۽ رجعت پسند گسٽا پوليس جي ايجنٽن جو نئون روپ آهي، جن گوئبلز جي اڳواٽيءَ هيٺ اٽڪل ٻارهن سال اڳ جرمنيءَ ۾ محب وطن ۽ عوام دوست اديبن خلاف رڻ ٻاري ڏنو. ڪين يهودي، ڪميونسٽ ۽ غدار ٺهرائي، ڪن کي جلاوطن ڪرايائون، ڪن کي نازي تهخانن جي جهنم ۾ عذاب ڏيارايائون. ڪن کي مشينن ۾ پيڙايائون ۽ ڪن کي رستي هلندي شوٽ ڪرايائون. جرمنيءَ جا عظيم ترين فرزند، ٿامس مئن (شهره آفاق ناولن ”بڊنبروڪ ڪٽنب“ ۽ ”جبل“ جو مصنف)، آئنسٽائين (ويهين صديءَ جو عظيم ترين سائنسدان) ۽ هزارين ٻيا اديب، فنڪار، مصور، دانشور، موسيقار ۽ اهل ڪمال انسان انهن نام نهاد نقادن جي بهتان طرازيءَ ۽ الزام تراشيءَ جو شڪار ٿي ويا. تان جو جرمنيءَ ۾ ڪن ٿرڊ ڪلاس، بي ضمير ۽ مسواڙي ليکڪن ۽ فنڪارن کان سواءِ ڪوبه صاحب ڪمال ڪونه رهيو. هي رنگروٽ چامڙا، مسولنيءَ ۽ هٽلر جا نازي نمائندا، سنڌ سان به اهائي ڪار ڪرڻ گهرن. جيئن وتائي فقير اهڙن ماڻهن لاءِ چيو هو ته سڄو جهان عيد جي ڏينهن مري وڃي، باقي

آءٌ ۽ اما وچي رهون، پوءِ اما ۽ آءٌ گڏجي ماڻهن جا پيٽ ڀوئي گڏ ڪريون، پوءِ امان ٻه مري وڃي، باقي رڳو وتايو ۽ پيٽ وجي بچن، سو هن سونهري ٽوليءَ جي ٻه مرضي آهي تہ سنڌ جا هڙئي اديب ۽ شاعر ميڙي جيل ۾ وجهي ڇڏجن، باقي ڪين ڇڏي ڏجي تہ پيا چٻرن وارا چرڙاٽ ڪن. انهي مقصد ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ هنن پنهنجي روزانہ اخبار ۾ هڪڙو ڪوڙن جو ڪارخانو ۽ فتنن جي فئڪٽري کولي آهي، جنهن ۾ پراڻن اوزارن يعني ڪريل ٿرڊ ڪلاس ڪوڙن الزامن ۽ گارين تي مذهب ۽ اخلاق جا روغن لڳائي، متانئن انگريزي پالش ٿڦي چلڪائي، وڏي پيماني تي سپلاءِ جو ڪاروبار شروع ڪيو اٿن. پنهنجي گدام ۾ جيڪي انهيءَ گاسليٽي مگر چلڪندڙ مال جا ڪوڪا پريو وينا آهن، تن ۾ سڀ ڪان چالو جنس ”دهريت“ ۽ ”ڪفر“ جي ليبلن چنبڙائڻ جي ڪل آهي. اهو سندن خاص ۽ پيارو هٿيار آهي. ڪين ان تي ايترو ناز آهي، جيترو آمريڪا کي ائٽم بم تي ٻہ ڪونہ هوندو. جيئن روس ۽ آمريڪا جا راڪيٽ تيار آهن، رڳو بٽڻ دٻائڻ جي دير آهي، تيئن انهيءَ گئنگ جون فتوائون تيار آهن. ڪنهن تي ڪاوڙيا تہ سٽ ڏيئي پنو ڪٽي، لکندا شيطان جي آنڊي جيڏا ليک تہ فلاڻو شعر، فلاڻي سٽ غيراسلامي آهي، فلاڻو اديب بي دين ڪافر ۽ ڪميونسٽ آهي، وجهوس جيل ۾.

هن گئنگ تنقيد جي پردي ۾ نئين دور جي اديبن ۽ شاعرن خلاف جيڪا فتنہ انگيز پروپئگنڊا شروع ڪئي آهي، تنهن ۾ هنن بار بار مذهب ۽ دين جي آڙ ورتي آهي. هنن چالاڪ ۽ عيار پروپئگنڊابازن کي خبر آهي تہ هتي جي سادي سودي ۽ ابوجهہ عوام کي برغلائڻ ۽ اشتعال ڏيارڻ لاءِ مذهب جي آڙ ونڻ جهڙو ٻيو ڪارگر هٿيار ڪونهي.

آخر جڏهن سمگلر ۽ بليڪ مارڪيٽر بہ پنهنجي نيڪ ڪمائيءَ مان بنايل بنگلن تي ”هٰذا من فضل ربي“ جي آيت اڪرائي ڇڏين ٿا، جڏهن هر عقلمند پنهنجي توثيق آهر دين جي نالي کي استعمال ڪري پنهنجا مطلب پورا ڪري سگهي ٿو، تڏهن اسانجي نقلي نقادن کهڙي ٻلي ماري آهي، جو دين جي نالي مان رڳو ايترو بہ فائدو وٺي نہ سگهن، جو مفت ۾ سستي شهرت ۽ انتقامي تسڪين ئي حاصل ڪن.

رهيو نقادن هجڻ جو سوال، سو جتي ڊريسر ۽ ڪمپائوڊر جراح ۽ ڊاڪٽر سڏائي موجون ڪري سگهن ٿا، جتي پساري مسيح الملڪ بنجي سگهن ٿا، جتي

مئٽرڪ فيل وزير بنجي سگهن ٿا، اتي هي همراه ڇو نه نقاد بنجن؟ آخر، هي انگريزي، سنڌي ۽ اردو لکي پڙهي ڄاڻن، شعر ۽ ادب جو ٻيو نه ته به نالو ضرور ٻڌو هوندائون؛ پوءِ ڪٽي: تنقيد جي دعوا ڪيائون ته ڪهڙي اربعا خطا ٿي پيئي؟ ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. وقت تي ماڻهوءَ کي الائي ڇا ڇا ڪرڻو ٿو پوي.

پر مصيبت هيءَ ٿي آهي، جو همراه مسخريءَ مسخريءَ مان، سچ پچ به رکي، مڇن کي تاءُ ڏيئي، باقاعدي بورڊ هڻي "نقاد اعظم" بنجي، بالم ٿي ويهي رهيا آهن. بس، زمين جنبد، نه جنبد گل محمد!

حضرت داغ جہاں بیٹھ گئے، بیٹھ گئے

ڊاڪٽر خليل جي هڪ افساني "باغائي" ۾ هڪ ٻڍي باغائيءَ کي نئين مالڪياڻيءَ سندس پوکيل باغ مان ڪڍي ڇڏيو. هن اعتراض ڪيو ته باغ مون هنيون آهي. مالڪياڻيءَ چيس "نڪر ٻاهر، هي باغ قانوني طرح منهنجي ملڪيت آهي." انهيءَ حادثي ڪري باغائي ويچارو چريو ٿي پيو هو ته "باغ منهنجو ناهي، جو قانون ۾ ائين لکيل ڪونهي." تڏهن چرين جي اسپتال ۾ ڊاڪٽر خليل سندس علاج خاطر ڪوڙا پروانه لکي ڏنس ته هي اسپتال جو باغ تنهنجي ملڪيت اهي ۽ قانون ۾ ائين لکيل آهي. پوءِ هو ڏاڍو موج سان ڪاغذن جا ٿلها بغل ۾ ڪٽي، سيني کي ڏيکاري، چوندو وتندو هو ته "هي باغ منهنجو آهي. قانون ۾ ائين لکيل آهي."

سو هي همراه به هاڻي گارين جا دفتر بغل ۾ ڪٽي، سيني کي چوندا وتن ته "اسين نقاد اعظم آهيون. قانون ۾ ائين لکيل آهي."

اڃو ته ڏسون ته قانون ۾ سچ پچ ڇا لکيل آهي؟

هنن پنهنجي چارج شيٽ ۾ شيخ اياز، تنوير، رباني، جمال ابڙي ۽ ٻين نئين دور جي نوجوان اديبن تي ۽ شاعرن تي جيڪي تهمتون مڙهيون آهن، تن ۾ مکيه الزام هي آهن ته سندن شعر ۽ ادب دين ۽ مذهب جي خلاف آهن. هنن سندن تخليقن مان ڪي حوالا ڏيئي، مذهب ۽ اخلاق جون حجتون اٿاري، شد مد سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سندن نظريا ڪافرانه ۽ ملحدانه آهن، هو بداخلاق، دهريا ۽ سوريءَ تي چاڙهڻ جي لائق آهن.

جنهن ديده دانسته بد ديانتيءَ ۽ شرانگيزيءَ سان هنن انهن جملن ۽ شعرن جي دستوري ۽ قدرتي معنيٰ کي لڪائي، سندن لفظن کي چڪي ٽاٽي، مروڙي سروڙي، مٿن هٿراڌو معنائون ۽ مطلب مڙهيا آهن، تنهن کي في الحال ڇڏي، اچو ته ڏسون ته ادب ۽ خاص ڪري شعر تي انهيءَ ڪٽر ۽ تنگ نظريءَ واري رنگ ۾ نڪته چيني ڪرڻ جا ڪهڙا نتيجا نڪرن ٿا.

❋

# (10)

## ڦريا پسي ڦيڻ
## ڪرين ڪير نہ چڪيو
(شاھ)

اچو تہ ٿورين گهڙين لاءِ پنهنجي اکين تي انهن نقلي نقادن جي اکين واري تنگ نظريءَ، ڪج فهميءَ، ڪج بحثيءَ ۽ مجهوليت جا ڪوپا چاڙهي، ادبي دنيا تي نظر وجهون، تہ ڪهڙا ڪرشما تا نظر اچن!

چڱو هاٿي پريان ڏسو تہ ڪير پيو اچي؟ آهي تہ ڏٺل وائنل، پر اڄ هنن ڪوپن چاڙهڻ ڪري سڃاڻڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. الائي ڇو سندس شڪل بگڙيل، پوائتي ۽ ڊيجاريندڙ پيئي لڳي! اکين مان ڳالا پيا نڪرنس! ڪير آهي؟

اجهو، ڪجھ پنهنجي منهن پيو ڳالهائي، ڪن لائي ٻڌونس تہ ڇا پيو چوي.

نوري ۽ ناري، جوڳيئڙا جهان ۾،
ٻري جن ٻاري، آءٌ نہ جيئندي ان ري!

واڄٽ ويراڳين جا، مون وٽ وڏي وٿ،
سون سيپيئي سڱيون، پسي ڪين م ڪٿ،
ويساهي ويل ڪنهين، پورب ويندو پٿ،
هل ڪنيائون هٿ، آءٌ نہ جيئندي ان ري!

نانگا نانيءَ هليا، سامي سيپيئي،
وهڪ مون ويئي، آءٌ نہ جيئندي ان ري!

(ڇا تڏهن مسلمان ڪونهي! ڪنهن هندو جوڳيءَ جو چيلو آهي. گرو ويو هليو اٿس، تنهن کي پيو ياد ڪري.)

ڪن ڪٺ، ڪاپٺ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن چير،
سدا ويهن سامهان، عاشق اتر هير،
تسا ڏيئي تن کي، ساڙيائون سرير،
جي فنا ٿيا فقير، هلو تڪيا پسون تن جا!

سامي ڪامي پرينءَ لئي، ڪسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهه کي، تهڙو ڪن ثواب،
اوتين ارتي ڳاڏئون، منجهان اکين آب،
سندو ذات جواب، ڪهڙو پڇين تن کي!

(مار، هي تہ ڪو دين دنيا کان نڪتل آهي! نڪو ڏوهه نڪو ثواب. نڪو بهشت نڪو دوزخ. هي تہ ٻنهي پٽرن کان ٻاهر آهي. ڪو ڪٽو ڪافر ٿو ڏسجي!)

اڪر پڙهي اَياڳيا، قاضي ٿئين ڪياءُ؟
پيرئين ۽ پانئيين، ايڏا ايئن نہ آءُ،
ورق ورائين وترا، ملا منيئي ماءُ،
ان سرڪيءَ سندو ساءُ، پڇج عزازيل کي!

عاشق عزازيل، ٻيا مڙيئي سڌڙيا،
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لعل ٿيو.

(استغرالله ربي! پيغمبرن جي وارثن عالمن سڳورن جي شان ۾ گستاخي ۽ شيطان ملعون جون ساراهون!)

گهٽن ۾ گهٽڪن، وٺيون پين وهه ڳاڏيون،
برخيز بده ساقي، پيار کي پرين،
پڪين نہ پرچن، مٺ تڪيائون منجهيان!

موکي منڌ پيار، اونچو اونچي مٺ مان،
ڏيندي ڏاتارن کي، وٺيءَ وجهه م وار،
سر ڪٽي سردار، اڳڻ تنهنجي آئيا.

جـ سي اڳـڻ آئيـا، تـ سرو ڪندا سج،
سائي ٽيندن اج، هي پيتو، هو آڻ ڪي!

ڪنڌ ڪٽارو، منهن وٽي، عادت سندين ايءَ،
تنيـن تـڪون ڏنيـون، جنبي منجهان جيءَ،
سرو تـن سبـيءَ، جنيـن سانـگ نـ ساهه جو.

(وڏو ڪو گڙنگ موالي ۽ شرابي آهي! ماڻهن جا اخلاق ٿو خراب ڪري، ڪين حرام شين جي ترغيب ٿو ڏئي، بدعتي ۽ رافضي آهي!)

مـوڪـي مـتـارن جـا، ننڍا ڪيم نهار،
سـامـاڻـا سـري ڏٺـــي، اڇـا اڳـڻ ڏار،
ناڻو ڪيم نهار، سر پڻ ڏيندا سٽ ۾.

(هاڻي تـ ليڪو لنگهي ويو! ننڍن ڇوڪرن کي بـ اُيـاري، شرابي بنائي، سندن خانو خراب ٿو ڪري!)

رات سهائي، پونءِ سنئين، پرت نئين، پنڌ پور،
مـيـا! مـحـبـوبـن جـــي، هـلــي وانءُ حـضـور،
جـي چـٽـڪـن چت ۾، سي ڪـيـئـن سجڻ ڏور،
الله لــڳ اســـور، اُتـــان ئـــي تـــي آءُ تـــون.

چـنـڊ چـٽـائـي تـنـهـنـجي، سـهـائـيءَ ۾ سور،
لايـان لـعـل لـڱـن ڪـــي، چـنـدن پـري پـور،
ڪوماڻو ڪـپـور، مون واجهائيندي پرينءَ ڪي!

ايـر چـنـڊ، پـس پـريـن، تـو اوڏا، مـــون ڏور،
سـجـڻ سـتـا ولهـ ۾، ڇـوٽـا پـري ڪـپـور،
پـيـريـن آءٌ نــ پـڄـڻـي، ٻاٻـل ڏئـــي نـ ٻـور،
جنهن تي چڙهي اسور، سنجهي سڄڻ سيٽيان.

(بداخلاقيءَ، حرامڪاريءَ جون ڪلم ڪلا ڳالهيون! هيءَ چوري ڪنهن لوفر سان ڪري پيئي آهي. بيحيا، اٺ ڪي پيئي منٿون ڪري ته نئين سنگت رکي اٿم، تڪڙو هلي يار وٽ پهچائينم ته اچو منهن ڪريان. چنڊ ٿو اڀري ته جڻ هن ڪي ٽيڙ تپ چڙهيو وڃي.

حرامخور، چوي ته پنهنجي نازڪ بدن ڪي چندن جي خوشبوءِ ملي، يار لاءِ تيار ڪيو اٿم، پر هو آيوئي ڪونهي ۽ منهنجو جسم ڪومائجي ويو آهي! يا وري خيال پئي ڊوڙائي ته چگهس بدن ڪي ڪپور ملي اگڻ ۾ ستو پيو آهي. پانئي ته پڻس بيغيرت ٿي ڪيس گهوڙي تي چاڙهي وڃي يار جي حوالي ڪري اچي، جو سدوريءَ ڏيءَ ڪان پنڌ نٿو پڄي. هھڙي بي حيائي ۽ بي غيرتي ڪنهن ٻڌي؟)

جڪرو جس ڪرو، ٻيا مڙيئي مل،
سمي جي سهاڳ جي، ڪنهن نه پيئي ڪل،
متي ان مرسل، اصل هئي ايتري.
...
جڪري جهو جوان، ڏسان ڪونه ڏيهه ۾،
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
فڪان قاب قوسين اوادنىٰ، ايءُ سريس مڪان،
خبر لاءِ خليل جي، قادر مڪو قرآن،
ايءُ آگي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم هھڙو!

(لاحول ولا قوت الا بالله العلىٰ العظيم! جڪري سمي ڪي هيءُ گستاخ ”رسول“ ڪري ٿو سڏي؟ چه نسبت خاڪ را باعالم پاڪ! قادر جڪري تي قرآن موڪليو؟ خدا جي پناهه! رب منهنجا، تون پناهه ڏي هن ڪفر ڪان!. . . . چا ٿا چئو؟ جڪري ڪي رسول پاڪ نه، پر رسول پاڪ ڪي ”جڪرو“ ٿو ڪوني؟ نعوذ بالله من شرذالڪ! اهو ته اجا به بدتر ٿيو. شرف ڏيڻ لاءِ ته ڪيس ”احمد بلاميم“ چئبو آهي، خاتم المرسلين سڏبو آهي. توبهه، فخر موجودات، سرور ڪائنات، خيرالبشر ڪي ڦيرائي ”جڪرو سمو“ ڪيو اٿس . . . . توبهه، توبهه!)

نہ ڪنهن ڄائو ڄام ڪي، نڪو ڄام وياءُ،
نَنڍيءَ وڏيءَ ڳڌريءَ، سيني آهي سياءُ،
لم يلد ولم يولد، ايءُ نجابت نياءُ،
ڪبر ڪبرياءُ، تخت تماچيءَ ڄام جو.

(هاڻ تہ حد ٿي ويئي! لم يلد ولم يولد، يعني نہ ڪنهن کي ڄڻيو ٿو ۽ نہ ڪنهن ڄائو اٿس، سا تہ الله تبارڪ و تعالىٰ جي صفت آهي: ذات باري تعالىٰ کي ”تماچي“ سڏڻ يا تماچيءَ کي خدا جون صفتون ڏيڻ ـــ نسورو شرڪ، نسورو ڪفر!)

اسين سڪون جن کي، سي تان اسين پاڻ،
لهي وڃ گمان، صحي سڄاتم سپرين.

...

پيهي ڄان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

(تنهن جي معنىٰ تہ محبوب پنهون پاڻ آهي. عاشق ڪيئن محبوب ٿيندو؟ سسئي ڪيئن پنهون ٿيندي؟ هيءُ تہ سنئون سڌو گمراهہ صوفين وارو ”اناالحق“ وارو نعرو آهي تہ اسين پاڻ خدا آهيون. نعوذ بالله!)

ڪافر ٿي تہ ابهين، باب شرع جا ڇڏ،
من مشرڪن گڏ، تہ ويجهو ٿين وصال کي.

(يعني تہ اسلامي شريعت جا منڪر ٿي وڃي ڪافرن ۽ مشرڪن پيڙا ٿيو! هيءَ ڪافر بڻائڻ جي تحريڪ نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ پارٽ جي مهاسڀائي هندن جي شڌيءَ جو پرچار آهي. هي شخص پڪ پارٽ جو ايجنٽ آهي! ڏسو نٿا تہ رڳو واٽين جون خبرون پيو ڪري.)

اُپيون تڙ پوڄين، وهون وڻجارن جون،
آٽيو اڪا ڏين، ڪتوري سمونڊ کي.

...

جني ڪارڻ مون، ٿي تڙ پوڄارا پوڄيا،
پـنـيـم اميـدون، سي ئي سـڄڻ آئيا.

. . .

جـا جـر جـاتــون نــہ ڏئــي، ڏيـا نــہ موهي،
سڏون ڪوھ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.

. . .

ڏني ڏياري، سامونڊين سڙھ سنباهيا،
ان ڪــي منـد اتـر جــي اوچــتــي آئي،
وڻـجارن وائي، آهي پرئين پار جي.

. . .

روح ۾ رهين رام، ڀهر ڀولين ڪي ڀيو،
پيـالـو پــر ڪـري، خوب پيـتـائـون جام،
تـهان پوءِ تـمام، تـن تـڪيا تاڪي ڇڏيا.

. . .

نـڪـي هيـٺ نـہ بيـٺ، نـڪــي گـبـريـن ۾،
رام ڪيائون ڏيٺ، وڃڻ ڪين ڪلهي ويو.

. . .

اڄ نــہ اوطــاقــن ۾، دونهيــن ڌنــڌ نــہ لاٽ،
ويــا ويراڳــي نــڪــري، ڇت ڇڪائي ڇاٽ،
آءٌ ماريس تنهن ماٽ، جيجان جوڳيئڙن جي.

. . .

ڪڇي ڪاڇوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي،
جـهـڙا آيــا جـڳ ۾، تـهـڙا ويــا موٽــي،
سک نہ ستا ڪاپـڙي لاهـي لانگـوٽـي،
انـهـن جـي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري.

. . .

جي پانئين جوڳي ٿيان تہ پر گروءَ جي پار،
هوائـون هـنـگلاج ڏي ويـنـدي سپ وســار،
نـانـگـا نـاٿ نـهار، سامي وڏيءَ سـڪ سين.

(ڳالهائڻ ۾ جوش ۽ جذبو ڏسوس ٿا؟ اڪيون تہ ڪيئن پيون ٻرنس! جي روس جو موڪليل ڪو ڪميونسٽ انقلابي هجي تہ بہ عجب ڪونهي! ماڻهن کي ڏسو تہ ڪيئن نہ پيو پڙڪائي:)

پتنگ چائين پاڻ کي، پسي مچ م موٽ،
سهائي سپرين جي گهڙ تہ ٿئين گهوٽ،
اجا تون اروٽ، ڪوري خبر نہ لهين!
...
ڏوڏا تون نہ ڏئين، آگ اوڏو نہ وڃين،
اُلا جي عشق جا سي تان تون نہ سهين،
ايو ائين چئين، تہ آءٌ اڳڙيو آهيان.
...
ڪٽ ڪڙهي، لوهہ ٻري، ڏوڏا جت ڏڳن،
جت متڙڪن منهن ڪڍيا، سانداٽيون سهڪن،
اچ پڻ آڳڙين، ميڙو آهي مچ تي!
...
چڙهيو چڪاسين چاءِ، آڳ ٻرندي آئيا،
وهسن واڙيءَ ڦل جيئن، محبتي مچ لاءِ،
آٽي پاڻ اڙاءِ، ڪٽي ڪوري وچ ۾!
...
محبت جي ميدان ۾ ڪر پڙاڏو پٽ،
سر سوريءَ، ڏڙ ڪنگرين، متان ڪچين ڪٽ،
عشق نانگ نپٽ، خبر ڪاڏن ڪي پوي!
...
ڪندا مون پيرن ۾ توٽي لک لڳن،
آڳر اڱوني نہ مڙي، چپون پير چنن،
ويندي ڏانهن پرين، جتي ذات نہ پائيان!
...
مرٽا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئٽا اڳي جي جيا!

(غريب عوام ۾ بي آرامي پيدا ڪرڻ ۽ طبقاتي ڪشمڪش پيدا ڪرڻ لاءِ، غريبن جي همدرديءَ جا نعرا پيو هڻي.)

ڪاهوڙي ڪجن، پسيو پورهيت ويسرا،
سي ڏوتيئڙا ڏور ويا، رجن جي رهن،
ڪامل آهي تن مون پريان جي ڳالهڙي!

(مطلب اتس تہ "پورهيت" ۽ مزدور طبقي کي ويسرو ۽ غافل ڏسي "ڪاهوڙي" يعني ڪميونسٽ انقلابي اڳواڻ افسوس ٿا ڪن: وٽن ڪو مخفي پيغام آهي، جو هو عوام کي ٻڌائڻ چاهين ٿا!)

سڪا منهن سندن پيرين پراٺا ڪترا
سا جوءِ ڏوري آئيا سونهان جت منجهن
ڳجها ڳجهون ڪن تنهان پرائي پنڌ جون!

(وري بہ اُهوئي ساڳيو "مخفي پيغام!")

پيئي جنين باس گنجي ڏونگر گام جي
چڏي سپ لباس لوچي لاهوتي ٿيا!
...
پيو جن پرو گنجي ڏونگر گام جو
چڏي ڪيٿ ڪرو لوچي لاهوتي ٿيا.
...
پيئي جن پٽي گنجي ڏونگر گام جي
چڏي ننڊ گهٽي لوچي لاهوتي ٿيا!

(اهو "گنجو ڏونگر گام" شايد روس کي ٿو ڪوٺي، جنهن جي حرص ۾ جيڪو ويو، سو چٽو. هي شخص ماڻهن کي ڪميونسٽ بنجي روس وڃڻ لاءِ پيو هرڪائي!)

متان گهڙين سهٽي، اڄ درياءَ ۾ دم،
ڪاري رات ڪنن ۾، ڪهڙو اٿئي ڪم،
متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي واريون.
...

پڇي پاڙي واريون، ڪوه ڪريندو ڏم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾ آهي ڪاٽيارن ڪم،
هي هڏو ۽ چم، گهوريو محب ميهار تان!

...

سندو ڏم ڏهڪار هڏهين ڪونهي هن ڪي
هن پاٽيءَ سين پانهنجو پسائي نہ سينگار
ڪارڻ منڌ ميهار ڪاريءَ رات ڪن تري.

(يلا اِها سهڻي ڪير هئي؟ گهرگهاٽ ڪونہ هوس ڇا جو رات جو ٽاٻا پيئي ڪاٽيندي هئي؟ . . . . ڏم نالي هڪ ماڻهوءَ جي زال هئي. هڪڙي ميهار سان عشق ٿي ويس. حرامخور چٽبي ٻيو ڇا! پوءِ؟ رات جو لڪيو گهڙي تي تري يار وٽ ويندي هئي . . . . زانياڻي بي حيا ڪنهن جاءِ جي! پر هي شخص تہ اهڙيون تعريفون پيو ڪريس ڄڻ تہ ڪا ولياڻي هئي!)

تہ ڪر ڪئن سئي، جي سير نہ گهڙي سهڻي،
هت حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهين تان نہ هئي،
چڪي تنهن چري ڪئي، جا ڏنس ان ڏهي،
هونئن بہ هوند مئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيڻا ٿيا!

(چٽبو تہ هن جو خيال آهي تہ سڀ رنون مڙس ڇڏي وڃي يار هٽ ڪن تہ نالو ٿئين! هي شخص تہ ماڻهن جو مٿو وڃائي ڇڏيندو: جي بدڪار رنن کي ايتري هشي ملي تہ پوءِ ڪهڙي پنهنجي مڙس جي گهر ۾ ويهندي!)

جهڙا گل گلاب جا تهڙا مٿن ويس
چوٽيا تيل چنبيليا ها ها هو هميش
پسيو سونهن سيد چئي نينهن اچن نيش...

(اهي وري ڪير آهن؟
”واڄاٽيون!“
”ڇا ٿيون ڪن؟“
”ماڻهو ڦاسائينديون هيون.“
”ڪير؟ ڪير؟“
”جيڪو بہ اچي! هو چئي ڪين پيو:“)

هلو هلو ڪاڪ تڙين جتي نينهن اچل
نڪا جهل نہ پل سيڪو پسي پرينءَ کي.
...
هلو هلو ڪاڪ تڙين جتي گهڙجي نينهن
نڪا رات نہ ڏينهن سيڪا پسي پرينءَ کي.

(”رات ڏينهن!“
”ٻيو ڇا“
”پر هيءُ شخص انهن بدڪارن جي ساراهہ ٿو ڪري؟“
”ٻيو وري ڇا؟ ٻڌ!“)

جهڙا پانن پن تهڙيون شالون مٿن سايون
عطر ۽ عنبير سان تازا ڪيائون تن
مڙهيا گهٽو مشڪ سان چوٽا ساڻ چندن
سونهن رپي سون سان سندا ڪامڻ ڪن...

(”اڙي؛ هي تہ سندن باقاعدي اشتهاربازي پيو ڪري!“
”هائو اجا ٻڌ!“)

گجر ڪي گجميل جون تارن ۾ تبرون
هٽي حاڪمن ڪي زور پريون زبرون
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون پسو پرڏيهين جون!
...
جت رانيائين راڻن کي چندن چڪ ڪري
هاڻي انهيءَ پيٽئين ورهہ وراڪا ڏي
سوڍو سج ڪري مومل ماري هليو.

(”راڻن کي رانيائين؟“
”هائو.“
”راڻن کي يعني تہ هڪ نہ پر گهڻا؟“
”هائو.“
”مومل ڪين رانيو معنيٰ؟“

”معنىٰ هنن مومل ماڻي!“
”يعني عام جام!“
”ڪلم ڪلا جنسيت؟“
”تڏهن وري ڇا؟“)

چنيسر سين چاڳ متان ڪا منڊ ڪري
جئن مون پوءِ پروڙيو تي هيءُ نه ماڻي ماڳ
ڏمريو ڏهاڳ مڙن ڪي موران ڏي.

(”چنيسر ڪير هو؟“
”واڻيو راجا.“
”سسئي؟“
”واجاڻي.“
”ٻيجل؟“
”واڻيون مڱڻهار“
”راءِ ڏياچ به واڻيو هو نه؟“
”ها.“
”راڻو؟“
”واڻيو.“
”يلا مارئي؟“
”واجاڻي.“
”سڀ واڻيا؟“ ”يلا لاکو ڦلاڻي ڪير هو؟“
”ڏاڙيل!“
”ان جي تعريف ڪئي اٿس؟“
”زبردست!“
”سر ڪارايل ۾ ڇا تو چئي؟“
”پڪين ۽ نانگن جي تعريف پيو ڪري!“
”۽ پورب ۾؟“
”ڪانگن جي ڳالهه آهي.“
”ڪنيات؟“
”اٿ ڪي منٿون پيو ڪري. ٻڌينس ڇا پيو چوي:

رات سهائي پونءِ نئين پائي گهرجي پل
آهـــر ۾ ايلاچيـــون چندن چـــري چـــل
مون توئي سين ڳالهڙي پئي ڪنهن م سل
ها هـر ڪندو هل تہ ڪجايون ڪرن ڪي.

("ڏهر؟"
"مچين ۽ پکين جي ڳالهہ آهي."
"هي آهي ڪهڙي بلا؟"
"وڏو شاعر ٿا چونس!"
"شاعر؟ هي شاعر نہ پر هڪ خطرناڪ جنسيت زده بداخلاقيءَ جو پرچار ڪندڙ پارٽي ايجنٽ ـــ ۽ "فرائڊ" کان متاثر ٿيل! تو ڏسجي! پلا نالو ڇا اٿس؟ خير نالو پڇي ڇا ڪبو؟ اهو ڪو شاعر ٿوروئي آهي جنهن جو نالو ياد ڪجي. اهڙا بيدين گهڻا!)

توهان ڏٺو تہ جهالت ۽ تعصب جيڪڏهن پنهنجيءَ تي اچن تہ فرشتن کي شيطان ثابت ڪري سگهن ٿا.

درحقيقت جيڪڏهن شاهہ اڄ زنده هجي ها تہ هي زهريلا نانگ ان کي بہ ڏنگڻ کان ڪونہ رهن ها. پر ڇا ڪن لطيف جيئرو ڪونهي ۽ ٻيو تہ لطيف تي سڌو حملو ڪرڻ کان ڊڄن ٿا.

هي ڪو رڳو اياز جا دشمن ڪينهن. هنن جي شعر سان دشمني آهي. ترقيءَ سان دشمني آهي. انساني عقل سان دشمني آهي. انساني سوچ سان وير آهي. ڪين روميءَ اقبال سعدي غالب مير شيڪسپيئر لطيف سچل هرهڪ شاعر سان دشمني آهي. پر ڪجي نٿا سگهن. تنهنڪري مڪاري ڪري رڳو موجوده دور جي زنده شاعرن تي حملا ڪن ٿا. هنن کي اوندهہ کپي. بند زبانون کپن. خالي ۽ کوکلا ذهن کپن. ويران ۽ اجڙيل دماغ کپن. تہ جيئن هو پنهنجي فوجداري هلائي سگهن. خلق خدا جو ساهہ مٺ ۾ ڪري سگهن.

# (11)

## صورت سپ سلطان
## پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو
## (سچل)

هن سونهريءَ ٽوليءَ جا تيسمار خان وڏي فخر ۽ آڪڙ سان نئين دور جي اديبن جا ڪي شعر ۽ ادبي فقرا نيزن تي الٽا ٽنگي، سڄي ملڪ ۾ هوڪا پيا ڏين تہ اجهي هي بلائون ماري آيا آهيون: هي دهريت جي ست سريي راڪاس جو سر آهي، ۽ هي بداخلاقيءَ جي ديو جو ڌڙ!

هنن جاهل جيتامڙن کي اچو تہ سچا پچا ديو ۽ اجگر ڏيکاريون! هيٺ اقليم شعر و سخن جي ڪن اهڙن تاجدارن جا شعر ٿا ڏيون، جن جي عظمت جو ڏونڪو چؤطرف وڄيل آهي.

نڙڪو نقاد وڏي شوق سان ڪين ڪافر، دهريو، منڪر ۽ بداخلاق ثابت ڪري، پنهنجو نالو ڪڍي سگهن ٿا.

### سچل

آهيان پاڻ الله، عشق ڪنان تو عبد سڏايان.

...

ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ بڻيجي.

(يعني اهڙو ڪم ڪجي، جو ماڻهو پاڻ الله ٿي پوي!)

پنهنجي ذات لڪائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان،
اعلیٰ اعظم شان جي نوبت نينهن وڄايان،
منصوريءَ جي موج ۾ تو اناالحق الايان.

...

پاڻ پنهنجو پاڻهي، صورت منجهہ سڃاڻ،
الله الله چو چوين، پاڻ ئي الله جاڻ!

مذهب بابت سندس راءِ آهي تہ مذهبن ماڻهن کي منجهائي گمراھ ڪري ڇڏيو آهي. هو چوي ٿو:

منجهايــو ماڻهــن کــي، ملــن مذهبــن،
محڪم ماڻهن کي ڪيو، تن جي زنجيرن،
هــون حـديـثــن ڪـينـڪـي، نـڪـي آيـتـن،
ســوگهـــا سـيـيـئـي ڪـيـــا، نـامـــراد نـيـرن.

## خواجہ غلام فريد

خواجہ غلام فريد، ملتان جو شيرين ڪلام شاعر، انهن چوٽيءَ جي شاعرن مان آهي، جن جي ورسي پاڪستان ۾ سرڪاري طور ملهائي ويندي آهي. فرمائي ٿو:

بـڻ دلـبـــر شـڪـل جـهــان آيــا،
هـر صــورت عــيــن عــيــان آيــا،

ڪٿ عـيـسـیٰ تـي الـيـاس نـبـي
ڪٿ لـچـمـڻ رام تـي ڪـان آيـا

ڪٿ پنڊت، جوشي، جوڳي هي،
ڪٿ سامي تي ڪٿ يوڳي هي،

ڪٿ مصر بيراڳي روڳي هي،
ڪٿ بـيـد بـيـــاس دا گـيـــان آيــا.

سـوليءَ سنڌيءَ ۾ مطلب ٿيـو تـہ رب پـاڪ هـر صـورت ۾ ظـاهر ٿيـو آهـي. ڪڏهن عيسیٰ ۽ الياس نبين جي روپ ۾ اچي ٿـو تـہ ڪـڏهن لچمڻ، رام، ڪـرشن ۽ ڪنهيو ٿي اچي ٿو: پنڊت، جوڳي ۽ ويد پڙهندڙ ٻانيڻ بہ خدا جا جلوا آهن.
ٻين لفظن ۾ عيسیٰ، الياس، لچمڻ، رام، پنڊت ۽ جوڳي سڀ خدا جا اوتار آهن. هندن جو بہ هوبهو ساڳيو نظريو آهي تہ رام ۽ ڪرشن ڀڳوان جا اوتار آهن.

سچل بہ ساڳي ڳالھ ٿو ڪري. هن جي نظر ۾ تہ هنومان بہ خود خدا جو نور هو ۽ خود خدا هو.

صورت سپ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو.
...
ڪاٿئين پٽي پوٿيون، ڪاٿئين پڙهي قرآن؛
ڪاٿئين اناالحق چوي، ڪاٿئين ڦيرائي فرمان؛
ڪاٿئين احمد بلاميمي، ڪاٿئين هنومان.

خواجہ غلام فريد تنگ نظر ۽ ننڍڙو نڪتہ چينن جي شڪايت ڪندي چوي ٿو:

ملان مارن، سخت ستاون،
ڳجهڙي راز دا ڀيد نہ پاون،
بيوس شودي هن معذور.

"شودي" لفظ مان سندس شديد بيزاريءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هو عاشقن کي منصور ۽ بايزيد بسطامي ٿيڻ جي تلقين ڪري ٿو:

عاشق مست مدامي،
ڪهہ سبحاني بڻ بسطامي،
آک اناالحق، ٿي منصور!

هي بايزيد بسطاميءَ جي "سبحاني ما اعظم شاني" ("سيني تعريفن جي لائق آءٌ آهيان. منهنجو ڪيڏو نہ اعلىٰ شان آهي ـــ يعني پاڻ خدا آهيان.") واري مشهور نعري ڏانهن اشارو آهي. منصور بہ اناالحق جو نعرو هڻي پاڻ کي خدا سڏايو هو. خواجہ فريد بہ عاشقن کي ساڳئي اعلان ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. هي دين ۽ مذهب جي پابندين کان باغي آهي. صاف لفظن ۾ چوي ٿو:

هڪ ويلي احرام حرم دي،
هڪ ويلي زنار ڌرم دي،
نا پابند هون دين حرم دي.

## بلا شاھ

پنجاب جو ھي ھمعصر واديءَ سنڌ جو ھڪ عظيم ۽ محبوب شاعر تصور ڪيو وڃي ٿو. سندس مشھور ڪافين مان ھيٺ ڪي سٽون نموني طور پيش ڪجن ٿيون، جن مان سندس مستيءَ ۽ موج جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو:

الله آدمي بڻ آيا.
اسان آدم ڪنون اڳ ھياسون،
آدم ســـاڏا ڄايا!

. . .

نہ مين مرٺا، نہ مين جيوٺا،
نـــہ مـيـــرا والـــد ھـويـــا.

. . .

موسىٰ مين ھون، طور پي مين ھون.

. . .

علي رضا ھي نام ڌريندا، ڦر شرع نون نيڪالي ڏيندا،
ڪيھا ڏوھ ثـواب ڪريـنـدا! ڪـيـھـي بلـي دي ذات!

. . .

پڙھدي پڙھدي عمر گذر ڳئي، ھڪ نہ ڪتا وال،
وچ مسيتي اٿندي ٻھندي، ڪردي مثل مثال،
ڏڪڙ ڪنجريان نال اسان ڏي، ڪرن تماشي تال.

. . .

نا نـــر ھـــون، نــا مادي ھون،
نا چغـل چـور فـســادي ھون،
اسان عشق اتي امدادي ھون،
حرامي ھون نہ حلالي ھون.

. . .

تسي هــر رنگ دي وچ وســدي هو،
سانـون لامــكــان پئـي ڏســدي هو،
ڪڏهن تخت شرع تـي راضـي هو،
ڪڏهن گهنگهـرو پاڪـر نچندي هو،
ڪڏهن رومـي هو ڪڏهن زنگي هو،
ڪڏهن ٽـوپــي پــوش فــرنگي هو.

. . .

ڪڏهن مومن هون، ڪڏهن ڪافر هون،
ڪڏهن مــيــخانــــي وچ مــلـــدا هون،
ڪڏهن الله هـــون، ڪڏهن بـــــلا هون.

. . .

ڪــر واهــگــرو هـرنام
بازي عشق بنائي وي!

# (12)

بندے کے درد دل کو کوئی نہیں پہنچتا
ہر ایک بے حقیقت یاں ہے خدا رسیدہ
(میر تقی میر)

## مير تقي "مير"

سنڌي ۽ پنجابي شاعريءَ جي انهن جهلڪين بعد اسين اردو شاعريءَ تي نظر وجهون ٿا. اردو شاعريءَ ۾ "غالب" جو مقابلو ڪونهي ـــ ليڪن هڪ اهڙي به هستي هئي، جنهن جي شاعرانه عظمت ۽ ڪمال کان غالب جهڙو خود سر ماڻهو به انڪار ڪري نه سگهيو. هو اعتراف ٿو ڪري ته اردو شاعريءَ جو اصل استاد مير تقي هو:

ریختے کے تمھیں استاد نہیں ہو غالب،
کہتے ہیں اگلے زمانے میں کوئی میر بھی تھا۔
...
اپنا تو عقیدہ ہے بقول ناسخ،
آپ بے بہرہ ہے جو معتقد میر نہیں۔

درحقيقت مير تقي "مير" جي ڪلام ۾ جيڪو خاص ميناج، حسن، سادگي ۽ بلاغت آهي، تنهن جو جواب اردو شاعريءَ ۾ ڳولڻ عبث آهي. مير صاحب جو شعر شاعريءَ جي روايتن جو هڪ خوبصورت ۽ پورو نمونو آهي. انهيءَ مان اردو شاعريءَ جي موضوعن ۽ روايتن جو آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

مذهب:

کس کا کعبہ، کیسا قبلہ، کون حرم ہے، کیا احرام،
اس کوچے کے باشندوں نے سب کو یہیں سلام کیا۔

...

مذہب سے میرے کیا تجھے میرا دیار اور،
میں اور، یار اور، میرا کاروبار اور۔

...

جائے ہے جی نجات کے غم میں،
ایسی جنت گئی جہنم میں۔

بهشت:

کیا جنوں ہے تم کو جو طالب ویرانہ ہے،
جس کو فردوس بریں کہتے ہیں، واں آدمی کہاں۔

اخلاق:

مت مل اہل دول کے لڑکوں سے،
میر جی ان سے مل فقیر ہوئے۔

...

دل سے شوق رخ نکو نہ گیا،
جھانکنا، تاکنا کبھو نہ گیا۔

پرهيزگاري جو مذاق:

میر مقدس آدمی ہین، تھے سجہ بکف میخانے میں
صبح جو ہم بھی جا نکلے، تو دیکھا کے کیا شرمائے ہین!

...

بندے کے درد دل کو کوئی نہیں پہنچتا،
ہر ایک بے حقیقت یاں ہے خدا رسیدا۔

## زاهدن کي شراب جي صلاح:

شیخ جی آؤ، مصلیٰ گرو جام کرو،
جنس تقویٰ کے تئیں صرف مے جام کرو۔
اٹھ کھڑے ہو جو جھکے گردن مینائے شراب،
خدمت بادہ گساراں ہے سر انجام کرو۔
سایۂ گل میں لب جو یہ گلابی رکھو،
ہاتھ میں جام کو لو، آپ کو بدنام کرو۔
آہ، تا چند رہو خانقہ و مسجد میں،
ایک تو صبح گلستاں میں بھی شام کرو!

...

کل میر نے کیا کیا، کی مے کے لئے بیتابی،
آخر کے گرو رکھا سجادۂ محرابی۔

## واعظ لاءِ نفرت:

واعظ ناقص کی باتوں پہ کوئی جاتا ہے میر،
آئو، میخانے چلو، تم کس کے کہنے پر گئے!

...

نہ بک شیخ اتنا بھی واں ہے تباہی،
کہاں رحمت حق، کہاں بے گناہی۔

...

تجھ کو مسجد ہے، مجھ کو میخانہ،
واعظا، اپنی اپنی قسمت ہے۔

## علامہ اقبال

اقبال جهڙو شخص جنهن کي عام طرح حڪيم الامت ۽ مفڪر اعظم تسليم ڪيو وڃي ٿو، تنهن جا شعر بہ جيڪڏهن ڪو چڙي مار نقاد پڙهي، تہ ڪيس انهن ۾ قدم قدم تي "دهريت"، "الحاد" ۽ "ڪميونزم" جا ديو ۽ جن پلٽيون ماري وينل ڏسڻ ۾ ايندا. چڱو ٻڌو:

فارغ تو نہ بیٹھے گا محشر میں جنوں میرا،
یا اپنا گریباں چاک، یا دامن یزداں چاک۔

(منهنجو جنون محشر ۾ مات ڪري ٿوروئي ويهندو! يا پنهنجو گريبان ڦاڙي ڇڏيندس يا خدا جو ڦاڙيندس!)

سمندر سے ملے پیاسے کو شبنم،
بخیلی ہے یہ رزاقی نہیں ہے!
...
روز حساب، جب میرا پیش ہو دفتر عمل،
آپ بھی شرمسار ہو، مجھ کو بھی شرمسار کر!
...
یہ مشت خاک، یہ صرصر، یہ وسعت افلاک،
کرم ہے یا کہ ستم، تیری لذت ایجاد۔
...
قصور وار غریب الدیار ہو لیکن،
ترا خرابہ فرشتے نہ کرسکے آباد؛
مقام شوق ترے قدسیوں کے بس کا نہیں،
انہیں کا کام ہے یہ جن کے ہیں حوصلے زیاد۔

...

متاع بے بہا ہے درد سوز آرزو مندی،
مقام بندگی دے کر نہ لوں شان خداوندی،
تیرے آزاد بندوں کی نہ یہ دنیا نہ وہ دنیا،
یہاں مرنے کی پابندی وہاں جینے کی پابندی۔

...

خدائی اہتمام خشك وتر ہے،
خداوندا خدائی درد سر ہے۔

**طبقاتي ڪشمڪش جي تلقين:**

اٹھو میری دنیا کے غریبوں کو جگادو!
کاخ امرا کے در و دیوار ہلا دو!
سلطانی ئے جمہور کا آتا ہے زمانہ،
جو نقش کہن تم کو نظر آئے مٹا دو۔
جس کھیت سے دہقان کو میسر نہ ہو روزی،
اس کھیت کے ہر خوشئہ گندم کو جلا دو!

**ملا ۽ بهشت:**

میں بھی حاضر تھا وہاں ضبط سخن کر نہ سکا،
حق سے جب حضرت ملا کو ملا حکم بہشت۔
عرض کی میں نے، الٰہی میری تقصیر معاف،
خوش نہ آئیں گے اسے حورو شراب ولب کشت۔
نہیں فردوس مقام جدل و قال و اقوال،
بحث و تکرار اس اللہ کے بندے کی سرشت۔
ہے بد آموزی ئے اقوام و ملل کام اس کا،
اور جنت میں نہ مسجد نہ کلیسا نہ کنشت۔

## شيطان جي تصديق:

### جبرئيل:

کھودئے انکار سے تو نے مقامات بلند،
چشم یزداں میں فرشتوں کی رہی کیا آبرو۔

### ابليس:

گر کبھی خلوت میسر ہو تو پوچھ اللہ سے،
قصۂ آدم کو رنگیں کر گیا کس کا لہو!
میں کھٹکتا ہوں دل یزداں میں کانٹے کی طرح،
تو فقط اللہ ہو، اللہ ہو، اللہ ہو!

## ديني پيشوا:

احکام تیرے حق ہیں، مگر اپنے مفسر،
تاویل سے قرآں کو بنا دیتے ہیں پاژند۔
کہتا ہوں وہی بات سمجھتا ہوں جسے حق،
نہ ابلہ ساجد ہوں نہ تہذیب کا فرزند۔

...

یہی شیخ حرم ہے جو چرا کر بیچ کھاتا ہے
کلیم بوذر و دلق اویس و چادر زہر

...

کہیں سجادہ و عمامہ رہزن،
کہیں ترسا بچوں کی چشم بیباک۔

پير و مرشد:

ہم کو تو میسر نہیں مٹی کا دیا بھی،
گھر پیر کا بجلی کے چراغوں سے ہے روشن۔
شہری ہو، دیہاتی ہو، مسلمان ہے سادہ،
مانند بتاں پجتے ہیں کعبے کے برہمن۔
نذرانہ نہیں، سود ہے پیران حرم کا،
ہر خرقۂ سالوس کے اندر ہے مہاجن۔
میراث میں آئی ہے انہیں مسند ارشاد،
زاغوں کے تصرف میں عقابوں کی نشیمن۔

غالب، ذوق، سودا، داغ ۽ امير مينائيءَ کان وٺندي جوش ۽ اقبال تائين ڪوبہ اهڙو شاعر ڪونهي، جنهن کي تعصب ۽ جهالت وچان، هي قلب جا ڪارا ”نقاد“ دهريو، بداخلاق، بدعتي ۽ واجب القتل قرار ڏيئي نہ سگهن.

# (13)

## سيت پچار پرينءَ جي سيت هوت حضور،
## ملڪ مڙيئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا؟
(شاهه)

فارسي شاعري تہ هڪ اهڙو ڪاڪ محل آهي، جتي احمقن کي رستو ئي نہ ملندو ۽ چؤطرف ڏسندا تہ ”بحر بلائون بچڙيون آفتون ازگر، واٽ وڃڻ جي نہ ليي پيا پڪڙي کوڙ ڪپر“ وارو قصو لڳو پيو آهي.

دل گهري ٿي تہ رودڪيءَ ڪان اڄ تائين فارسي شاعريءَ جي شهسوارن تعصب، جهالت، تنگ نظريءَ، ريا ۽ مڪر جي ڏائڻ جي ڪنڌ ۾ جيڪي ڀالا هنيا آهن ۽ انهن جي مٿي پليد ڪئي آهي، تن جو مفصل جائزو وٺجي. پر طوالت جي خوف ڪان اها خواهش اڌپوري ڇڏي، هتي فقط تمام مختصر ۽ سرسري جهلڪون پيش ڪجن ٿيون، جن مان فارسي شاعريءَ جي قادر الڪلام استادن جي شوخيءَ ۽ مستيءَ جو ڪجھ اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

### رودڪي

رودڪي فارسي شاعريءَ جو بابو آدم آهي. هن جي شاعري اها پيڙهہ آهي، جنهن پوين جي شاعريءَ جو محل تيار ڪيو آهي، سندس فلسفو هينئين لفظن ۾ بيان ڪيل آهي:

شاد زي با سياه چشمان شاد،
کہ جهان نيست جز فسانہ باد.

(ڪارين ڪڪوريل اکڙين وارن معشوقن سان موجون ماڻي وٺ، ڇو تہ جهان ٻيون رڳيون ٺلهيون ڳالهيون آهي.)

دشوار نمائي رخ و دشوار دهي بوس،
آسان بربائي دل و آسان بہ بري جان.

(منهن ڏيکارڻ ۽ چمي ڏيڻ مهل کھڙو نہ اٽانگو آهين، پر دل کسڻ ۽ ساهہ کڍڻ ۾ ڪيتري نہ آساني ٿو ڪرين!)

## دقيقي

دقيقي چهار خصلت برگزيده است،
بگيتي از همہ خوبي و زشتي:
لب ياقوت رنگ و نالہء چنگ،
مئي خون رنگ و ڪيش زردهشتي.

(دنيا ۾ جيڪي بہ خوبيون آهن، تن سڀني ۾ اعليٰ چار آهن: ياقوت جهڙا ڳاڙها چپ، ساز جو نغمو، رت جهڙو ڳاڙهو شراب ۽ زردشت جو مذهب. [ڇو تہ زردشت جي مذهب ۾ شراب جائز آهي.])

## فردوسي

عام اتفاق آهي تہ ايران جي سرزمين فردوسيءَ جي پايي جو شاعر اڄ تائين پيدا نہ ڪيو آهي. مشهور آهي تہ فردوسي، انوري ۽ سعدي بالترتيب بيتن، قصيدن ۽ غزلن جا پيغمبر آهن، پر خود انوري چوي ٿو تہ "فردوسيءَ سان ڪنهن جو مقابلو ڪونهي، هو خداوند آهي ۽ اسين سندس ٻانها ـ"

آن استاد بود و ما شاگرد،
آن خداوند بود و ما بنده.

علامہ ابن اثير، فردوسيءَ جي "شاهنامي" کي "عجم جو قرآن" ٿو سڏي. فردوسيءَ جي شاهنامي ۾ عشقبازيءَ ۽ شرابخوريءَ جي پچار کان سواءِ بہ بنيادي ڳالهيون ملن ٿيون، جي نهايت قابل غور آهن:

پهريون هي تہ سچو ”شاهنامو“ ڪافر بادشاهن جي ڪارنامن سان پريو پيو آهي. اهو ائين ٿيو، جڻ اسان جو ڪو شاعر، راجا ڏاهر، چچ، راءِ سهاسي وغيره جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏي. هو جڏهن ايران جي آتش پرست بادشاهن جو ذڪر ٿو ڪري، تڏهن جڻ تہ وجد ۾ اچيو وڃي ۽ پڙهندڙن تي رقت طاري ڪري ڇڏي ٿو.

ٻي ڳالهہ هيءَ تہ هو ايران تي حضرت عمر جي خلافت ۾ اسلامي فوجن جي حملي ۽ ايران جي فتح تي، بحيثيت هڪ مسلمان جي، فخر ۽ ناز ڪرڻ بدران، عرب مسلمان فاتحن ۽ اسلامي تحريڪ جو تمام گهريءَ نفرت ۽ حقارت سان ذڪر ڪري ٿو، جنهن مان پڙهندڙ تي اهو اثر ويهي ٿو تہ ايران جي فتح تهذيب ۽ تمدن جي تباهي، ۽ جهالت ۽ جهنگلي پڻي جي ڪاميابي آهي. هو عربن کي سانڊيون ۽ ڳوهون کائيندڙ درندا ڪوني ٿو، ۽ سندن ڪاميابيءَ تي قدرت کي ملامت ٿو ڪري:

ز شير و شتر خوردن و سوسمار،
عرب را بجائ رسيد است ڪار،
کہ تخت ڪنان را ڪند آرزو،
تفو برتو اي چرخ گردون، تفو!

(عرب جتن جو، اٺين جو کير پي ۽ ڳوهون کائي کائي، ايڏو من وڌي ويو آهي، جو قيصر ۽ ڪنعان جي تخت ۾ اکيون وڌيون اٿن! اي آسمان، توکي حيف هجي! حيف هجي!)

محمود غزنوي، جنهن کي اسان جا تاريخ نويس ”بت شڪن“ ۽ مجاهد اسلام سڏين ٿا، تنهن کي ماءُ پيءُ تي گاريون ڏنيون اٿس:

بغزنين مرا گرچہ خون شد جگر،
ز بيداد، آن شاه بيداد گر،
همي خواستم تا فغان ها ڪنم،
بگيتي از و داستانها ڪنم:
بگويم ز مادرش و هم از پدرش،
نہ ترسم بغير از خداوند عرش.

(جيتوڻيڪ غزنيءَ ۾ ان ظالم بادشاهه منهنجو جگر خون ڪري ڇڏيو آهي، پر چاهيان ٿو ته دانهون ڪريان ۽ سڄي جهان کي سندس ظلم جو داستان ٻڌايان: ماڻس ۽ پٿر ڪان ونئي شروع ٿيان، جو آءٌ خدا کان سواءِ ڪنهن کان نٿو ڊڄان.)

## حڪيم سنائي

هي برگزيدو شاعر، پنهنجي عارفانه بصيرت ۽ خيالن جي پاڪيزگيءَ سبب صوفي شاعرن جو ذري گهٽ امام تسليم ڪيو ويو آهي. خود مولانا رومي ڪيس پنهنجو اڳواڻ تسليم ڪيو آهي:

"عطار" روح بود و "سنائي" دو چشم او،
مـــا از پـس سنائـي و عـطـار آمـديـم.

هن صاحبدل بزرگ جي ڪلام ۾ به اسان کي هن قسم جا شعر ملن ٿا:

دوش سرمست نگارين من آن طـرفه پسر،
يـا يـڪ پيرهنـي يـا ڪـلهـي طـرفه بسر،
بوسه بـر دو لب مـن داد همـي از بـي عذر،
اينت شوريده نگـار اينت شڪـر بوسه به سر،
شادمـان گشـتـم ازيـن ڪارو گـرفـتـمش ڪنار،
همچـو تنگ شڪـر و حرمـن گل تنگ بـه بر،
او شد خواب و من از بوسه زدن بر دورخش،
با دو چشم و دورخش تـابه سحر جفت سحر.

(رات جو منهنجو اڙٻنگ محبوب ڇوڪرو شراب جي نشي ۾ جهومندو، ٽوپي ٽِندَ تي رکي مون وٽ آيو. سندس ڳلن تان پگهر جا ڦڙا هڪ هڪ تي ڪري رهيا هئا. اچڻ سان مون کي چميون ڏنائين. مون خوش ٿي ڪٽي پاڪر ۾ ورتس. هو نشي ۾ مست ٿي سمهي رهيو ۽ آءٌ سندس منهن ۽ اکين تي پرهه ڦٽيءَ تائين چميون ڏيندو رهيس.)

## عمر خيام

هي اڳيئي ناميارو آهي. پر اجا ڪوبہ اهڙو احمق نظر ڪونہ ٿو اچي، جو سندس شاعريءَ جي عظمت کان انڪار ڪري.

ابـريـق مـي مـرا شـڪسـتي ربا!
برمـن در عـيـش را بہ بستي ربا!
بـرخاڪ بدبختي مـي لعل و مرا،
خاڪم بدهن ڪہ سخت مستي ربا!

(مولا، منهنجي شراب جي صراحي ڀڃي وڌءِ؛ منهنجي عيش جو دروازو بند ڪري ڇڏيئي؛ منهنجو ڳاڙهو شراب مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيئہ! منهنجي وات ۾ ڌوڙ، پر تون بہ ڪو پيتل ٿو ڏسجين، مولا!)

گويند ڪہ فردوس بريـن خواهد بود،
آن جامـي ناب و حـور خواهد بود،
گرما مي و معشوق گزيديم چہ باڪ،
چـون عاقبت ڪـار چنين خواهد بود.

(چون ٿا تہ بهشت ۾ اٽلي شراب ۽ حورون ملنديون؛ جي ائين آهي تہ مون شراب ۽ معشوق سان سنگت رکي تہ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو، جو نيٺ بهشت ۾ بہ تہ اهي ئي ملندا.)

زاهد گويم بهشت يا حور خوش است،
من ميگويم شراب انگور خوش است،
اين نقد بگير و دست ازان نسيہ بردار؛
آواز دهـل شـنيـد از دور خوش است.

(دينداز زاهد ٿو چوي تہ حورن وارو بهشت ڏاڍو سٺو آهي. آءٌ ٿو چوان تہ انگور جو نهيل شراب سٺو آهي، جو هڪيو تڪيو تہ موجود آهي. بهشت جون رڳو ڳالهيون آهن، جن تي اعتبار ڪير ڪري؟ دهل جو آواز پري کان گهڻو ئي مٺو هوندو آهي، پر منجهس آهي ڪجهہ بہ ڪونہ.)

مائم خريدار مي کهنه ونو،
وانگاه فروشند عالم به دو جو،
گفتي پس ازمرگ کجا خواهم رفت،
مي پيش من آ رو هرڪجا خواهي رو.

(اسين پراڻي ۽ نئين شراب جا خريدار آهيون؛ باقي دنيا ۽ آخرت، سي ته جَوَ جي هڪ داڻي تي به ڪونه وٺون. مون کان ٿو پڇين ته مرڻ کان پوءِ ڪاڏي ويندين؟ مون کي شراب جو پيالو آڻي ڏي، پوءِ تون جيڏانهن وڻئي تيڏانهن وڃ.)

جمعي متفکر اند در مذهب و دين،
جمعي متحير اند در شک و يقين،
ناگاه منادي بر آيدز کمين،
کہ بيخبران! راه نہ آنست و نہ اين.

(ڪي ماڻهو مذهب ۽ دين جي ڳُٽتين ۾ پيا ڳرن، ته ڪي فلسفي جا راز پيا جاچين. اوچتو پردي پويان آواز آيو آهي ته اي بيوقوفو! واٽ نه هيءَ سڌي اٿوَ نه هوءَ.)

از آب گلم سرشتئہ من چہ کنم،
وين پشمِ قصب تو رشتئہ، من چہ کنم،
هر نيک و بدي ازمن آيد بوجود،
تو بر سر من نوشتئہ، من چہ کنم.

(تو ئي مون کي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ مان ناهيو، آءٌ ڇا ڪريان؟ تو ئي هي براين جو لباس پهرايم، آءٌ ڇا ڪريان؟ جيڪي منهنجي هٿان ٿئي ٿو. سو تو اڳيئي منهنجي تقدير ۾ لکي ڇڏيو آهي، آءٌ ڇا ڪريان؟)

در وقتِ بهار، اگر بت حور سرست،
پر مئي قدحي دهد، مرا برلب کشت،
گرچ بر هر کس اين سخن باشد زشت،
سگ به ازمن اگر برم نامِ بهشت.

(هن ڳالهه تي ماڻهو ضرور ڪاوڙجي پوندا، پر بهار جي موسم ۾ منهنجو حور جهڙو سهڻو يار جڏهن مون کي ساوڪ مٿان ويهاري، شراب سان ڀريل پيالو آڇي ڏئي، ۽ پوءِ جي آءٌ بهشت جو نالو ونان ته آءٌ ڪتي کان بدتر چئبس.)

قومي به بهشت و دوزخ اندر گروند،
ڪه رفت بدوزخ؟ و ڪه آمد ز بهشت؟

(ماڻهو بهشت ۽ دوزخ جي چڪر ۾ ڦاٿا پيا آهن: ڀلا پڇونِ ته ڪهڙو دوزخ ۾ ويو آهي؟ ۽ ڪهڙو بهشت مان ٿي آيو آهي؟)

به اين دوسه نادان ڪه چنان ميداني،
از جهل ڪه داناءِ جهان ايشانند.
خوش باش ڪه از خري ايشان به مثل،
هر ڪو نه خر است ڪافرش ميدانند.

(اهي ٻه ٽي احمق جن کي پنهنجي جهالت وچان دنيا جو وڏو عالم ۽ فاضل پيو سمجهين، شڪر ڪر جو تون به اهڙوئي گڏهه آهين جهڙا اهي آهن، ڇو ته جيڪو گڏهه نه آهي، تنهن کي هو ڪافر ٿا سڏين.)

## شيخ سعدي شيرازي

شيخ سعدي عليه الرحمت جي ذات ڪنهن به تعارف جي محتاج نه آهي. ليڪن عشقبازيءَ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو. هڪ دفعي ڪاشغر جي هڪ مدرسي ۾ هڪ سهڻي ڇيرو ڇوڪري کي ڏٺائين ته عربي گرامر جو ڪتاب پيو پڙهي ۽ ”زيد، عمر کي ماريو“ جو گردان پيو رٽي. شيخ صاحب رڙ ڪري چيس:

اي دلِ عشاق دامِ نو بصيد،
ما بتول مشغول و تو با عمر و زيد!

(اي سهڻا، عاشقن جون دليون تو وٽ قيد ٿي ويون: اسين توکي ڏسڻ ۾ مشغول آهيون ۽ تون وري ”عمر ۽ زيد“ جي گردان ۾ مشغول آهين!)

ڇوڪري کي جڏهن معلوم ٿيو ته هي شيخ سعدي آهي، تڏهين چيائينس ته اڳ ۾ ڇو نه ٻڌايئي ته آءٌ شيخ سعدي آهيان! شيخ جواب ڏنو:

باوجودت زمن آواز نيامد که "منم"

(تنهنجي هوندي ڪيئن چوان ته " آءٌ " به ڪو آهيان) ان ڪان پوءِ خوب رهاڻيون ٿيون. شيخ سعدي پاڻ لکي ٿو ته ان ڪان پوءِ هڪٻئي جي ڳلن تي چميون ڏنيونسين ۽ موڪلايوسين.

محبت جي باري ۾ شيخ صاحب جا خيال جديد کان جديد هئا. سندس چوڻ آهي ته هر سال نئينءَ زال سان عشق ڪرڻ کپي:

زن نو کن اي دوست در هر بهار.
که تقويمِ پارينه نايد بکار.

(يار، هر بهار ۾ نئين زال هٿ ڪر، پراڻي جنتري ته بيڪار ٿيندي آهي.)

صوفين ۽ ديندارن جي عشقبازيءَ جو پردو چاڪ ڪندي چوي ٿو:

محتسب در قضائي رندان است،
غافل از صوفيانِ شاهد باز!

(محتسب هٿ ڌوئي رڳو اسان رندن جي پنيان پيو آهي، پويان خبر ئي ڪانهيس ته ڇوڪري باز صوفي ڪهڙا ڪارناما پيا ڪن.)

سوئي مسجد آورد دکانِ شيخ،
که در خانه کمتر توان يافت صيد.

(ملان پنهنجي مڪر ۽ ٺڳيءَ جا چار ڪٽي مسجد ۾ ماڻهو ڦاسائڻ آيو آهي، ڇو ته گهر ۾ اهڙو ٺڳيءَ جو موقعو نٿو مليس.)

مرا راحت از زندگي دوش بود،
که آن ماه رويم در آغوش بود.

(رات زندگيءَ جو خوب لطف مليم، جو هو چنڊ جهڙو سهڻو منهنجي ڀاڪر ۾ هو.)

مــؤذن غلــط گفــت بانــگ نمــاز،
مگر همچون من مست و مدهوش بود!

(ٻانگو، ٻانگ ڏيڻ ۾ پلجي پيو آهي. پاڻيان ٿو تہ مون وانگر ئي نشي ۾ ٻڏل آهي.)

عشــق بازي نہ مــن آخـر بہ جهان آوردم،
يا گناهي است کہ اول من مسکين کردم.

(عشق بازي کا مون هينئر دنيا ۾ ڪانہ آندي آهي، نکو ڪو آءٌ مسڪين پهريون عشقباز آهيان.)

تــو گــر دعــوا کنــي پرهيــزگاري،
مصــدق دانمــت والله اعــلم:
و گر گوئي کہ ميل خاطرم نيست،
مــن اين دعــویٰ نمــي دارم مسلم.

زاهد کي چوي ٿو تہ (جي تون چوين تہ پرهيزگار آهيان تہ وسهندس، پوءِ سچ ڪوڙ خدا ڄاڻي؛ پر جي چوندين تہ مون کي عيش پرستيءَ ڏانهن لاڙو ئي ڪينهي تہ آءٌ هرگز ڪين وسهندس.)

هيچ کس بي دامن تر نيست اما ديگران،
بازمي پوشند و ما در آفتاب افگنده ايم.

(افعال سيني جا ٻچڙا آهن، فرق رڳو ايترو آهي تہ ٻيا لڪ چپ ۾ پيا ڪن ۽ آءٌ کليو کلايو پيو ڪريان.)

اي مسلمانــان بــہ فريــادم رسيد،
کــان فلانــي بي وفائــي مي کند،
يار من اوباش و قلاش است و رند،
لـبـک بــر مـن پارسائــي مي کند.

(مومنو، اوهان کي دانهن ٿو ڏيان: منهنجي يار مون سان سخت ظلم ڪيو آهي. هوڏانهن سخت لوفر، ڪٽل ۽ شرابي آهي، پر مون کي سنوت نٿو ڏئي. چي آءٌ پرهيزگار آهيان، اهڙو ڪم نہ ڪندس.)

## امير خسرو دهلوي

طوطيءِ هند حضرت امير خسرو جي ڪمال ۽ بلنديءَ جي ڪهڙي تعريف ڪجي! فرمائي ٿو:

گرشما دين عاشقان داريد،
بعد ازين پيش بت نماز ڪنيد.

(جي عاشق جي دين جا پوئلڳ هجو، تہ اڄ کان پوءِ هن سهڻي معشوق اڳيان نماز پڙهو.)

گاه مردن شنيده ام محمود،
گفت رويم سوي اياز ڪنيد.

(چون ٿا تہ محمود مرڻ مهل وصيت ڪري ويو تہ منهنجو منهن ڪعبي بدران منهنجي محبوب اياز ڏانهن ڪجو.)

من آن ترڪ طناز را مي شناسم،
من آن مايہء ناز را مي شناسم.

(آءٌ هن شوخ ترڪ ڇوڪري کي چڱيءَ طرح سڃاڻان: رات شراب جي نشي ۾ مست ٿي جيڪي گاريون پئي ڏنائين، تن منهنجي دل ٺاري وڌي؛ مون آواز مان ئي سڃاتو تہ هو آهي.)

## خواجہ حافظ شيرازي

لسان الغيب خواجہ حافظ شيرازي نہ رڳو ايران پر ساريءَ دنيا جي عظيم ترين شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. مغربي نقادن ڪيس دنيا جي ٽن عظيم ترين شاعرن مان هڪ عظيم ترين شاعر قرار ڏنو آهي. اسلامي دنيا ۾ بہ حافظ جي شاعرانہ ڪمال جو جهنڊو هميشہ کان سربلند رهندو اچي. هن بزرگ جو ڪلام عشق، محبت، رندي، مستي ۽ آزاد خياليءَ جي جذبن، ۽ ريا، مڪر ۽ مذهبي تعصب خلاف احتجاج جو هڪ لافاني داستان آهي.

رنــدان همه ترکِ مــي پرستــي کرند،
جز محتسبِ شهر کہ بي مي مست است.

(رند تہ سڀ شراب پرستي ڇڏي ويا، پر ملان ري پيالي مست ٿيو پيو گهمي.)

شعرِ حافظِ شيراز مي گويند و مي رقصند
سيه چشمانِ کشميري و ترکانِ سمرقندي

(حافظ شيرازيءَ جو شعر ڪارين اکين وارا ڪشميري ڇوڪرا ۽ سمرقندي جوانڙا پڙهن پيا ۽ نچن پيا.)

بکوي مي فروشان بہ جامي در نمي گيرند
زهي سجاده تقويٰ کہ يک ساغر نمي ارزند

(نمازين کي جنهن پاڪ مصلي تي ناز آهي، سو اسان مستن جي دنيا ۾ شراب جي هڪ پيالي جي بہ مٺ نہ آهي.)

گرچہ پيرم تو شي ننگ در آغوشم کش،
تــا سحر گه ز کنــار نــو جــوان برخيزم.

(اي محبوب جيتوڻيڪ پوڙهو ٿي ويو آهيان، تہ بہ هڪ رات پنهنجيءَ ڪڇ ۾ سوگهو ڪري سمهارينم، تہ صبح جو نوجوان ٿي پوندس.)

بيا تــا گل برافشانيم و مــي در ساغر اندازيم
فلک را سقف بشگافيم و طرح نو در اندازيم

(اچو تہ گل وڇايون ۽ پيالن ۾ شراب اوتيون. هن آسمان جي ڇت کي ڦاڙي، ڪنهن ٻيءَ دنيا جو بنياد وجهون.)

گرچ بدنامي است نزد عاقــلان،
ما نمي خواهيم ننگ و نام را.

(جيتوڻيڪ ڏاها انهيءَ کي بدناميءَ جي ڳالهہ سمجهندا، پر اسان کي عزت ۽ ناموس گهرجي ئي ڪانہ.)

خوش وقت رندِ مست کہ دنيا و آخرت،
از دست داد و هيچ غمِ بيش و کم نداشت.

(سڀاڳو آهي اهو مست شرابي، جنهن دنيا ۽ آخرت تان هٿ کڻي ڇڏيو، ۽ ان جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ اٿس.)

من رند و عاشق و آن گاه توبہ،
استغفر الله، استغفر الله.

(مون جهڙو شرابي ۽ عشق باز ٿي ڪري، ههڙي وقت توبهہ تائب ٿئي؟ انهيءَ ڪان شل خدا پناهہ ڏئي!)

سخن درست بگويم نمي تواند ديد،
که مي خورند حريفان و من نظاره کنم.

(سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ ٻيا شراب وينا پيئن ۽ آءٌ وينو ڏسان، سو مون کان سَنو نہ ٿيندو.)

شيخم بہ طنز گفت، حرام است مي مخور،
گفتم برو کہ گوش بهر خر نمي کنيم.

(ملان مون کي ٽوڪ هڻي چيو تہ ميان شراب حرام آهي، متان پئين! مون چيس تہ ٺر، آءٌ هر ڪنهن گڏهہ جي ڳالهہ تي ڌيان نہ ڏيندو آهيان.)

بيا بميخانہ و چهره ارغواني کن
مرو بصومعہ که آنجا سياه کار انند

(شراب خاني ۾ هليو اچ ۽ منهن کي شراب سان لعل ڪر: خبردار، پرهيزگارن جي حجرن ڏانهن متان ويو آهين، جو اتي سياهڪار وينا آهن.)

اي دل، طريقِ مستي از محتسب بياموز،
مست است و در حقِ اوکس گمان ندارد.

(اي دل، رندي ۽ مستيءَ جو سبق سکڻو اٿيئي تہ ملان ڪان سک، جو اهڙيءَ ڪيڏ سان شراب پيئي ٿو جو ماڻهن جي ليکي ويچارو ساڌ ۽ پاڪ آهي.)

باده با محتسبِ شهر نہ نوشي زنهار،
که خورد با تو مي و سنگ بہ جام اندازد.

(خبردار، شهر جي قاضيءَ کي پاڻ سان گڏ شراب متان پيارين، جو هو شراب بہ پي ويندءِ ۽ پيالو بہ پٽي ڇڏيندءِ.)

صوفيان جملہ حريف اند و نظرباز ولي،
زان همه "حافظ" سودا زده بدنام افتاد.

(هي پهتل صوفي بزرگ سڀ حقيقت ۾ وڏا حريف نظرباز آهن، پر بدنام ڪٽي چرئي حافظ کي ڪيو اٿن.)

## رومي

مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنويءَ کي شاعرن "فارسي زبان جو قرآن" ڪري سڏيو آهي.

مثنوي و معنوي و مولوي،
هست قرآن در زبانِ پهلوي.

نڙڪو نقادن ۽ نقط چينن لاءِ اعتراض جو اهو بہ سٺو موقعو آهي، ڇاڪاڻ تہ قرآن فقط هڪڙو آهي، جو عربيءَ ۾ آهي ۽ خدا جو ڪلام آهي. بظاهر هڪ انسان جي ناهيل قصن ڪهاڻين جي ڪتاب کي "قرآن" ڪوٺڻ سراسر ڪفر نہ آهي، تہ ٻيو ڇا آهي!

مولانا روميءَ جي عظمت ۽ بلنديءَ بيان ڪرڻ جو هي موقعو نہ آهي: هتي فقط سندس ڪي شعر ڏجن ٿا، جن مان سندس شوخيءَ ۽ مستيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

بزيرِ ڪنگره ڪبريائي مردانند،
فرشتہ صيد، پيمبر شڪار، يزدان گير.

(هن بلند ۽ بالا آسماني گنبد جي هيٺان اهڙا بہ مرد پيا آهن، جن جي پنجوڙ ۾ ملائڪ قيد ۽ پيغمبر شڪار ٿيا پيا آهن: خود خدا بہ وٽن ڦاٿو وينو آهي.)

علامہ اقبال انهيءَ ساڳئي خيال کي هنن لفظن ۾ ادا ڪيو آهي (يا بقول سنڌيءَ جي هڪ نقادچيءَ جي، ’چورايو آهي‘.)

يزدان بہ کمند آور، اي همتِ مردانہ!

(اي مرداني همت، وڏي خدا کي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاساءِ.)

من ز قرآن مغز دا برداشتيم،
استخوان پيش سگان انداختيم.

(مون قرآن جو مغز هٿ ڪري ورتو، باقي جيڪي ”هڏيون“ رهيون، سي ڪتن جي اڳيان اڇلائي وڌيم.)

هن شعر ۾ بظاهر قرآن مجيد جي شان ۾ جيڪا بي پناه گستاخي آهي، تنهن جي وضاحت جي ضرورت ئي ڪانهي.

# (14)

# عربي شاعري

عرب شاعريءَ جو عظيم ترين دور، اسلام کان اڳ وارو دور ليکيو وڃي ٿو. سڀ عرب نقاد انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته عرب شاعري گذريل تيرهن سؤ سالن ۾ اسلام کان ٿورو اڳ جي شاعر، امراء القيس، جي پايي جو ڪو شاعر پيدا ڪري نه سگهي آهي. خود حضور اڪرم ﷺ جن ڪيس شاعرن جو امام سڏيو آهي.

سندس شعر ۽ سندس همعصرن جي شعر جي عظمت جو جيڪو ڏاڪو عربن جي دلين تي وينل آهي، تنهن جو اندازو هن ڳالهه مان ئي لڳائي سگهجي ٿو ته اموي ۽ عباسي دور جي شاعرن کي انهيءَ ڪري به سند طور تسليم نه ڪيو ويندو هو، ڇاڪاڻ ته اهي امراء القيس جي دور جا نه هئا. صرف ان دور جو شاعر هجڻ ئي عربن وٽ شعر جي بلنديءَ ۽ ڪمال جو قطعي دليل ليکيو ويندو هو.

اها حقيقت آهي ته عرب شاعريءَ جيتوڻيڪ پوين دورن ۾ يزيد بن معاويه، اخطل، فرزدق، ابو نواس، المتنبي ۽ ابو العلیٰ معري جهڙا باڪمال شاعر پيدا ڪيا، ليڪن سندن ڪلام ۾ امراء القيس، لبيد، نابغه زيبائي ۽ ان دور جي ٻين شاعرن واري بيساختگي، جذبات جي شدت، تخيل جي بلندي ۽ فطري حسن جو جواب ڳولڻ عبث آهي.

عربي شاعريءَ جو مفصل جائزو ڪنهن ٻئي موقعي لاءِ ڇڏي، اسين هتي فقط شاعرن جي شهزادي امراء القيس جون به ٽي جهلڪون پيش ڪريون ٿا، جنهن مان اسان کي سندس شعر جي موضوعن ۽ انداز جو پتو پوندو.

”. . . سهڻي ڇوڪري! تون مون کي معمولي عاشق ڪري نه سمجهه. آءٌ اهو آهيان جنهن تي عورتون ائين بريءَ طرح فدا هونديون آهن، جو جڏهن آءٌ ساڻن هم آغوش هوندو آهيان، تڏهن انهن جا ڪير پياڪ ننڍڙا ٻار رڙيون پيا ڪندا آهن، پر تڏهن به هو پنهنجو ڌڙ نه ڇورينديون آهن ـــ لاچار رڳو ڇاتي ٿوري پاسيري ڪري ڪين ٿڃ پيارينديون آهن.“

”. . . جاني اهو ڏينهن ياد اٿئي، جڏهن اوهان جو قبيلو لڏي پئي ويو؟ ۽ تون ڪجاوي اندر اٺ تي چڙهي وڃي رهي هئينءَ، تہ اوچتو تو تي منهنجي نظر پيئي، ۽ اٺڪل سان لڪي ڪجاوي ۾ چڙهي آيو هوس ۽ تو دانهون ڪري ڏپ وچان چيو هو تہ ’هي ڇا ٿو ڪرين،؟‘ مون بي اختيار توکي ياڪر وجهي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو.“

مشرقي زبانن جي هن جائزي مان آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ عظيم شاعري هميشہ ۽ هر دور ۾ پنهنجي زماني جي ذهني ۽ فڪري پابندين، مذهبي عقيدن ۽ ’اخلاق‘ جي اڪري اڙتين ڦڙتين ڪان بالاتر رهي آهي. اڄ تاريخ، جن عظيم شاعرن ۽ فنڪارن جو نالو ادب ۽ احترام سان پنهنجي سيني ۾ محفوظ رکيو ويٺي آهي ۽ انسانيت پنهنجي جن فرزندن جي فن ۽ ڪمال تي ناز ڪري ٿي، سي اهي ئي آهن، جن پنهنجي ماحول جي زنجيرن کي پنهنجي فڪر جي قوت سان ٽوڙي، زماني جون لعنتون ۽ عتاب اکين تي رکي، پنهنجي جگر جي خون سان فن ۽ سخن جي چمن جي آبياري ڪئي آهي.

هنن ڪمال جرات ۽ بيخوفيءَ سان پنهنجي دور ۽ ماحول کي بي نقاب ڪيو آهي. جيڪڏهن حافظ، خيام، فردوسي، رومي، امير خسرو، شاهہ سچل ۽ ٻيا پنهنجي دور جي گهٽيل ۽ ٻوساٽيل ماحول ڪان بغاوت نہ ڪن ها، ۽ فقط اهي شعر چون ها، جي سندن پاڙيوارن، سندن حاڪمن ۽ ديني اختياريءَ وارن کي ئي قبول پون ها، تہ جيڪر هو جيئري دفن ٿي وڃن ها ۽ ڪنهن کي بہ خبر نہ هجي ها تہ انهن نالن وارا ماڻهو بہ ڪي دنيا ۾ هئا.

هنن جن خيالن جو اظهار ڪيو آهي، سي نہ رڳو ان زماني جي تنگ نظر حلقن ۾ ناپسند هئا، پر هر زماني ۽ هر دور ۾ تعصب ۽ ڪوتاهہ نظري مٿن الزام ۽ ملامت جا تير اڇلائي سگهندي. جيڪڏهن ”شاهہ“ خدا کي راڻي، تماچي ۽ پنهونءَ جي نالن سان ياد ڪرڻ جي جرات نہ ڪري ها؛ جيڪڏهن سچل، بلا شاهہ، فريد، عطار ۽ سنائيءَ جهڙا شاعر ”اناالحق“ جو نعرو هڻندڙ دل ۽ گردو نہ رکن ها؛ جيڪڏهن سعدي، حافظ ۽ خيام پنهنجي زماني جي رياڪاري، فريب ۽ ڪوڙيءَ پرهيزگاريءَ جا ڇوڏا نہ لاهين ها؛ ۽ جيڪڏهن اقبال يزدان جي دامن چاڪ ڪرڻ جي ڌمڪي نہ ڏئي ها؛ تہ سندن فن ۾ اهو عظيم خلوص، سچائي، وجدان، حسن ۽ ڪمال هرگز پيدا نہ ٿئي ها. هو سيڪاريل طوطن وانگر ٻين ڪان ٻڌل ٻوليون

ٻوليندي ختم ٿي وڃن ها، ۽ ڪجهي وڃي ڏرتيءَ اندر ائين دفن ٿين ها، ۽ وري ائين ٻڌجن به نه ها، ڄڻ هئا ئي ڪونه.

سچ ته هي آهي ته شيخ اياز ۽ هن دور جا نوجوان سنڌي اديب، انهن عظيم استادن جي بيباڪيءَ، شوخيءَ ۽ گستاخيءَ جي مقابلي ۾ بلڪل ڏبيل ۽ سنجيده مزاج لڳن ٿا. درحقيقت اسان جا جيڪي نکن جا نقادچي هنن جهيٽن ۽ نرم آوازن کي ٻڌي حواس باخته ٿي ويا آهن، تن کي گهرجي ته پنهنجي بچاءَ لاءِ هو سرڪار کي درخواست ڪن ته اها انهن سيني مٿي ذڪر ڪيل اردو، فارسي ۽ عربي شاعرن جي مڙني ڪتابن کي باه ڏياري ڇڏي ۽ سندن شعر پڙهڻ تي پابندي وجهي. ڇو ته جيستائين فن ۽ فڪر جي انهن امامن جو ڪلام زنده آهي، تيستائين هر دور ۽ هر زماني ۾ جرات، رندي، مستي ۽ بيباڪيءَ جون صدائون فضا ۾ گونجنديون رهنديون، هر دور ۽ هر زماني ۾ ”اياز“ پيدا ٿيندا رهندا، جيڪي نوس نوس ڪنڌڙ نقادچين جون ننڊون حرام ڪندا رهندا ۽ سندن ڪمزور دليون ڪنبائيندا رهندا.

# (15)

آيــل ان نــہ وســهــان هنجــون جــي هاريــن،
آڻــيــو آب اکيــن ۾ ڏيــهــہ کـــي ڏيکــاريـــن،
سڄڻ جي سارين، سي نکي رون نہ چون کي.
(شاهه)

سنڌ جي ادب دشمن ٽولي جو چوڻ آهي تہ موجوده سنڌي ادب غيـر اسلامي ۽ ڪافرانہ آهي.

سندن انهي چالاڪيءَ واري نعري کي ٻڌي، اول تہ سيڪو سوچڻ لڳندو تہ ٻيلي اها ڳالهہ تہ برابر نهي ڪانہ ٽي. غير اسلامي شيءِ ڪابہ ڪانہ ڪپي. هجي تہ اسلامي هجي نہ تہ وڃي اوڙاهہ جي تري ۾ پئي! اسلامي ملڪ ۾ غيـر اسلامي شيءِ! توبهہ!

هـن ٽـولي کـي بـہ اهـوئي يقـين آهـي تـہ مـاڻهو ضـرور ائـين سـوچي سـندن پروپئگنڊا جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي پوندا.

اچو تہ انهيءَ نعري کي ٽورڙو غور سان جاچيون. پهريون سوال آهي تہ آيا ائين آهي چا تہ دنيا جو هر ڪم، هر شيءِ، هر فن يا پيشو اسلامي يا غيـر اسلامي ٿي سگهي ٿو ــ يعني ائين آهي چا تہ اهو فن يا تہ ضرور اسلامي هوندو نہ تہ ڪافر! مثال طور، ڪيلن جي پوک پلا دنيا ۾ ڪا "اسلامي ڪيلن جي پوک" ۽ "غير اسلامي ڪيلن جي پوک" بہ ٿي سگهي ٿي چا؟ يا انجنيري سائنس يا فن کي وٺو. مسلمانن جو انجنيري فن تہ ٿي سگهي ٿو. پر انجنيري سائنس کي اسلامي انجنيري، يهودي انجنيري يا هندو انجنيري ڪوني سگهجي ٿو چا؟ حجامت، ڪڙمت، دڪانداري، ٻيڙي هلائڻ ــ چا انهن مان ڪنهن بہ هڪ پيشي ۽ ڌنڌي کي ڪافر يا مسلمان پيشو سڏي سگهجي ٿو؟ پلا ائين بہ ڪو چئي سگهبو تہ ڪپڙي اڻڻ جو ڏانءُ يا هنر مسلمان آهي يا ڪافر! يا ڳائڻ جي فن کي وٺو. ڳائڻ ۾ سر، تار، پلٽا، مرڪون، ميندڙيون وغيره ٿين ٿيون. سپاٽي کو توهان وٽ ڊوڙي اچي توهان کي دانهن ڏئي تہ محمد جمن يا استاد منظور خان فلاڻو غير اسلامي پلٽو

هنيو يا نسيم شاهين جي فلاڻي تال نج اسلامي هئي، ته توهان جيڪر ڪيس چا سمجهو؟!

البت ڳائڻو، انجنير، هاري، دڪاندار، بيڙيءَ وارو، وغيره مسلمان يا هندو ٿي سگهي ٿو. پر سندن هر، دڪان، بيڙي، انجنيري، سر تار، نه هندو ٿي سگهي ٿو نه مسلمان. هي فن ۽ پيشا آهن، جن جا پنهنجا قاعدا قانون آهن. سارين جي پوک ڪي ڪڏهين پاڻي ڏجي، جاءِ ۾ گهٽو سيمنٽ ڪتب آڻجي، بيڙيءَ ڪي واءُ جي سامهون ڪيئن هلائجي ـــ اهي اٽڪلون، ڏانو ۽ هنر مذهب سان سڌيءَ طرح ڪوبه واسطو نٿا رکن. انهن تي ڪفر يا اسلام جو نالو رکڻ، ڪفر ۽ اسلام سان مذاق ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟

ساڳيءَ طرح شاعري به هڪ فن آهي، جنهن جو مذهب سان سڌيءَ طرح ڪوبه واسطو ڪونهي. شاعري تڏهين ڪان آهي جڏهين نه عيسائيت هئي، نه هندومت، نه ڪفر نه اسلام. شاعريءَ ۾ تشبيهون، استعارا، تخيل، فرضي ڳالهيون، حسن ۽ عشق جون ڳالهيون هونديون آهن. ان جو بنياد وڌاءُ ۽ مبالغي تي ٻڌل آهي. ڪوبه مذهب وڌاءُ، مبالغي ۽ فرضي ڳالهين جي بيان ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي.

مثال طور شاعر جي محبوب جو منهن پلي ”ڪارو الله ڪي پيارو“ هجي. پر هو ضرور چوندو ته اهو سج چنڊ کي شرمائي ٿو. اهو نسورو ڪوڙ آهي، جنهن جي هر مذهب منع ڪئي آهي. قرآن مجيد جي مشهور آيت آهي ته ’شاعرن‘ جي پويان فقط گمراهه ماڻهو لڳندا آهن. انهيءَ ڪري ڪابه شاعري اسلامي ته ڇڏيو. مذهبي شاعري به ٿي نه ٿي سگهي. اهوئي سبب هو، جو ڪيترا عرب شاعر جڏهن مسلمان ٿيا، ته شاعريءَ تان هٿ ڪڍي ويا. امراء القيس عرب جي لاثاني ۽ قابل صد فخر شاعر جو لقب ئي ”گمراهه بادشاهه“ رکيو ويو.

ان بعد، روءِ زمين تي هڪڙو به شاعر پيدا نه ٿيو آهي ۽ نه ٿي سگهي ٿو، جنهن جي شاعريءَ کي نج اسلامي ڪوني سگهجي. ڇاڪاڻ ته شاعري آهي ئي هٿراڌو ڳالهين ناهڻ جو نالو ـــ ڪوڙ کي سچ ڪري ڏيکارڻ جو نالو. ايتريقدر جو توهان ڏسندا ته اها شاعري جنهن ۾ رڳو الله ۽ رسول جي تعريف ڪيل آهي، سابه صحيح معنيٰ ۾ اسلامي ڪانهي ـــ ڇاڪاڻ ته ان ۾ به وڌاءُ آهي، مرچ مصالحا آهن، ڳالهه جي مصنوعي ناهه نوهه لاءِ تشبيهون آهن، استعارا آهن. مثال طور، هرٽيءَ واري معجزي واريءَ مدح شريف ۽ ٻين مدحن ۾ حضور جن جي واتان ڪيتريون

ڳالهيون چوايون ويون آهن، جي بلڪل فرضي آهن. ساڳئي حالت نورنامي جي آهي. مير انيس، دبير ۽ ثابت علي شاهه جا مرثيا پڙهو: ائين پيا ڳالهه ڪن ته ڄڻ پاڻ اتي هڪيا تڪيا موجود هئا. زمين آسمان ملايو هڪ ڪريو ڇڏين. يا رومي ۽ سعديءَ جون حڪايتون ڪڻو. اهي ائين بيان ڪيون ويون آهن، ڄڻ ته سچا واقعا آهن، حالانڪ اهي فرضي ڳالهيون آهن ــ جي ماڻهن کي نصيحت ڏيڻ لاءِ چيون ويون آهن.

ظاهر آهي ته اها محض شاعري آهي، ۽ جنهن شيءِ جو نالو شاعري آهي، سا وڌاءُ، بناوت، مرچ مصالحي کان سواءِ ٿي نٿي سگهي، ۽ جنهن شيءِ ۾ وڌاءُ ۽ مرچ مصالحو هجي؛ جيڪا هٿ جي ناهه تي ٻڌل هجي، ان کي اسلامي يا مذهبي سڏڻ حماقت ناهي ته ٻيو ڇا آهي!

البت شاعر مسلمان، هندو، عيسائي ٿي سگهن ٿا، ۽ ظاهر آهي ته سندن مذهب ۽ عقيدي جو سندن شاعريءَ تي ضرور اثر پوي ٿو. پر شاعري نيٺ شاعري آهي. اها فقه ۽ حديث شريف جو ڪتاب يا ويد يا شاستر ٿي نٿي سگهي. اها بنيادي طرح نه هندو آهي نه مسلمان.

اهوئي سبب آهي جو خود انهن نام نهاد ”اسلام دوست“ شاعرن جي شاعريءَ کي ڏسندؤ ته اهوئي زٽ، اهوئي ڪوڙ، وڌاءُ، اهائي معشوقن جي تاڙ، سندن ناز نخرن جي تعريف ۽ ٻيون غير اسلامي، غير شرعي ڳالهيون نظر اينديون، جيڪي شاعريءَ ۾ هميشه هونديون آهن.

اسلام پرائيءَ عورت جي پچار، ڇيڙ ڇاڙ، زناني خواه مرداني حسن جي اپٽار، نڪاح ٻڌي زال کان سواءِ ٻيءَ عورت سان اظهار عشق ڪرڻ کي سنگين جرم قرار ڏئي ٿو.

تاج الشعرائي، استاد الشعرائي ۽ ملڪ الشعرائي وغيره ”اسلام پرست“ شاعر صاحب جيڪي عشق جا دفتر ڀرين ٿا، گيت لکن ٿا، غزل چون ٿا، جن محبوبن جي ڪمرين، سرو قدن، نرگسي نيڻن، ڪافر ادائن، عشوه طرازين، ستم رانين جا قصا جهان کي مزا ونيءَ وني ٻڌائين ٿا، سي عورتون ڪير آهن؟ گستاخي معاف، اهي زالون سندن نڪاح ٻڌل آهن ڇا؟ جي ها، ته پوءِ ٻه انهن جو ائين ذڪر جائز ۽ شرعي آهي ڇا؟ جي نه ته پراين نياڻين سان عشق ڪرڻ، انهن لاءِ اهڙا خيال ظاهر ڪرڻ ۽ جهان ۾ خواري مچائڻ کي از روءِ شريعت ڇا چئبو آهي؟ پر جي اهڙيون عورتون مرڳو آهن ئي ڪونه ۽ هو رڳو هٿ جون وينا هڻن،

ته پوءِ اهو ڪوڙ ۽ لغو بياني ناهي؟ ڇا واقعي سندن جگر سڙيل آهن، سينا ڪباب ٿيل آهن؟ ڇا وقعي هو رات جو تارا ڳڻيندا آهن ۽ ڏينهن جو ڪپڙا ڦاڙي صحرائن ۽ رڻن پٽن ۾ ڏڪا جهليندا آهن ـ جيئن هو پنهنجن شعرن ۾ ماڻهن کي ٻڌائيندا آهن! ڇا ائين ناهي ته سندن شعرن جو لفظ لفظ هٿ جو ناهه، خيالي پلاءُ، نسورو زٽ آهي؟ جي ها، ته پوءِ اهي ڪوڙن جا دفتر غير اسلامي ناهن، شريعت جي خلاف ناهن؟ ڇا سندن شاعري ڪوڙي، مبالغه آميز، فحش، بداخلاقيءَ جي رغبت ڏيندڙ ۽ غير اسلامي نه چئبي؟

اخبار نويسيءَ جي ڏنڌي کي ونو. اخبار نويس مسلمان ٿي سگهن ٿا ۽ آهن، پر اخبار نويسيءَ جو پيشو نه هندو آهي نه مسلمان. دنيا ۾ ڪابه خالص اسلامي اخبار نويسي ۽ ڪافر اخبار نويسي ٿي نٿي سگهي. مثال طور اسان جي هِنن ئي شاعرالشعرائي شاعرن جي حمايتڻ هڪري روزاني اخبار سڄو ڏينهن چپن سان ”اسلام“ ”اسلام“ آلاپيندي رهندي آهي؛ پر ڇاڪاڻ ته اخبار آهي، تنهنڪري هر اهو ڪم ڪري ٿي جيڪو ٻيون اخبارون ڪن ٿيون. عيسائي خبررسان ايجنسين جون خبرون ڇاپي، نشيدار شين جا اشتهار ڇاپي، اڌ اگهاڙين عورتن جا شهوت انگيز فوٽا ڇاپي، پڙهندڙن کي مٽن عاشق ٿيڻ جي ترغيب ڏئي، سندن سهوليت لاءِ اهڙين عورتن جون ائڊريسون ڇاپي، ڪوڙ بدوڙ ڇاپي، ڪنهن ڪاموري جي گلا ته ڪنهن جي تعريف ڇاپي، هٿ جون خبرون نوڪي، وڏن ماڻهن جي شان ۾ ڪنڌ ڌوڻي مدحون ۽ قصيدا پڙهي، مخالفن تي گارين جا ڌوڙيا وسائي ـــ مطلب ته ڇا ڇا نه ٿي ڪري! ۽ ائين ڪري ٿي، ڇو ته اخبار نويسي آهي ـــ جو هڪ پيشو، هڪ فن آهي. ان جا پنهنجا قاعدا قانون آهن، جن جو ڪنهن خاص مذهب سان سڌو واسطو ڪونهي.

ڪجهه ڏينهن ٿيا، جو حيدرآباد ۾ چؤطرف واڪايون ملي ويون ته ”ڪافر“ اديبن ۽ سندن رسالن ـ (سنڌي ادبي بورڊ جي) ”مهراڻ“، (پاڪستان سرڪار جي) ”نئين زندگي“، ۽ (نوجوان اديبن جي پنهنجي) ”روح رهاڻ“ وغيره جي غير اسلامي ادب جي مقابلي ۾ ”اسلام دوست“ اديب هڪڙو نج اسلامي ادبي رسالو ڪڍي رهيا آهن. چيوسين شڪر آهي ته دنيا ۾ هڪڙو خالص اسلامي ادبي رسالو نڪتو، جنهن مان اها خبر ته پوندي ته آخر ”اسلامي ادب“ ڇا آهي. گهڻيءَ مدت کان پوءِ رسالو نڪتو. سيني سمجهيو ته اسلامي رسالي ۾ ظاهر آهي ته قرآن ۽ حديث، خدا ۽ رسول (صلعم) جون ڳالهيون هونديون، اڪابرين اسلام جا تذڪرا هوندا،

صفحي صفحي تي اسلامي نور جا تجلا چمڪات ڏيندا؛ پر جڏهين رسالو ميدان ۾ آيو، تہ سيني جا وات ڦاٽي ويا. سنڌ ۽ هند بلڪ دنيا جو پهريون سو في صدي نج اسلامي ادبي رسالو سڄو فلمي پرين جي شهوت انگيز تصويرن، سندن حسن جي قصيدن ۽ عشق جي داستانن سان ڀريو رهيو. نيٺ ٿورن ئي مهينن ڪان پوءِ رسالي جي نام نهاد اسلام پسند ايڊيٽر ڪي، پنهنجي دعوا تان هٿ ڪڍي، رسالي کي مرڳوئي خيرباد چوڻو پيو.

هاڻي، سوال آهي تہ جڏهين اهي نام نهاد اسلام دوست اديب پاڻ اهڙيون ڪوڙيون، بي بنياد، فحش شيون، ۽ اخبارون ۽ فحش رسالا ڇاپيين ٿا ۽ انهن تي ناز ڪن ٿا، تہ پوءِ ڇا اها سراسر منافقي ۽ مڪاري ناهي، جو هو پاڻ کي اسلام جا محافظ، دين جا علمبردار، خدا ۽ رسول تان سر صدقي ڪرڻ وارا سڏائي، ٻين تي ڪفر جون فتوائون عائد ڪن ۽ ڀالن ڀولن مسلمانن کي جوش ڏيارين تہ "عملي قرباني ڪريو؟"، "جهاد ڪريو!" يعني ٻين لفظن ۾ نئين دؤر جي شاعرن ۽ اديبن کي قتل ڪريو!

هاڻي وري اچون "اسلامي ادب" جي سوال تي. فرض ڪريو تہ ادب اسلامي ۽ غير اسلامي تي سگهي ٿو. ظاهر آهي تہ ان حالت ۾ پاڻ کي اسلامي ادب کپي، غير اسلامي نہ کپي. هاڻ اچو تہ غير اسلامي ادب کي ڪڍي ٻاهر ڪريون ۽ ڏسون تہ پاڪستاني مسلمانن لاءِ کهڙو نج اسلامي ادب ٿو بچي، تہ اهو رکون ۽ ٻئي تي بندش وجهون. دنيا جي ادبي آسمان جي روشن ستارن — شيڪسپيئر، ڪاليداس، هومر، دانتي، ٽالسٽائي، گوئٽي، سقراط، ارسطو، والمڪي، تلسيداس، ڪبير، ميرا ٻائيءَ جو ادب تہ پهرئين ڌڪ سان خارج ڪرڻو پوندو. ڇو تہ هو عيسائي ۽ هندو هئا. هاڻ وڃي رهيا مسلمان اديب. فردوسيءَ لاءِ محمود غزنويءَ جا درٻاري چوندا هئا تہ هو رافضي ۽ آتش پرست هو. اهو بہ ڪڍي ڇڏيو. غالب ۽ خيام بدنام شرابي هئا. اهي بہ ڪڍو. اقبال بہ مغرب زده هو. ان تي بہ ڪفر جون فتوائون نڪتل هيون. پر ان کي هاڻ سرڪار نامدار عظيم شاعر تسليم ڪيو آهي، تنهن ڪري اهو ڇڏيون ٿا.

هاڻي اچون ٿا ٻيءَ منزل تي. اسلام جا ٻہ مکيہ فرقا آهن — شيعا ۽ سني. فارسي ۽ ايراني شاعر گهڻو ڪري شيعا هئا. سنڌ ۾ اڪثريت سنين جي آهي، جي شيعن جي عقيدن کي غلط بلڪ ان ڪان بہ ڪجھ ٻيءَ طرح ٿا سمجهن. ان ڪري اڪثر ايراني شاعرن کي، سني عقيدي موجب، اسلامي شاعر ڪين ڪوٺي

سگھبو. ساڳيءَ ريت شيعہ مسلمانن لاءِ وري سني شاعر ۽ اديب صحيح معنيٰ ۾ اسلامي شاعر ۽ اديب ڪين ٿي سگھندا. تنھنڪري چٽائيءَ لاءِ هر ڪنھن ادبي تخليق جي مٿان عنوان سان گڏ لکٽو پوندو ”اسلامي غزل (سني)“، ”اسلامي افسانو (شيعہ)“. اڳتي هلي شايد ٻين فرقن جي ديني عقيدن مطابق ادب پيدا ڪرڻ جي ضرورت پوي ۽ هن قسم جا عنوان ڏيٽا پون: ”اسلامي وهابي ناول“، ”اسلامي اسماعيلي بيت“، ”اسلامي اهلحديث ڏوهيڙا“، ”اسلامي اهل قرآن ناولٽ“، ”اسلامي قادياني آزاد نظم“، ”جماعت اسلامي ناٽڪ“، وغيره، وغيره.

ظاهر آهي تہ هر ماڻھو صرف پنھنجي فرقي جي ديني عقيدن واري شاعر ۽ اديب کي صحيح عقيدي وارو سمجھندو ۽ فقط ان جو ئي ادب سندس نظر ۾ ادب هوندو. ان ڪري هر شاعر ۽ اديب کي بہ اها صفائي ڪري ڇڏڻي پوندي تہ هو ڪھڙي فرقي جو اديب ۽ شاعر آهي. شايد پوءِ هن قسم جا تخلص رکجن ـــ ”از جناب آتش قادياني“، ”از جناب مجبور وهابي“، ”از علامہ جليل اثناعشري“ وغيره وغيره.

قصو رڳو اتي ختم ڪونہ ٿيندو. هڪ پيرو ادب کي اديب جي ديني عقيدن جي بنياد تي تورڻ شروع ڪيو ويو، تہ پوءِ هي بہ فيصلو ڪري ڇڏڻو پوندو تہ شاهہ لطيف، سچل، بيدل، شاهہ عنايت، بابا فريد وغيره ڪھڙي عقيدي جا هئا. چو تہ جي لطيف سائين سني هو، تہ پوءِ ظاهر آهي تہ شيعن، وهابين ۽ ٻين فرقن جي مسلمانن جي لاءِ سندس تخليق ڪيل ادب غلط بلڪ غير اسلامي ليکبو ۽ هو فقط پنھنجي هم عقيده سنين جو شاعر ليکبو. اهڙيءَ ريت گڏريل سيني شاعرن ۽ اديبن جي عقيدن جي جاچ ڪرڻي پوندي، ۽ اهو فيصلو ڪبو تہ هو ڪھڙي فرقي جا شاعر ٿيڻ جا مستحق آهن.

اسان مٿي ڏسي آيا آهيون تہ مڪار، منافق ۽ جعلي تنقيد جي آئيني ۾ لطيف جھڙو بي مثال ۽ لافاني حق پرست شاعر بہ دهريو، ڪميونسٽ ۽ قريل نظر اچي سگھي ٿو. اسان عربي ۽ فارسيءَ جي نامور شاعرن جا ڪي شعر ڏنا آهن، تہ اهي بہ اهڙا آهن، جن تي ڪٽر مذهبي خيال ڪان جائز يا ناجائز هجڻ جي نڪتہ چيني ٿي سگھي ٿي.

لاڙ ۾ پھاڪو آهي تہ فلاڻو ”سُري بہ ٿو، ٿپي بہ ٿو!“ جعلي ۽ مصنوعي ”اسلام دوست“ نقاد نون اديبن جي بلڪل سنون سڌن شعرن ۽ لکيتن کي غير اسلامي سڏين ٿا. پر جڏهين چئجين ٿو تہ ”ٻيلي! اهي معمولي شاعراڻيون

ڳالهيون آهن، انهن ۾ ڪابہ بي ديني ۽ بداخلاقي ڪانهي: اهڙيون ڳالهيون سعدي، حافظ، رومي ۽ لطيف بہ چيون آهن“: تہ وريو ونيو مڪريل ۽ تيرنهن تالين رنن واري پِٽَ ۽ ماتم وجهن تہ ”ڏسو! ڏسو! هي بي دين صوفين ۽ درويشن جي شان ۾ گستاخي تا ڪن!“ حالانڪ گستاخي، بي ادبي ۽ بدتميزي تہ اها آهي تہ جيڪي ڳالهيون عظيم شاعر عام طرح چون ٿا، اهڙي قسم جي شاعراڻين ڳالهين کي هي جاهل بداخلاق ۽ غير شرعي نهرائين ٿا! بهرحال اچو تہ انهيءَ معاملي جي چند ڇاڻ ڪري ڇڏيون.

پهريون سوال آهي تہ ڀلا اسين انهن عظيم شاعرن جو ادب ڇو ٿا ڪريون؟ هڪڙي ڳالهہ تہ صاف آهي تہ رومي، سعدي، حافظ، خسرو: لطيف، سچل، وغيره نعوذ باالله، خدا نہ هئا، پيغمبر نہ هئا، ملائڪ نہ هئا، معصوم نہ هئا. نڪي نور مان بنيل هئا. هو هن ڌرتيءَ جي خاڪ مان ٺهيل خاڪي ۽ خاطي انسان هئا.

ساڳيءَ طرح بنيادي طور هو نہ مفسر هئا نہ محدث، نہ فقيہ ۽ مفتي. فقہ جي معاملي ۾ اهي سمورا شاعر ابو حنيفہ، ابو يوسف، امام حنبل جي مقابلي ۾ ڪجهہ ڪونہ هئا. تفسير، حديث ۽ ٻين علمن جا استاد بہ ٻيا هئا، هو ڪونہ هئا. پير، ولي ۽ صوفي هجڻ جي سلسلي ۾ ڪانئن ٻيا وڏا ولي صوفي پيا آهن. پيران پير دستگير بادشاهہ، غوث بهاوالحق، خواجہ اجميري وغيره اوليائن جا جيترا مريد ۽ معتقد روءِ زمين تي موجود آهن، انهن جي مقابلي ۾ سعدي، حافظ يا خود لطيف ۽ سچل جي مريدن جو تعداد بلڪل ٿورو ۽ نہ برابر آهي. نہ وري هو ڪي ممتاز عالم هئا. ظاهر آهي تہ بوعلي سينا، الفارابي، ابن خلدون، ابن رشد، غزالي وغيره مسلمان عالم پنهنجي پنهنجي علم جي جيڪا اٿاهہ ڄاڻ رکندا هئا، تن جي مقابلي ۾ لطيف، سچل، حافظ، سعدي ۽ رومي بلڪل طفل مڪتب هئا. هو پنهنجي پنهنجي زماني جا خالد بن وليد، محمد بن قاسم، طارق جهڙا مجاهد ۽ اسلامي جنرل بہ ڪونہ هئا. نڪي بادشاهہ يا خليفا هئا. نڪي وري هنن ڌارين ملڪن ۾ تبليغون ڪري ڪافرن کي مسلمان ڪيو.

تہ پوءِ ساڻن ايڏو پيار ڇو ٿو ڪيو وڃي؟ هو ڀلا ڪهڙيءَ ڳالهہ ۾ پنهنجيءَ جاءِ تي ممتاز آهن؟

هو هن ڪري ممتاز آهن، جو هو سڀ ڪان پهرين ۽ سڀ ڪان پوءِ عظيم شاعر ۽ ڏات جا ڏڻي هئا. اها شيءِ جا وٽن هئي ۽ امام ابو حنيفہ، پيران پير دستگير عليہ الرحمت، خواجہ اجميري، محمد بن قاسم، بوعلي سينا، غزالي ۽ ابن

رشد وٺ ڪانہ هئي، سا آهي سندن شعر جي ذات. خالص شاعراڻي حيثيت ئي اهو پيڙهہ جو پٿر آهي جنهن تي سندن لافاني عظمت ۽ ابدي ناموس جا رنگين ۽ خوبصورت محلات اڏيل آهن.

عظيم شاعر عظيم انسان هوندا آهن. پر پوءِ بہ انسان هوندا آهن. انسان جي دل هڪ اٿاهہ سمنڊ آهي. جنهن ۾ قسمين قسمين لهرون اٿن ٿيون. عظيم شاعرن سڀ شيون هڪڙي قسم جون نہ چيون آهن، نہ تہ عظيم نہ ٿين ها. هنن انسانن جون ڳالهيون ڪيون آهن ۽ نہ ملائڪن جون. تنهنڪري سندن شاعريءَ ۾ انساني بلندين توڙي پستين، عظمتن توڙي ڪمزورين، خوبين توڙي برائين جو عڪس آهي. ازانسواءِ هو پاڻ بہ انسان هئا ۽ نہ ملائڪ، سندن سوچ بہ انسانن جي هئي ۽ نہ ملائڪن جي. تنهنڪري هنن رڳو تسبيح ۽ تحليل نہ ڪئي آهي پر انسانن جي دلچسپيءَ جون ڳالهيون بہ ڪيون آهن — پيار جون، عشق جون، شوخيءَ جون، شراب جون، ڪارين ڪڪوريل اکين جون، جوڀن جي ڏينهڙن جون، چندن سان چڪ ٿيل چوٽن جون، ناز ۽ نياز جون، پيار ۽ نفرت جون، آس ۽ پڇتاءَ جون، فريبي ملن جون، ظالم حاڪمن جون، مهانگو لهي ميڙيندڙن جون، ڏيهہ جي ڏکارين موذين جون، وغيره وغيره. پر انهيءَ جي اها معنىٰ ڪانهي تہ هو مسلمان ڪونہ هئا، سندن شاعريءَ تي اسلام جو اثر ڪونهي يا هنن پنهنجي دين جي خدمت ڪانہ ڪئي. ائين برابر آهي تہ هنن ملا جي خدائي فوجداري مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي، واعظ جي چاڙي بازيءَ جو پاندو قوڙيو آهي، قرآن کي شڪار جو ڦندو ڪري ڪتب آڻيندڙن تي ملامت وسائي آهي. جيڪڏهين ڪو ماڻهو ڪاٺ ملان جي چيلي بنجڻ کان سواءِ مسلمان ٿي نٿو سگهي، تہ پوءِ انهن شاعرن جي مسلماني برابر خطري ۾ آهي.

پر جيڪڏهن اسلام دنيا جي سمورن انسانن واسطي آهي ۽ صرف چند شخصن جو نيڪو نہ آهي، جيڪڏهن اسلام پيار، محبت، صلح، نيڪي، رحم، عدل، همدردي، حق پرستيءَ جو مذهب آهي، تہ پوءِ هنن شاعرن پنهنجي عظيم انساني شعر سان جيڪا خدمت ڪئي آهي، تنهن تان هزارها مجاهدن، عالمن، فيلسوفن ۽ اڪابرن جي عظمت بہ قربان آهي. هو نہ صرف اسان نالي جي مسلمانن جا شاعر هئا، پر بني نوع انسان جا شاعر ۽ انسانيت جا عظيم فرزند هئا. درحقيقت هو عظيم مسلمان انهيءَ ڪري هئا جاڪاڻ تہ هو اول عظيم ۽ پيارا انسان هئا، جن مذهب کي ماڻهن ڦاسائڻ جي سرڪڻ ڦاهي نہ پر پيار، انساني

پائيپيءَ، خدا ترسيءَ، رحم ۽ عدل جو سرچشمو ڪري ٿي ليکيو. هنن خدا جون ڳالهيون ڪيون آهن، رسول جون ڪيون آهن، دين جون ڪيون آهن، تصوف جون ڪيون آهن، ۽ ان سان گڏ عام انسانن جون، سندن دل جي حال جون، خواهشن جون، خوفن جون، مصيبتن ۽ مسئلن جون بہ ڪيون آهن. ڇو تہ مذهب هنن جي نظر ۾ انسان ۽ سندن مسئلن کان الڳ ناهي.

اڄوڪي دور جا شاعر بہ انهن عظيم شاعرن جي نقش قدم تي آهن ۽ سندن عظيم روايتن کي پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

# (16)

## ملين منو ماءُ پتو ڦٿو پيٽ ۾
## سجاڻي الله ٿبي ڏنائين ڏوڙ ۾
## (شاهه)

پاڪستان دنيا جي پوئتي پيل ملڪن مان هڪ آهي. اسين 90 سيڪڙو بي علم آهيون. غريب ۽ مفلس آهيون، جن کي پنڻ کان پڙهڻ ياد ڪونهي. خاص ڪري سنڌ ۾ ته حالت ٻين علائقن کان به بدتر آهي. چوندا آهن ته مصيبت ايندي آهي ته اڪيلي ڪانه ايندي آهي. ٻارن ٻچن سان ايندي آهي. رڳو بي علمي ڪانهي، پر غريبيءَ ۽ جهالت جي ڪلرانيءَ ۽ پوسل واريءَ زمين ۾ جيڪي مرض ۽ جيوڙا هميشه هوندا آهن، سي سڀ آهن — ويساهه وسوڙپ، خوف، ابوجهائي ۽ هيڻائي، ڦرلٽ ۽ دٻاءُ.

مروان موت ملوڪان شڪار. پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌي ماڻهن جي اها بدنصيبي ۽ بدحالي ڏسي، گهڻن جو مڪو مچي ويو آهي. خطره جان نيم حڪيمن، خطره ايمان نيم ملن، ۽ نوڳي پيرن جي ٻيگهي متل آهي. شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ ابوجهه ماڻهن ۾، جاڙي باز دوا فروش جي لباڙ اڳيان پاڪستان ته ڇا پر يورپ جي مسيحا صفت، جراح ڊاڪٽرن جي به دال ڪانه ٿي ڳري.

امت مسلمه جي عظيم ترين علمائن ۽ دين اسلام جي بي مثال علمبردان — مولانا محمد علي، عبيدالله سنڌي، جمال الدين افغاني، جن پنهنجيون زندگيون مسلم قوم جي نجات لاءِ وقف ڪري ڇڏيون، تن جي 99 سيڪڙو ماڻهن ڪي خبر ئي ڪانهي ته ڪهڙي باغ جون موريون هيون. جي هاڪ ۽ ڌاڪ آهي ته ڳوٺ جي تعويذ فروش ملان ۽ شيعي سنيءَ جا جهڳڙا ڪرائيندڙ فتواباز جي، ڌمال ڪري جن ڪيندڙ پوپي جي، چلو ڪدي پٽ ڏيندڙ پير جي. هتي هر شيءِ ابتي آهي. آفيسر ڪان پٽيوالي جي آڪڙ وڏيڪ: ايس پي ته ڪٽي ڇڏي، پر پوليس واري ۽ پڳيءَ جي ٽيپ ڪير جهلي؟ ڪورٽ ته ضامن ڪنيو، پر ڪلارڪ جي ڪٽي! ماڻهن جي جهالت ۽ مفلسيءَ مان جاوا ڪندڙ، مٿيرا گهمندڙ شخص، علم ۽ سمجهه، سچ ۽ نيڪيءَ، عدل ۽ انصاف، فضل ۽ ڪمال، ڏاهپ ۽ ڏات کي پنهنجو جاني دشمن

ٿا سمجهن. آهن بہ حق تي. ماڻهن کي جيڪڏهن ڪوئينن ۽ پنسلين جهڙين يڪ ٽڪ ۽ سستين دوائن جي فائدن جي خبر پئجي وڃي، تہ دوا فروش مسيح الملڪن، پوپن، تعويذ فروش ملن ۽ ڦيٽا ڦوڪارا هڻي علاج ڪندڙ پيرن ۽ نيم حڪيمن جو پونگو برابر پينگ تي ويندو.

ماڻهو جيڪڏهين انساني عقل ۽ دماغ جي عظيم ڪارنامن کان واقف ٿي وڃن، علم جي دولت سان مالا مال ٿي وڃن، روءِ زمين ۾ جيڪي وهي واپري پيو تنهن جي جاڻ رکن، تہ پوءِ آڪڙباز وڏيري، ڦورو ڪاموري، ٺوڳي پير، فتوا فروش ملان، قوم فروش سياستدان جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟

انهيءَ ڪري اونده ۾ شڪار ڪندڙ وحشي بگهڙن جو ٽولو، رڍن جون کلون اوڍي، ”اسلام“ ”اسلام“ جا نعرا هڻندو، ٻتال ٿيو، ملڪ ۾ هميشہ ڊوڙندو رهي ٿو. هي اُهي هستيون آهن، جن ”ختم نبوت تحريڪ“ جي نعري هيٺ پنجاب ۾ مسلمانن جا ڪوس ڪرايا هئا ۽ مارشل لا لڳارائي هئي. پاڪستان جي چيف جسٽس، منير، جي اڳواڻيءَ هيٺ هنن فتنہ بازن جي مچايل فسادن بابت جيڪا تحقيقاتي ٽربيونل مقرر ٿي هئي؛ تنهن سندن ڳالهين کي چڱيءَ طرح بي نقاب ڪيو هو.

سنڌ، سندس ٻولي، ثقافت، تمدن هنن پيشہ ور فسادين ۽ گرگ شڪارين جي نظر ۾ ڪجھ بہ ڪونهن.

سنڌي ادب ۽ سنڌي اديبن خلاف هلندڙ سازش ۾ جيڪي سنڌي مير جعفر ۽ مير صادق اڄ جهل نٿا ڏين، سي درحقيقت انهن وڏن گرگن ۽ چالباز بگهڙن جا ننيڙا ساٿي بنجي ڪم ڪن ٿا.

هيءَ فقط شروعات سنڌيءَ سان آهي. اڄ سنڌي ادب ۽ اديب خراب آهن، سنڌي ڪاليج ۽ يونيورسٽيون ۽ شاگرد خراب آهن، سنڌي اخبارون خراب آهن؛ سڀاڻي سنڌ جي سمورن مطالبن ۽ گهرن، حقن ۽ حقوقن کي غير شرعي، غير اسلامي قرار نهرائي، سنڌ جو گلو گهٽيو ويندو.

تاريخ ڏيکاري ٿي تہ هڪ پيرو ڪنهن کي خدائي فوجدار بنجڻ ڏنو ويو، هڪ دفعو نسل، مذهب يا ڪنهن نعري جي فريب ۾ اچي ڪنهن قوم پاڻ کي اهڙي قسم جي ڊڪٽيٽريءَ جي چنبي ۾ ڏنو، تہ پوءِ هميشہ لاءِ سندس قسمت تي بدبختيءَ جي مهر لڳيو وڃي.

هي ٻگهلا ڀڳت، جيڪي اچ "اسلام، اسلام" ڪريو ڦاٽيو ٿا پون، انهن اسلام جي نالي ۾ هر شريف انسان کي ڏنگيو آهي.

تاريخ ۾ اهو ڪهڙو عظيم مسلمان، ڪهڙو قوم جو عظيم فرزند، ڪهڙو باڪمال شخص آهي، جنهن کي هنن اسلام جي نالي ۾ تنگ نہ ڪيو هجي يا ڪيس ڪافر نہ نهرايو هجي.

اهي ڪير هئا، جن فتوا ڏني هئي تہ انگريز حاڪم عادل آهي، ڪيس لک ولين جي طاقت آهي، ۽ سندس تابعداري ڪرڻ شرعي فرض آهي! اهي ڪير هئا، جن جي فتوا سان بيت المقدس تي گوليون هليون هيون؟ اهي ڪير هئا، جن اسلام جي نالي ۾ هندستاني مسلمانن کي تعويذ لکي ڏنا هئا تہ وڃي ترڪ مسلمانن کي ڪهو ۽ عربن کي انگريزن جو غلام بنايو؟ اهي ڪير هئا، جن تحريڪ خلافت کي ناجائز ۽ غير اسلامي نهرايو هو ۽ انگريز جي چوڻ تي چيديءَ عربيءَ ۾ حديثن ۽ قرآن شريف مان ثابت ڪري ڏيکاريو تہ انگريز خلاف جيڪو ڪچندو سو ڪافر آهي؟ اهي ڪير هئا، جن مولانا محمد عليءَ، ڪمال پاشا، مولانا آزاد، محمد علي جناح، اقبال کي ڪافر، ٽڙيل ۽ لعنتي قرار ڏيئي، انگريز بهادر وٽ سرخروئي حاصل ڪئي هئي؟ اهي ڪير آهن، جي هر سال نہ رڳو سنڌ بلڪ سڄي پاڪستان ۾ شيعي، سني ۽ وهابي، ۽ مقلد، غير مقلد وغيره جا جهيڙا اٿاري مسلمانن کي ويڙهائڻ جو ديني فرض ادا ڪندا آهن؟ اهي ڪير آهن، جن هميشہ "آمين" دل ۾ پڙهڻ يا زور سان پڙهڻ، ۽ نور يا بشر جهڙين ڳالهين جو سهارو وٺي، امت مسلمہ کي چيري، ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ڪيس دنيا ۾ ذليل ۽ خوار ڪيو آهي؟

ڪنهن زماني ۾ علماء ڪرام جو ڪم هو ڪافرن کي مسلمان ڪرڻ، مسلمانن کي ڪير ڪنڊ ڪرڻ، اسلام کي رحمت جو سايو ثابت ڪرڻ. اهڙا شريف، نيڪ نيت ۽ پرخلوص عالم هر دور ۽ هر زماني ۾ موجود رهيا آهن ۽ رهندا. پر هي ٻيا وري مسلمانن کي ڪافر بنائڻ وارا آهن. هي ويڙهائڻ، ڏار ڪرڻ، فتني پيدا ڪرڻ وارا نام نهاد اسلام پسند ۽ اسلام دوست آهن، جن جي ڪتاب ۾ صرف هڪڙو اکر لکيل آهي ـ "فتنو!"

اقبال ويچاري کي بہ اهڙا سور ڏنائون جو رڙيون ڪندو ويو:

دين ملا في سبيل الله فساد!

جماعت اسلاميءَ جا چوڌرا اڄ سنڌ ۾ اسلام جي حالت تي پار ڪدي پيا روئن ۽ سنڌ سان وڏيون همدرديون پيا ڏيکارين، پر هو ان وقت ڪٿي هئا، جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ مان نيڪالي ٿي ملي؟ غلام محمد بئراج جي زمين جي پاليسيءَ بابت لکها مسلمان هارين ۽ ڪاتيدارن کي جيڪي سور آهن، تنهن بابت سندن زبان مان هڪڙو اکر بہ نہ نڪتو. سنڌي عوام اڳيان تعليم، روزگار، نوڪرين، سياسي حقن جا جيڪي مسئلا آهن، تن بابت سنڌ جا هي همدرد چو هيستائين چپن کي چنو لايو ويٺا آهن؟ ڇا سنڌ سان همدردي رڳو سنڌي نوجوانن تي ڪفر جي فتوائن ڪڍڻ تائين محدود آهي ۽ بس؟

ٻڌو اٿئون تہ حيدرآباد جي هڪڙي سياسي بزرگ کي بہ سنڌ جي ڏاڍي ڳڻتي ٿي پيئي آهي، ۽ هن صاحب بہ ڪرم فرمائي سنڌي ادب تي ڪفر جي فتوا ڪڍڻ فرمائي آهي. هي صاحب خيرن سان سنڌيءَ جي الف ب بہ ڪانہ ڄاڻي، پر سنڌ ۾ ”سب چلتا هي“. هتي ”ڪچ ۾ پچي بہ ڪونہ، سنڌ ۾ والٻائي“ وارو حساب آهي. جيڪو گهر ڪان رسي، سو سنڌ جي ڪنهن بہ ڳالھ تي فتوا ٺوڪي سگهي ٿو.

هيءَ ڳالھ نوٽ ڪرڻ جي قابل آهي تہ اُن صاحب ۽ جماعت اسلاميءَ جي چوڌرن اردو ادب بابت هڪ اکر بہ نہ ڪڇيو آهي. ان جو سبب اهو ڪونهي تہ هو اردو ادب ڪان ڪورا آهن ۽ سنڌيءَ جا عالم فاضل آهن، ڇو تہ اهڙن ماڻهن کي ”ڄاڻ“ ۽ ”خبر“ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي، هو گهر ويٺي مريخ ۽ چنڊ جي بناوت، ائٽمي پرماڻن جي طاقت، هٽلر جي جنگي پاليسيءَ، سواهلي ٻوليءَ جي گرامر ــ مطلب تہ ڪنهن بہ شيءِ تي في سبيل الله ڪهڙو بہ بيان ٺوڪي سگهن ٿا.

پر سبب اهو آهي، جو اردوءَ جا ڏٽي ڏوٽي ويٺا آهن. اردو ادب بابت هي هڪڙو اکر ڪڇن ها، تہ جيڪر کين هڪدم لغام ڏنو وڃي ها ۽ اخبارن ۽ رسالن ۾ هنن جاهلن جي دست اندازيءَ خلاف اهو طوفان مچي وڃي ها، جو کين پڇڻ جي پيٽي ڪانہ ملي ها. ازانسواءِ اردو ادب ۾ کين اهڙا هڪيا تڪيا مير جعفر ۽ مير صادق بہ نہ ملن ها، جهڙا هتي اسان وٽ موجود آهن. تنهن ڪري هنن جي مرلي اردوءَ بابت تہ بند آهي. باقي رهي سنڌي، سا تہ جڳ جي جوءِ آهي. چوندا آهن تہ ”ڏاڍي تي ٻچيانس تہ اٿي ئي ڪونہ: هيٺي ڪان جهليانس تہ جهل ئي نہ ڏئي“ ــ سو سنڌ بابت تہ هي جهليا جهل ئي نٿا ڏين. پر کين ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌ جو باشعور طبقو هاڻي اهو ڪونهي جهڙو هي سمجهن ٿا.

سنڌ جو عوام هاڻي نعري باز ۽ بيان باز مدارين جي ڍيٻڪيءَ تي ڀولڙي وانگر نچڻ لاءِ تيار ڪونهي. اهو پنهنجي حقن، مفادن، مسئلن کي سمجهي ۽ پروڙي ٿو.

سنڌ جو تعليم يافته طبقو هاڻي بي ضمير ۽ مطلبي فتوائن جي وڪڙ ۾ اچڻ کان چار ڏينهن وڏو ٿي ويو آهي. محب وطن سنڌي هر قيمت ۽ هر صورت ۾ سنڌ ۽ پاڪستان کي هڪ روشن خيال، آزاد ۽ ترقي يافته ملڪ بنائڻ جو فيصلو ڪري چڪا آهن. ڪين اها به خبر پئجي چڪي آهي ته اسلام ڪنهن جي زر خريد ملڪيت ڪانهي. ان جو ٺيڪو ڪنهن کي به مليل ڪونهي. اهو پاڪستان ۽ دين جي ڪروڙها مسلمانن جو مشعل راهه آهي، ۽ نه ڪن چند ٺڙڪو ملن ۽ بليڪ ميلرن جي جاگير.

تنهنڪري ڪين ڪابه فتوا ڪوبه دڙڪو، دهمان ۽ پروپئگنڊا پنهنجي عظيم مقصدن کان روڪي نه سگهندي.

جي لوڻ لڳين لائين، ڇيري ڇيري ڇم،
مون ڪر اڳي ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعوا دم، تان تان پرت پنهوار سان.
(شاهه)

# (17)

## پائـي ڪــان ڪمــان ۾ ميــان مــار م مــون
## مون ۾ آهين تون متان تنهنجوئي توکي لڳي!
(شاهه)

اڄ سڄيءَ دنيا جون قومون اها ڳالهه تسليم ڪن ٿيون تـه ادب قومن جي صحت ۽ واڌاري لاءِ هڪ لازمي خوراڪ آهي. سچائيءَ، حب الوطنيءَ ۽ انسان دوستيءَ تي ٻڌل زنده، بي خوف ۽ بي ريا ادب کان سواءِ ڪابہ قوم زنده سڏائڻ جي حقدار ڪانهي.

ازانسواءِ زنده قومون پنهنجي پراڻي توڙي نئين عظيم ادب کي جيءَ ۾ جاءِ ڏين ٿيون. انگلنڊ نہ رڳو 16 صديءَ جي شيڪسپيئر تي ناز ڪري ٿو، پر هن دور جي 'ماهر' ۽ 'ايليٽ' کي بہ احترام جي جاءِ تي ويهاري ٿو. گوئٽي جي جرمنيءَ ۾ برٽولڊ ۽ ٿامس مئن لاءِ عقيدت جي بہ گنجائش آهي. عظيم ٽالسٽاءِ جي وطن روس کي پنهنجي اڄوڪن عظيم اديبن، شولوخوف ۽ اهرنبرگ، تي بہ فخر ۽ ناز آهي. غالب ۽ مير جا پرستار فيض ۽ جوش جي قدر ۽ قيمت کان بہ واقف آهن.

اڄ فيض ۽ جوش خود سرزمين سنڌ ۾ ڪنهن ٽنڊي محمد خان جهڙي ننڍي شهر ۾ قدم رکن ٿا، تہ پان وڪڻندڙ اردو ڳالهائيندڙ کان وٺي سي ايس پي آفيسرن تائين سڀ سندن پيرن ۾ پنبڻيون وڇائين ٿا. هو اهو نٿا ڏسن تہ حضرت جوش، پنڊت نهروءَ جو خاص دوست هو، يا فيض تي راولپنڊي سازش جي بغاوت جو مقدمو هليو هو. هو سندن ڪردارن ۽ نظرين جي آپريشن نٿا ڪن. هو رڳو اهو ڏسن ٿا تہ اردو زبان ههڙا لازوال ۽ بي مثال شاعر وري الائي ڪڏهن پيدا ڪري!

اها فقط سنڌ جي بدبختي آهي جتي، "ڪُتَ ڍڳي جو ماءُ پيئڻ سان خار" وانگر، پنهنجي کي چاڙهڻ بدران ڪيرائڻ فرض سمجهيو وڃي ٿو. پنهنجن خلاف بهتان طرازي ۽ چغلخوريءَ ۾ مير جعفر ۽ مير صادق جي رڪارڊ ٽوڙڻ تي فخر ڪيو وڃي ٿو.

اڄ سنڌ کي پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجي ثقافت، پنهنجي اقتصادي حقن جي حفاظت ۽ واڌاري لاءِ ٻڌيءَ ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي. هھڙي وقت ۾ سنڌي ادب جي خدمت ڪندڙن جي صفن ۾ ڦوٽ وجهڻ، ماڻهن جو ڌيان سنڌ جي اصل مسئلن تان هٽائي ڪين تفرقي بازيءَ جي اوجهڙ ڏانهن ڌڪڻ، ڪين پنهنجن هڏڏوڪي ۽ دلير ۽ روشن خيال نوجوان نسل کان بدظن ڪرڻ، پنهنجي ادب جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون کڙيون ڪرڻ ـــ اهي اهڙا تاريخي جرم آهن، جي ڪابه زنده ۽ سجاڳ قوم ڪڏهن به برداشت نه ڪندي. اهڙن وطن دشمن ماڻهن کي اڄ ڪٿي ڪيڏو به ڏکيو رسو چو نه هجي، ڪين في الحال ڪٿي ڪھڙيون به ”ڪاميابيون“ چو نه نظر اچن پر سنڌ جي تاريخ ۾ سندن ذڪر سياهه اکرن ۾ ڪيو ويندو ۽ ايندڙ نسل مٿن ڦٽ لعنت ڪندا.

انهن مان ڪي ته بلڪل لاعلاج آهن. وچونءَ وانگر هو پنهنجي فطرت کان مجبور آهن. هو ڪھڙي به دور ۾ هجن ها، ڪھڙي به ملڪ ۾ هجن ها، ضرور ڪانه ڪا چغلخوري، ڪانه ڪا فتنه انگيزي، ڪانه ڪا وطن دشمني ڪن ها. پنهنجن کي ڪنهن نه ڪنهن نموني ڏنگين ها.

پر ڪيترا اهڙا به آهن، جن کي خبر ئي ناهي ته هو ڇا پيا ڪن. هو فقط نعري بازيءَ جو شڪار ٿين ٿا. اهڙن ٻي خبرن کي به اکر عرض ڪرڻ تي دل چوي ٿي:

دوستو، پائرو! سنڌي ادب کي اڄ دنيا جي ٻين ترقي يافته ٻولين جي ادب جي معيار تي آڻڻ لاءِ سوَن، هزارن اديبن، شاعرن، محققن ۽ لکندڙن جي ضرورت آهي. توهان ۽ اسان سڀيئي پنهنجي مٺڙي وطن جي پرت جا پانڌيئڙا آهيون. جنهن کان جيترو پڄي، اهو اوتري وک کڻي. توهان کي اياز ۽ امداد جي شاعري پسند ناهي، جمال ۽ جليل جا افسانا نٿا وڻن، گراميءَ ۽ جويي جا مقالا ۽ مضمون پنهنجي معيار جا نٿا لڳن، ته فڪر ناهي. پاڻ سنو. توهان پنهنجي پسند تي انهن کان بهتر، سٺا ۽ وڌيڪ صحتمند شعر، افسانا ۽ مضمون لکو. جيڪي غلطيون هو ڪن ٿا، سي توهان نه ڪريو. بهتر شيون ميدان ۾ موجود ڏسي، ڪوبه گهٽ شيءِ قبول نه ڪندو. توهان به رسالا ڪيو، مشاعرا ڪريو، جشن ملهايو، اها ئي وطن جي خدمت آهي. اهوئي صحيح طريقو آهي غلطين کي درست ڪرڻ جو. ڪوٽي ۽ ڪري جي پرک به ائين پوندي. ادبي اختلافن جو فيصلو به ائين ٿيندو رهيو آهي. سرڪار نامدار کي ٻيا به گهڻا ڪم آهن. اهو ان جو فرض نه آهي ته

ويهي فيصلا ڪري تہ فلاڻي جو غزل سٺو يا فلاڻي جو. فلاڻو ڪرو اديب يا فلاڻو ڪوڙو. نہ ئي وري اديبن جي شان وٽان ئي اها ڳالهہ آهي تہ ڪين جيڪڏهن ڪنهن مشاعري ۾ داد نہ ملي، تہ سڌو وڃي ٿاڻي تي رپورٽ ڪن تہ فلاڻي شاعر ڪي ڪاٺ ۾ وجهو، جو انهيءَ ڪري مون کي داد نٿو ملي.

اڄ سنڌي ادب کي نوجوان خواه بزرگ هر قسم جي اديب جي ضرورت آهي. اچو تہ ادب دشمنيءَ ۽ وطن دشمنيءَ جو تڏو پٽي، سڀ گڏجي، ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، وطن ۽ قوم جي خدمت ڪريون. اچو تہ قلم جي لڄ رکون ۽ لاڪيٽي لطيف جي هدايت تي عمل ڪريون ـ

وڳر ڪيو وتن پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهوئا ميٺ گهٽو!

ٽيڪسٽ انٽري ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڪِلڪ ڪريو: http://geocities.com/sindhiawami